
صحرا ۾ سج
عبد مگسي
گلشن

# صحرا ۾ سِجُ

(شاعري)

## عبد مگسي

گلشن پبليڪيشن- حيدرآباد
زخمي زاهد / ڪامران عبد مگسي
سنڌي ادبي سنگت شاخ سويو مگسي

حق ۽ واسطا شاعر وٽ محفوظ


ڪتاب جو نالو : صحرا ۾ سِجُ

شاعر : عبد مگسي

ڇاپو پهريون : 2012ع

لي آئوٽ/ڊزائين : مور ساگر

ڪمپوزنگ : جهانزيب علي جوڻيجو

ساحل پرنٽرز رابعه اسڪوائر حيدرآباد.03332634650

ڇپائيندڙ : زخمي زاهد، ڪامران عبد مگسي (ساس شاخ سوڀو مگسي)

ڇپيندڙ : گلشن پبليڪيشن حيدرآباد

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.


Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپنا

- وڏڙن ۽ والدين جي نالي
  جن جٽيو، نپايو ۽ پڙهايو

- سنڌ ڌرتي
  جتي جنم ورتو

- استادن جي نانءُ
  جن ذهني اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

**عبد مگسي**



عبدالستار "عبد" مگسي

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| • مهاڳ | تاج جويو | 07 |
| • ليکڪ پاران اڻپورا ويچار | عبد مگسي | 13 |
| • حمد باري تعاليٰ / نعت رسول مقبول صہ | | 19 |
| مرثيو / نوحو | | |
| • وائيون / ڪافي | | 33 |
| • غزل | | 45 |
| • نظم | | 103 |
| • چؤسٽا | | 137 |
| • ٽيڙو | | 155 |
| • رايا / ويچار | | 161 |

## مهلڳ

جديد شاعريءَ جو ڪينواس نهايت وسيع تي چڪو آهي. شيخ اياز ۽ ان جي هم عَصرن جيڪا واٽ گهڙي آهي، ان تي گهڻ ۾ گهٽ ٽن پيڙهن پنهنجا ڪاميابيءَ سان قدم رکيا آهن ۽ اها هڪ وڏي سرهائيءَ جي ڳالهه آهي ته جديد سنڌي شاعريءَ جي رنگ، سنڌ جي روايتي شاعريءَ جي باقيات کي بہ پنهنجي رنگ ۾ رنڱي ڇڏيو آهي. هڪ دؤر هو جو روايتي شاعرن جي شاعري، گل ۽ بلبل، جام ۽ صراحيءَ جي ذڪر ۽ ايران ۽ لکهنو جي تهذيبي ۽ ادبي زمين جي تشبيهن ۽ استعارن جو چربو معلوم ٿيندي هئي پر روايتي شاعرن جي صف مان تمام گهڻا اهڙا شاعر اُڀري آيا جن وٽ راويتي شاعريءَ جي لوازمات سان گڏ پنهنجي مِٽي جي مهڪ/خوشبوءَ ۽ پنهنجي ماحول جو رنگ اُڀري آيو ۽ هُنن حالتن ۽ زماني جي اثرن کي قبول ڪري ورتو. اهڙن شاعرن ۾ آحسن الهاشمي، شبير هاتف، محمد اسحاق راهي، احمد خان مدهوش، نواز ڪٽائي ۽ ناظم منگي اچي وڃن ٿا. هُنن شهري ٻوليءَ ۽ فارسي زده اسلوب کي وڏي حد تائين خيرباد چئي سنڌي ٻوليءَ جي رس چس، ساءَ ۽ هڳاءَ سان پنهنجي شاعريءَ کي واسي ڇڏيو ۽ سندس شاعري، خاص ڪري غزل پنهنجو مقام حاصل ڪري ورتو. جناب نشتر ناٿن شاهيءَ مُحسن ڪڪڙائي ۽ ٻين تہ جمعية الشعري ۽ بزمِ طالب المولا جي محفلن کان وک وڌائي سنڌي ادبي سنگت جي جديد شاعري جي سٽ ۾ شامل ٿيڻ لڳا. اهڙيءَ طرح اسحاق راهيءَ ۽ ناظم منگيءَ جي شاعريءَ نہ رڳو عوامي رنگ اختيار ڪري ورتو پر فنڪارن سندن شاعريءَ ڳائي، سنڌ ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪري ورتي.

اسان جي دوست عبد مگسيءَ پهرين جنوري 1951ع ۾ محمد علي

مگسيءَ جي گهر، ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ سوڀو خان مگسيءَ ۾ جنم ورتو اسڪول ماحول دوران منجهس ادبي چاهه پيدا ٿيو ۽ جڏهن هو استادي جي پيشي سان واڳيو تہ هن نثر ۽ شاعري لکڻ شروع ڪئي. عبد مگسيءَ جي خوش نصيبي اها آهي، جو هن کي شاعريءَ جي ميدان ۾ وِکون کڻندي، اسحاق راهي، نشتر ناٿن شاهي، جو هر بروهي، الحاج شمس الدين شمسي دادن ۽ ٻين ڪيترن ناميارن شاعرن جهڙا لائق ۽ فائق عالم ۽ استاد شخص مليا. جن هن کي شاعريءَ ۾ همٿايو ۽ سندس ڪچي ڦڪي ڪلام جي اصلاح ڪئي. پنهنجي اُستادن، خاص ڪري راهيءَ جي صحبت ۾ سنڌ جي وڏن مشاعرن ۾ شرڪت ڪري، پنهنجي ڄاڻ سڃاڻ جو دائرو وسيع ڪيو ۽ سنڌ جي وڏن ادبي ماڻهن/اديبن، شاعرن سان ميل ملاقات جو شرف حاصل ڪيو. ائين ئي عبد مگسيءَ جو نثر ۽ نظم اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجڻ لڳو. ائين ئي اوائلي شعر روايتي رنگ ۾ لکڻ کان پوءِ هڪدم جديد شاعريءَ جي ڏگ تي پهچي ويو.

سنڌي ادبي سنگت سوڀو خان مگسيءَ جو بنياد پنهنجي سٽ سميت رکڻ کان وٺي ضلعي دادوءَ جي رابطا سيڪريٽريءَ تائين، هن جيڪو ڪردار ادا ڪيو اهو سنڌي ادبي سنگت جي تاريخ جو لازوال باب آهي. عبد مگسي سماجي طرح شروع کان وٺي تمام گهڻو سرگرم رهيو آهي. محمد علي سومري ۽ ٻين ڳوٺ جي لکيل پڙهيل دوستن سان گڏجي ڳوٺ ۾ ڳوٺ سڌار سنگت جو بنياد وڌو ان ۾ محنت ۽ جاکوڙ ڪري ڳوٺ جا ڪيترائي مسئلا حل ڪرائڻ ۾ سرگرم رهيو آهي، مختلف علمي ادبي ۽ سماجي تنظيمن سان گڏ اُستادن جي تنظيم گستا ۾ بہ سچائي سان ڪم ڪيو ۽ سرگرم رهيو آهي. استادي پيشي ۾ فرض شناسيءَ کي پنهنجو شيوو بنائي ڇڏيو ۽ پنهنجي هم عصرن کان گهڻو اڳتي نڪر آيو. انهي ڪري جو استاد ٿيڻ/پڙهائڻ عبد جو پسنديده پيشو آهي. تعليمي ميدان ۾ ٻاڻ ميڄرائي چڪو آهي، پنهنجي وقت جي قابل ۽ مجيل اُستادن ۾ شمار ٿئي ٿو. سينيارٽي بنياد تي ايڊمنسٽريسن ۾ هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر تي رٽائرمينٽ ورتائين.

آل سنڌ (اسڪولس) گزيٽيڊ آفيسرس ضلع دادو جو عهديدار بہ رهيو آهي، جتي استادن جي حقن لاءِ جدوجهد بہ ڪئي آهي، تہ اتي تعليم جي ترقيءَ، واڌاري ۽ سڌاري لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي. ۽ پروگرام، سيمينار ۽ ليڪچر منعقد ڪرايا آهن. نتيجي ۾ هن ادب ۽ تعليم جي ميدان ۾ ڪيترائي ايوارڊ، شيلڊون ۽ تعريفي سندون /سرٽيفڪيٽ بہ حاصل ڪيا آهن.

جيستائين عبد مگسيءَ جي شاعريءَ جو تعلق آهي، تہ هن ابتدا ۾ روايتي صنفن ۽ طرحي مشاعرن ۾ طبع آزمائي ڪرڻ کي جلدي تبديل ڪري ورتو آهي. هُن جون وايون، غزل، نظم چؤسٽا ۽ ٽيڙو ان جي ساک ڏئي سگهن ٿا. هن ڪتاب ۾ هن ابتدائي، روايتي شاعري ۾ 80 اسي واري ڏهاڪي واري شاعري پيش ڪئي آهي. جيڪو سندس جدت ڏانهن پهريون قدم آهي، هِن جي شاعري قومي ۽ روايتي رنگ سان سلهاڙجي جديد شاعريءَ ۾ پنهنجو سادو پر پختو مقام حاصل ڪري ورتو آهي. اچو تہ سڀ کان پهريان سندس قومي شاعريءَ سان آغاز ڪيون:

وايون:

پِٽ ڏٽيءَ جي ڌرتيءَ تي ٿا، ڏاڙا روز لڳن،
ڪيئن سانگي سُک سُمهن.
شهر شهر ۽ وستي واهڻ، دهشتگرد گهمن،
ڪيئن سانگي سُک سُمهن.

*

مانجهي مرد مٽير مرن ٿا.
پوءِ بہ تون خاموش رهين ٿو؟
پنهنجا ڪونڌر روز ڪُسن ٿا.
پوءِ بہ تون خاموش رهين ٿو؟
ڪنهن جا ننگا ننگ نچن ٿا.
پوءِ بہ تون خاموش رهين ٿو؟

عبد مگسيءَ جي سادي سلوڻي ٻوليءَ ۽ سادن جذبن ۽ احساسن جو

هُڳاءُ. اچو تہ سندن غزلن مان وٺون:

سارين ۾ سَت پئي، سُرهاڻ تي،
واسجي خوشبوءِ سان ويو تڙ پرين.

❊

نظرن جي وڻ ويڙهي ٻڄي
دل کي خوب وڪوڙي ويو آن.
عبد جي دل جو ڪِلندي ڪِلندي
اوڪو راز پَروڙي ويو آن.

يا

هي ڪير آهي، هي ڪنهن جا هِن، ٻئي نيڻ پنل، هِن کي تہ ڏسو.
هي ڪنهن جي اکين ۾ آئي آ، دريا جي اُٿل، هن کي تہ ڏسو.
ڪا آس اندر مان تڙپي اُٿي، ڪا دانهن چپن تي آئي آ.
هي ڪيرُ آ آيو جاڳائڻ، ڪي سُورَ سُتل، هِن کي تہ ڏسو.

عبد مگسيءَ جي غزلن ۾ پراڻو رنگ، بہ آهي پر آهنگ نئون ۽ پنهنجو آهي.

مُنهن کي آ قرآن سمجهي، مون چُميو
پيار ۾ پُوري تلاوت تي وئي.
قسمتن ييي رشڪ ڪاڏو دوستو
يار جي ٻاڙي ۾ تُربت تي وئي.

❊

درد دل ۾ تتو آهي.
مج لاشڪ متو آهي.
سج تي سِرُ ڏنو آ ڪنهن.
ڪوڙ کي ڪنهن وتو آهي.

❊

لاشڪ مون ڪان ذات رُني آ
لکندي لکندي، ڪلڪ پڄي پئي.

عبد جي غزلن ۾ جدت جهلڪا ڏئي ٿي، ترنم ملي ٿو.

رات ڪاري اڃا ڪٽي ڪانهي
باک چو جو اڃا ڦٽي ڪانهي.
اک کهڙي اها ٻه اک چئجي.
ديس لئہ جا ڪڏهن رُني ڪانهي.

هُن ٻئي هنڌ لکيو آهي تہ:

اُلفت آ پاڪُ پنهنجي، نظرون بہ نيڪ آهن.
نيّت ۾ صافُ مون جيئن، ڪو پارسا نہ ٿيندو.
بُهتان کهڙا کهڙا ڏِين ٿو اسان تي ناصح!
جنهن جو وفا آ شيوو، سو بيوفا نہ ٿيندو.

عبد مگسيءَ جي نظمن ۾ پيچ پيتائي. ڌرتي توسان قول پڪو آ. اسان جي شعر جو عنوان ڌرتي آ. پنهنجي ڇيڙي نبيري. ڪکن ۾، سنڌ بچائي ويندا سين ۽ ٻيا نظم قومي رنگ ۾ رنگيل آهن. ان ڪري اُن چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ هي قوم ۽ ڌرتي جو شاعر آهي.

عبد ٻارن لاءِ نظم بہ لکيا آهن ۽ اُستاد بڻجي ٻارن کي آداب سيکارڻ سان گڏ علم لاءِ محبت. وطن لاءِ چاهہ ۽ انسان ذات سان محبت جو سبق ڏنو آهي.

هن جا چؤسٽا وطن. وقت ۽ حالتن جو چٽو اولڙو ۽ عڪس آهن.

ڏيهہ جي ڏوتيئڙن ۽ ڏيهہ سان.
پنهنجي جي دلين جا ڳنڍيل هن سلسلا.

*

اٿين جيءَ جيجل سان چڏيم جڙي
جيئن ڪو ڪڙيءَ کي ڪڙيءَ سان ڪڙي.

پنهوارن جا پل پل پون پور تا،
تڏهن روح ريهون ڪري ٿو رَڙِي
ڪُوڙ جا ڪوٽ آڏايو ڇو تا،
پنهنجو پاڻ پڏايو ڇو تا،
’عبد‘ سدائين، سچ امر آ،
سچ سان ڪج گڏايو ڇو تا.

مطلب تہ عبد مگسيءَ جي شاعري قديم ۽ جديد جو سنگم، وقت ۽ حالتن جو آواز، سچ جو سنيهو ۽ حق جو هوڪو آهي، جنهن ۾ مٽيءَ جي مهڪ بہ آهي تہ پورهيت جي پگهر جي خوشبو جو بہ ذڪر آهي. سندس هي پيار جو پورهيو آءٌ سمجهان ٿو تہ سنڌ واسين وٽ ضرور سابُ پوندو ۽ عبد مان اُميد رکي سگهجي ٿي تہ هو مستقبل ۾ اجا بہ وک اڳتي وڌائيندو. جيئن لکيو اٿس تہ:

جيئن جيئن جهولو لُکَ لڳي ٿي
تيئن تيئن اڳتي وِک وڌي ٿي.

**تاج جويو**
سيڪريٽري
سنڌ لئنگئيج اٿارٽي
حيدرآباد سنڌ
3_ڊسمبر 2011ع

## ليکڪ پاران: اڻ پورا ويچار

هر ليکڪ /اديب ۽ شاعر طرفان پنهنجي ڪتاب لاءِ ٻن اکرن لکڻ واري روايت موجب، مون کي ٻه ٻه چار ڪچا، ڦڪا جملا لکڻا تا پون. شاعري، وقت حالتن، مختلف ڪيفيتن، اندر جي اڌمن، احساسن ۽ جذبن، فڪري تقاضائن جي وسعت ۽ اُپار جي ارتقاءِ ان جي رِدعمل جو نانءُ آهي، شاعر/نثر نويسن جون لکڻيون، انساني نسل جي دردن، پيڙائن، پوڳنائن ۽ اذيتن جو چٽو پٽو عڪس هونديون آهن. يعني سندس لکڻيءَ ۾ ان جو آولڙو نمايان نظر ايندو آهي، شاعري، پيار پريت، عشق ۽ محبت، سرتيءَ ۽ ڌرتيءَ جي خوبصورت نظارن ۽ جلوي جو حسين ترين منظر آهي، شاعر جي شاعري ۾ حساسيت سان گڏ هجر، فراق، وڇوڙي جا ورلاپ ۽ وصل جون واڌايون، محبت ۽ ٻي وسيءَ وارو پهلو ٻه محسوس ٿيندو آهي. انهن ڪيفيتن کي دل وارو ئي سمجهي سگهندو آهي.

شاعريءَ جو تعلق روح سان ٿئي ٿو. شاعر معاشري جي حالتن کان مُنهن موڙ نٿو ڪري سگهي، هو قوم جو هڏ ڏوکي ٿئي ٿو. شاعري سماجي شعور جي پيداوار آهي، شاعر جا لفظ وقت جي تاريخ هوندا آهن. شاعر وقت ۽ حالتن جو جائزو وٺندو آهي. شاعر جي سوچ جا داخلي ۽ خارجي ٻه پهلو هوندا آهن. هو پنهنجي داخلي ۽ آسپاس جي ماحول کي پنهنجي انداز ۽ فڪر سان پرکي ۽ پرجهي ٿو شاعر قوم جي لاءِ رادار جو ڪم ڏيندا آهن ۽ ڌرتيءَ ۽ ٻوليءَ جي بچاءَ ۽ درپيش خطرن جو اڳواٽ اطلاع ڏيندا آهن. شاعر جون مشاهداتي نگاهون (اکيون) ان ڪئميرا جو ڪم ڏينديون آهن، جيڪي پنهنجي اردگرد ۽ پري پري تائين جون تصويرون، اصلي روپ ۾ ڏيکاريندي آهي. جنهن کي ڏسڻ ڪانپوءِ ان اڻ تڻ ۽ آتروپلا جي پيڙ مان

شاعر جي شاعري سرجي ٿي.

آءٌ بہ ننڍپڻ کان ئي نهايت حساس طبع رهيو آهيان. ڇو تہ منهنجو جنم جنهن جهوپڙيءَ/ ڪکائين ڇن ڇپر جي ڇانوَ ۾ ٿيو. ان گهر تر ۽ آسپاس جو ماحول انتهائي غربت ۽ مسڪينيءَ وارو هو. جڏهن سمجهہ لائق ٿيس تہ خبر پئي تہ منهنجا وڏڙا انتهائي پريشانيءَ ۽ پيڙائن واري زندگي گذاري رهيا هئا. وڏڙا محنت مزدوري ۽ پورهيو ڪري اسان جي پالنا ڪندا هئا. پوکي راهي سندن پيشو هو. پاڻ ويلن جا ويلا فاقي ۾ رهي بہ اسان اولاد جي پيٽ جي بک لاهڻ ۽ ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪوشان رهندا هئا. معاشي بدحاليءَ، ڪي منهن ڏيڻ لاءِ پگهر جي ڪمائي ۽ حلال جي روزي کائڻ تي فخر محسوس ڪندا هئا.

اسان جو شهميراڻي پاڙو پنهنجي ڳوٺ جي حساب سان اقتصادي معاشي لحاظ کان تہ پوئتي پيل هو پر تعليمي ميدان ۾ بہ پسماندهہ هو. وڏو ڀاءُ محمد اسماعيل مئٽرڪ پاس، بہ سئوٽ مير محمد عرف منڙو ۽ الهڏتہ مگسي ورنيڪيولر فائينل پاس هئا. ٻيو سڄو اوڙو پاڙو علم جي زيور کان وانجهيل هو. تنهنڪري وڏي چاچي شهمير خان ۽ ڀاءُ محمد اسماعيل جو پورو پورو شوق هو تہ هو مونکي تعليم ڏيارين. اهڙيءَ طرح مون کي ڳوٺ جي مُلان اسڪول ۽ مدرسي ۾ ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ڪرايو ويو. پرائمري تعليم حاصل ڪرڻ تائين ڪلاس مانيٽر هوس. پنجين ڪلاس جي امتحان دوران ان وقت جي اسڪولن جي صاحب باغ علي سهاڳ صاحب پڇيو هو تہ ڪهڙا شاگرد انگريزي پڙهڻ ويندا. ٻين دوستن سان گڏ مون بہ ٻڌايو هو تہ آءٌ پڙهڻ لاءِ انگريزي اسڪول ويندس. اُن وقت جي هيڊ ماسٽر/ ڪلاس استاد چيو هو تہ ”ڪهڙو شهميراڻي انگريز پڙهيو آ جو تون پڙهندين؟“

اهي لفظ اڄ تائين ذهن ۾ باقائده وڄندڙ آهن ۽ دل ۾ چڀندا رهندا آهن. مون پنهنجي اُستاد کي نهايت ادب ۽ احترام سان سهاڳ صاحب جي روبرو ورائيو هو تہ تعليم سڀني لاءِ آهي، رڳو وڏيرن ۽ شاهوڪارن لاءِ نہ آهي. آءٌ انشاءَ الله ايترو پڙهندس جيترو اوهانجو اولاد. اوهان پرائمري استاد آهيو. آءٌ

انگريزي هيڊ ماستر ٿيندس، ان کان علاوه اسڪولن جو بيٽ آفيسر بہ ٿيندس. اِهي تہ منهنجي زندگيءَ جا خواب/مقصد هئا. پر اُهي هيٺيان عوامل هئا. جن مونکي لکڻ، شاعريءَ ڪرڻ تي مجبور ڪيو.

آءٌ پنجين ڪلاس ۾ پڙهان پيو تہ اسان جي علائقي/سنڌ جو جڳ مشهور شاعر اُستاد الحاج شمس الدين شمسي ناريجو استاد دادن فقير ۽ شيرل باڊاهيءَ ڪي ڳوٺ پنهنجي اسڪول ۾ ايندو ڏسندو هوس اُنهن کي ماٺهو عزت ۽ احترام جي نگاهہ سان پيش ايندا هئا. سندن ڪلام منهنجو وڏو سئوٽ مير محمد عرف منڙو فقير بينچ ۽ ماچيس وڄائي من موهيندڙ آواز ۾ ڳائيندو هو تہ اُستادن سميت سڀني تي سڪوت طاري ٿي ويندو هو. آءٌ سوچيندو هوس تہ ڪاش مان بہ انهن وانگر شاعر ٿيان. بابا سائين لاڪيٽي لطيف سرڪار جا بيت ۽ وايون سُر سان سيکاريندو هو. منهنجو ٿقات استاد بخشل خان هارمونيا وڄائي اسيمبلي ڪرائيندو هو ۽ پاڪستان جو قومي ترانو ۽ دُعا ترنم سان سيکاريندو هو. آهستي آهستي پنهنجي مُنهن مولود ۽ مٿين شاعرن جو ڪلام چوندو هوس.

انين ڪلاس ۾ مڊل اسڪول شاهپنجو سلطان ۾ پڙهڻ وقت مون کان منهن جي جيجل امڙ هميشہ لاءِ وڇڙي ويئي. مون بد نصيب کان پياري ممتا جو پيار ۽ شفقت وارو هٿ هميشہ لاءِ پري ٿي ويو. دُعائن جو در بند ٿي ويو. سڏڪي سڏڪي، ٿڏڙا ساهہ کڻي، ڳوڙها ڳاڙي، لڙڪ لاڙي اداس ۽ پريشان رهڻ لڳس. نائين ڪلاس ۾ منڙي بابا سائين. ۽ پوءِ هڪ ٻئي پنيان چاچا وڏا. وڏي سئوٽ ۽ ٻين رشتيدارن جي وڇوڙي اندر ۾ وڍ وجهي ڇڏيا. جيءُ جُهري پيو ۽ پوءِ

نيڻ وسندا رهيا، پاند پُسندا رهيا.
پُور پوندا رهيا، سُور وڌندا رهيا.

مٿين حالتن ۾ پنهنجي وڏي ڀاءُ محمد اسماعيل ڀيءُ جيترو بلڪ اڃا بہ گهڻو پيار ڏئي پاليو ۽ انٽر تائين تعليم ڏياري ۽ زندگيءَ جي هر موڙ تي منهنجو ساٿ ڏنو ۽ ڪنهن جو محتاج ٿيڻ نہ ڏنو. مون ۾ شعوري سگهہ جو اضافو ٿيڻ لڳو. ڪتابن جو مطالعو منهنجو، مشغلو ٿي ويو. پنهنجي اردگرد

جي ماحول تي نظر وڌم تہ ڏُک، بيروزگاري، بيماري، بدحالي، بيوسي، غربت ۽ پريشاني، ڏک ڏوجهڙا، آهون، دانهون، درد، ايذاءَ، پيڙائون، اهنج، مجبوريون، ڏاڍ، ڏمر، ڌهڪاءُ چوري، زوري، ڌاڙا، ڦرون، اغوا، قتل غارت، دهشتگردي، بي رحمي، نا انصافي، حقن جي پائمالي، ڪلفت ڪدورت، نفرت، دشمني، ڪوڙ فريب، دوکي دولاب نڳيءَ، شر منافقيءَ ۽ مفاد پرستيءَ ظلم ۽ تشدد جو دؤر دوران نظر آيو. نينهن جي شينهن بہ ڪر ڪنيو. اهڙين حالتن ۾ اندر ئي اندر ۾ پڄرندو ۽ پچندو رهيس. قلم ۽ ڪاغذ جو سهارو ورتم. اخبارن کي خط، مضمون لطيفا ۽ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيم جيڪي هلال پاڪستان، عبرت جي سنڌي ايڊيشن ۾ شايع ٿيون. ”ڏک سکن جي سونهن“، سسئي جا سور، بي نور، قرباني خراب صحبت جو اثر بيون ڪهاڻيون شايع ٿيون.

اهڙيءَ طرح استاد محمد اسحاق راهي، سائين شمسيءَ جو هربروهيءَ نشتر ناٿن شاهيءَ ۽ ٻين سان ميل ملاقاتن شاعريءَ ڏانهن آماده ڪيو ۽ ڪچيون، ڦڪيون، بي ترتيب سٽون لکي، ڪانئن اصلاح وٺندو رهيس. ۽ شاعري ڪرڻ جو گس ملي ويو. سنڌن اجازت سان لکندو رهيو آهيان. ۽ پنهنجو شعر سينئر توڙي جونئر کي ڏيکارڻ ۾ ڪوبہ عار نہ ڪندو آهيان. مون ڪڏهن بہ علم عروض جا سبق نہ ورتا آهن. ناميارن شاعرن سان گڏ رهي، سنڌن شاعري جو مطالعو ڪندي، ڪجهہ نہ ڪجهہ لاڀ حاصل ڪيو اٿم. منهنجي شاعريءَ جي نهايت سادن سلوڻن خيالن ۾ لازمي آهي تہ ڪٿي ڪٿي ڪچايون، ڦڪايون ۽ فني جهول بہ نظر ايندا ۽ پريس /پروف جون غلطيون بہ ڪر ڪڍي بيهنديون. ان جي اصلاح ڪي دل جي گهراين سان قبول ڪندس، چو تہ مون پاڻ کي ڪڏهن بہ اديب ۽ شاعر نہ سمجهيو آهي. هڪ ادنيٰ ادبي ڪارڪن ضرور آهيان. جهڙي تهڙي حال ۾ ادب ۽ ٻوليءَ جي خدمت ڪرڻ، ڏرتيءَ سان نينهن نڀائڻ جو وچن ڪيو آهي.

آءٌ هي ذڪر ڪرڻ بہ ضروري سمجهان ٿو تہ منهنجو ادبي مواد گم /غائب ٿي ويو هو. ٿورو گهڻو مواد يارن کي لکڻ لاءِ ڏنو هيم اتان بہ هيٺ مٿي ٿي ويو. تنهن ڪري دل شڪستہ ٿي. ڪجهہ وقت لکڻ کان وانجهيل رهيس. پر پنهنجي سنگت جي سڄاڻ دوستن، خصوصاً آزاد انور ڪانڌڙي،

سانول عزيز مگسي، عبيدالله لاکير ۽ سڪندر علي قريشيءَ جي صلاح سان ٻہ مهينا لڳاتار سنڌ الاجي جي تحقيقي لائبرري جا ڪتاب/رسالا ۽ اخبارون کولي انهن مان ٿورو ڪي گهڻو /مڪمل يا اڌو گابرو مواد هٿ ڪري ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. هن ڪتاب ۾ مون سيڪڙات شاعري بہ گهڻي انداز ۾ ڏني آهي تہ جيئن محفوظ ٿي وڃي.

آءٌ ادبي حوالي سان جو ڪجهہ بہ آهيان، اهو پنهنجي علمي ادبي اُستادن ۽ سنڌي ادبي سنگت جي ڪري آهيان. سنڌ، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادبي سنگت سان منهنجو پڪو پختو رشتو ناتو آهي ۽ رهندو. اهو ئي سبب آهي جو مون سنگت جي بنياد تي ڳوٺ ۾ علمي ادبي محفلون، مشاعرا، رهاڻيون، سيمينار ۽ ليڪچر پروگرام منعقد ڪرايا آهن. سنگت جي مرڪز سان 1985ع کان وابستہ آهيان.

خالق اڪبر جا اڻ ڳڻيا احسان سمجهندي واضح ڪريان ٿو تہ پنهنجي زندگيءَ جي اميدن کي عملي جامو پهرائيندي، ڊبل ايم اي، ايم ايڊ ۽ فارسي تعليم مڪمل ڪري، انگريز اُستاد J.S.T کان شروعات ڪندي، هاءِ اسڪولي جي گزيٽيڊ هيڊ ماستر تائين نوڪري ڪيم. مڊل اسڪول جي هـ-م ۽ پرائمري اسڪولن جو بيٽ آفيسر بہ رهيس. پنهنجي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ واري مقصد کي ماڻيم، سنا شاگرد پيدا ڪري وڏن وڏن عهدن تي فائز ڏٺم. پنهنجي اولاد کي پوسٽ گريجيوئيٽ تائيم تعليم ڏياريم، سڄي زندگي علمي ادبي خدمتن سان گڏ سماجي ڪمن ۾ ڀرپور حصو ورتم. پنهنجي جسماني ۽ روحاني اولاد کي سٺي تربيت ڏنم، جنهن جو صلو مٺي ميوي وانگر پيئي مليو آهي. ننڍپڻ کان سيني ۾ سانڊيل تمنا پوري ٿي ۽ ٻہ پيرا عمري جي سعادت بہ نصيب ٿي.

چونڊا آهن تہ هڪ خواهش پوري ٿيندي آهي تہ ٻي خواهش ڪر ڪڻندي آهي. زندگيءَ جا ڪي خواب، حقيقت جو روپ وٺندا آهن تہ حياتي جا اُهي لمحا ۽ پل پهر ڏاڍا حسين لڳندا ۽ امر بڻجي ويندا آهن. اڄ جڏهن ڳوٺ سوڀو خان مگسيءَ جي ماضيءَ ۾ تعليم کان وانجهيل پاڙي (شهميراڻي) جو فرد ڪتاب شايع ڪرائي ٿو تہ سچ پڇو تہ حياتيءَ جا

ڏينهن وڌندي محسوس ڪريان ٿو.

ڪتاب ڇپائڻ ۾ ڪهڙن ڏکين مرحلن مان گذريو آهيان. اهو بہ هڪ الڳ تجربو ٿيو آهي، سنڌ الاجيءَ جي تحقيقي لائبرري جي انچارج پنهنجي پياري شاگرد غلام قادر سهارڻ، قلب حسين شاهہ، نياز احمد جوڻيجو ۽ سنڌن مينيوئل اسٽاف جو ٿورائتو آهيان. جن تحقيق دوران مڪمل سهڪار ڪيو.

آءٌ بيحد ٿورائتو آهيان سنڌ لئنگئيج اٿارٽيءَ جي سيڪريٽري محترم تاج جويو محترم اياز گل، پروفيسر محمد آدم ٻٽ صاحب پروفيسر ڊاڪٽر ادل سومرو پروفيسر ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو اسٽنٽ پروفيسر عبدالاحد آزاد قاضي سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو جناب ڪوثر برڙو اسٽيشن ڊائريڪٽر ريڊيو پاڪستان خيرپور، محترم انور آزاد ڪانڌڙو محترم مشتاق بخاري، محترم علي دوست عاجز، محترم گوهر گل ٻُورڙ انور ساگر، محبوب ڏيپر ۽ احسان زنگيجو جن منهنجي ڪتاب (شاعريءَ جي مجموعي) تي پنهنجي انتهائي قميتي وقت مان ڪجهہ گهڙيون ڏئي پنهنجا مفيد رايا ڏنا ۽ بہ اکر لکيا. آءٌ محمد ايوب جوڻيجي (جنهن پروف ريڊنگ ۾ مدد ڪئي) ۽ پياري شاگرد سڪندر علي قريشيءَ جو نهايت ٿورائتو آهيان جنهن همت افزائي ڪئي.

ٿورا، نہ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا (شاهہ)

**عبد مگسي**
ٽپال گهر: سوبو خان مگسي
وايا: راڌڻ، ضلع دادو سنڌ
0334_2231548

# حمد و نعت

## حمد باري تعاليٰ

صبح شام اي دل، خدا ياد ڪر تون.
مصيبت ۾ پل پل، خدا ياد ڪر تون.

زمانو پلائي، حقيقت ڏي هيڪر،
ڪري دل کي مائل، خدا ياد ڪر تون.

سويري سويري، ستا ڪر سجاڳي،
نہ رھہ بندا غافل، خدا ياد ڪر تون.

ڪري نياز نوڙت ۽ ڳوڙها وهائي،
سدائين تي سائل، خدا ياد ڪر تون.

جواني ۽ جوڀن، حياتي فنا آ،
بقا تيندئي حاصل، خدا ياد ڪر تون.

ڪُنن جو نہ ڪشتيءَ کي خطرو ئي رهندو،
ملي ويندو ساحل، خدا ياد ڪر تون.

مديني ۽ ڪعبي جي ڪر تون زيارت،
حرم پاڪ ڏي هل، خدا ياد ڪر تون.

اُٿي 'عبد' روئي تون ربجهاءِ راتين،
ڪٿين جي تہ پو ڪِل، خدا ياد ڪر تون.

## حمد

### (نعرو للهُ اڪبر جو)

سدائين گونجندو نعرو پيو الله اڪبر جو،
مِني محبوب مدني مصطفيٰ ماهِ منّور جو.

نہ دنيا جو نہ عقبيٰ جو نہ آهي ڀئو قيامت جو،
جو آهيان امتي سهڻي سچي سردار سرور جو.

قسم آهي حُسين ابنِ علي، اڪبر ۽ اصغر جو،
اُنهي کي ڪير غم ڪونهي، جو آ حبدار حيدرؓ جو.

نہ واجهايو اٿم ڪاڏي، نہ ٻئي در تي جهڪيو آهيان،
ازل کان ئي رهيو آهيان، پرين پينار تو در جو.

تمنّا ڪا بہ ٻي ڪانهي، نہ حسرت آ زماني جي،
اهائي آس آ دل جي، ٿئي ديدار دلبر جو.

گلن جي درميان، گل جي ڏنم چانڊاڻ جا نوري،
نٿو وسريم پس منظر، حسين اهڙي تہ منظر جو.

مريضِ عشق کان آيو پڇڻ محبوب گهر وٺي،
تہ کولي مون ڇڏيو احوال پنهنجي دل جي دفتر جو.

جو تنهنجي 'عبد' جو آ عبدُ، نوڪر تنهنجي نوڪر جو
الاهي اهڙي بندي کي، عطا ڪر آب ڪوثر جو.

## حمد

(ڪعبة لله شريف جي حاضري)

رَبُ العزت جو گهر ڏسون ٿا،
روئي ربّ کان دعا پِنون ٿا.

سجدو ناهه روا ٻئي ڪنهن کي،
بس ان جي ئي در تي جهڪون ٿا.

سُرخ پٿي کان ست ڦيرا ڏيئي،
چاهه سان هجرِ۔اسود چمون ٿا.

نينهن سان نماز پڙهون ٿا،
صفا، مروه ڊوڙون ڊڪون ٿا.

اُڃ صدين جي لاهڻ خاطر،
زم زم جا پر پيالا پيون ٿا.

نور، ثور ۽ جبل رحمت،
زيارتون سڀ مڪي جون ڪيون ٿا.

حج، عمري جي نيّت ڪندي ئي،
سڀ احرام ساڳيو ٻڌون ٿا.

’عبد‘، الله جي گهر جي پرسان،
مِني محبوب جو گهر پسون ٿا.

○

## نعت

### (رسول مقبولﷺ)

سهارو بي سهارن جو محمّدﷺ مصطفيٰ آيو
اڙين آڌر ولهين واهر، حبيبِ ڪبريا آيو.

مقدس نور جنهن جي سان ٿيو عالم سڄو روشن،
اهو بدرالدجيٰ، شمس الضحيٰ، نورالهديٰ آيو.

محمّدﷺ شافعِ هردو سرا جي ذات با برڪت،
بڻي سڀ درد مندن لئه دوا آيو شفا آيو.

رسول الله انور کي مڃون ٿا صدق دل جي سان،
اسان جي واسطي ٿي ابتدا ۽ انتها آيو.

ملائڪ حورون غلمان ٿيا، سڀئي مشتاق مرسل تي،
پيارو پاڪ پَرور جو، مِنو ماهِلقا آيو.

چڙهي رف رف جي سواريءَ تي ڪيائين سير سُبحاني،
گهمي هڪڙيءَ گهڙيءَ ۾ هو سدرة المنتهيٰ آيو.

ڀلا ٿيا ’عبد مگسي‘ ڀاڳ دنيا جا ۽ عقبيٰ جا،
بڻياسين امتي جنهنجا، سو ختم الانبيا آيو.

[illegible] 1980 [illegible]

## نعت

## (رسول مقبولﷺ)

خُدا کان پو جو ڪجھ آهي سَرِ تسليم خم آهي،
مِني محبوب جو ساري خُدائي تي قدم آهي.

هُو اول آ. هُو آخر آ. هُو ظاهر آ. هُو باطن آ.
احد کان پوءِ احمد آ. مون کي رب جو قسم آهي.

جڏهن سردارِ دو عالم ٿيو پيدا. تڏهن روشن.
حرمُ سان گڏ عرب آهي، عرب سان گڏ عجم آهي.

خُدا جي نور اطهر مان ٿيو پيدا محمدﷺ آ.
انهي جي پاڪ قطري مان بڻيو عيسيٰ جو دم آهي.

تجلي طور سينيٰ جي ڏسي بي هوش ٿيو موسيٰ.
رهيو مولا سان گڏ ثابت قدم شاهه امم آهي.

ڪِرِي پيا ڪوٽ ڪِسريٰ جا، صنم خانا ٻـ سجدي ۾،
بُتانِ ڪفر جو ان دم ويو مِٽجي ڀرم آهي.

اسان لئہ شافِع محشر، اسان لئہ ساقئي ڪوثر،
اسان لئہ مُرڪ مَدني جي ٻہ زَم زم کان اُتم آهي.

ڏئي دوزخ جا ڏڙڪا تون، حراسان ڪر نہ اي واعظ،
سچي سردار جي هوندي، اسان کي ڪو نہ غم آهي.

ڇمان ڇانئٺ مديني جي پلي پو دم وڃي نڪري،
جو دل ۾ خواهشِ ديدار مون کي دم بہ دم آهي.

اهائي 'عبد' تنهنجي لئہ عبادت ۽ سعادت آ،
ثنائي يار ۾ جو تو کنيو ڪاغذ، قلم آهي.

O

(ماهوار پيغام ڪراچي، صفحو 94)

## نعت

### (رسول مقبولﷺ)

ختم نبوت جو پائي هُو سُنهري تاج نازل ٿيو
الاهي عشق ڇيڙي ويو ۽ وحدانيت جو قائل ٿيو

سوا لک انبيا آيا هتي ۽ ويا هليا ليڪن،
سچي سردار جي آئي، خدا جو دين ڪامل ٿيو

ٻڏي ها سيرَ ۾ سهٽي، مگر سهٽيءَ لئہ ساحل ٿيو
گري گنجي جو آڌر ٿيو سڄڻ رحمت جو بادل ٿيو

خدا کان پوءِ خدائيءَ تي، سندس ڏاڪو ڄمايل آ،
سندس دؤرِ نبوت ۾ صفا ڪافور باطل ٿيو

اڃا تائين ائين عادل نہ پيدا ٿيو نہ ڪو ٿيندو،
سوايو سر بسر سڀ کان، شہِ ڪونين عادل ٿيو

ستاويهين رجب جي رات بابرڪات آ جنهن ۾،
خدا جو خود. خدا جي محب کي معراج حاصل ٿيو.

اگر دل سان محمّد. تي پڙهيو ڪلمو جي ڪنهن مومن،
يقيناً سو خدا جي فضل سان جنت ۾ داخل ٿيو.

انهيءَ لئہ باهہ دوزخ جي حرام آهي، حرام آهي،
ازل کان جنهن جي دل ۾ عشق عربيءَ جو سمايل ٿيو.

غمن جي اوج ۾ جڏهين سڏيم غمخوار کي تڏهين،
ڏکن سورن ۽ دردن ۾ اچي سردار شامل ٿيو.

خدايا 'عبد' کي محبوب جو ديدار ٿئي حاصل،
محبت جنهن جي ۾ آهيان. چريو المست پاڳل ٿيو.

○

ماهوار پيغام ڪراچي 'سيرت نمبر' صفحو 64 جنوري 1985ع

## نعت رسول مقبول صہ

زبانِ ناقص تي اڄ صَلِ عليٰ ناهي تہ ٻيو ڇاهي.
محمّد شافعِ-هردوسرا ناهي تہ ٻيو ڇاهي.

مقدس نور جنهن جي سان ٿيو عالم سڄو روشن،
اهو شمس الضحيٰ، نورالهدُيٰ، ناهي تہ ٻيو ڇاهي.

محمدﷺ جي اچڻ سان دين مولا جو مڪمل ٿيو،
رسول الله، ختم الانبيا، ناهي تہ ٻيو ڇاهي.

خدا جي هي خدائي آ، خدا خود آ محمدﷺ جو،
خدا ڪان پو محمد مصطفيٰﷺ، ناهي تہ ٻيو ڇاهي.

ملائڪ، حورون ۽ غلمان ٿيا مشتاق مرسل تي،
سڄو سرور، منو ماهہ-لقا ناهي تہ ٻيو ڇاهي.

فقط هڪ رات ۾ مدني ڪيو آ سير سبحاني،
سندس ئي شان جي هي ابتدا ناهي تہ ٻيو ڇاهي.

محمد مصطفيٰﷺ، خيرالوريٰ جي ذات بابرڪت،
قيامت ڏينهن امت لئہ، شفا ناهي تہ ٻيو ڇاهي.

اسان جو بخت بالا آ، جو آهيون اُمتي ان جا،
يلا مون ”عبد“ تي اُن جي عطا ناهي تہ ٻيو ڇاهي.

نوٽ: 28 مئي 1977ع سيوهڻ ۾ آل سنڌ طرحي مشاعري ۾ پڙهيل عبرت اخبار ۾ 29 جولاءِ 1977ع

## نعت

(رسول مقبولؐ)

آءُ جا ڏي ٻه نظرون ڪٽان ٿو.
سهڻي صورت سڄڻ جي ڏسان ٿو.

نبوي مسجد ۾ جيئن ئي اچان ٿو
سبز گنبذ جي چائنٺ چُمان ٿو.

آس دل جي مڪمل ٿئي ٿي،
شهر منٺو مدينو گهمان ٿو.

نيڻ برسات وانگر وسن ٿا،
بقيع جنت ۾ داخل ٿيان ٿو.

جهول رحمت سان ڀرجي وڃن ٿا،
دل سان دلبر جي دعائون گهران ٿو.

عشق جي چوٽ ويتر لڳي ٿي،
نينهن ۾ مست ٿي مان نچان ٿو.

روح روضو ڏسي تازو ٿئي ٿو
ورد صلو عليٰ جو ڪيان ٿو

ڀاڳ بهتر ٿيا 'عبد مگسي'،
نفل رياضُ الجنة ۾ پڙهان ٿو.

○

(17 مئي 2007ع مديني منوره ۾ عمري دوران)

## مرثيو

داستانِ ڪربلا تي، ڪربلا روئي ڏنو.
خون اَصغر جو ڏسي دستِ سزا روئي ڏنو.

چادر–زينب جو سُنهن هردوسرا روئي ڏنو.
قضيئہ ڪربل تي آ، ڪلڪِ قضا روئي ڏنو.

يا حسين، ابنِ عليؓ، اي شهيدِ ڪربلا،
تنهنجي قتل، بي گناهي تي جفا روئي ڏنو.

شاهزادا تنهنجي شاهاڻي شهادت کي ڏسي،
چشمِ قضا روئي ڏنو، صبر و رضا روئي ڏنو.

اج وري يادِ حُسينؑ آهي رُئاريو خاص عام،
هِن رُنو ۽ هُن رُنو، ارض و سما روئي ڏنو.

سر ڪٽايو پنهنجو سجدي ۾ شهيدِ ڪربلا،
جنهن ڏنو ۽ جنهن ٻڌو تنهن بي خطا روئي ڏنو.

گردنِ شبير تي تيرن جو وسڪارو ڏسي،
دستِ ستم، جورو جفا، بي انتها روئي ڏنو.

’عبد مگسي‘ عندليبن کي قفس ۾ اج ڏسي،
گل رنو، گلشن رنو، باد صبا روئي ڏنو.

○

(شهداءِ ڪربلا جي ياد ۾ طرحي مرثيو)

## طرحي نوحو

موت تي آ موت سان گڏ مون صفا روئي ڏنو.
گُل رُنو گلشن رنو بادِ صبا روئي ڏنو.

زندگيءَ جي زندگيءَ جون، جيئن يادون تيون اچن،
غم ڪيو ماتم وري، مِهرو وفا روئي ڏنو.

مَحفلِ يادِ فراق آهي رُٺاريو خاص عام،
شاعرِ شيرين سخن جي خوشنوا روئي ڏنو.

موت تنهنجي جي خبر، جنهن تي ٻُڌي تنهن تي رُنو
هِن رُنو ۽ هُن رنو، چشمِ فضا روئي ڏنو.

اڄ جي محفل جي زبان تي هاءِ ڙي "مسرور" آ،
هِن وفا جي راهروتي، هر وفا روئي ڏنو.

دلربا جي ياد ۾ "خادم" سان گڏ "ناظم" رنو
چشمِ نِشتر ۽ دلِ راهي مِنا روئي ڏنو.

'عبد' اعليٰ خنده رُوئي جي رُنو هان سوڳ ۾،
هر ستم روئي پيو، جورو جفا روئي ڏنو.

○

نوٽ: شاعر الهورايو "مسرور" جي ياد ۾ طرحي نوحو

ماهوار شهباز پبليڪشن حيدرآباد مارچ ـ اپريل 1987 صفحو 190.

# وايون / كافي

پٽَ ڏٺيءَ جي ڌرتي تي ٿا، ڏاڙا روز لڳن،
ڪيئن سانگي سُک سُمهن!
آفيسن ۾ جائز ڪم لئہ رشوَت عام وٺن،
ڪيئن سانگي سُک سُمهن!
ظلم ڏسو جو قوم جا ٿا، استاد بہ اغوا ٿين،
ڪيئن سانگي سُک سُمهن!
سنڌڙيءَ کي ورهائڻ جي لئہ ٺاهيا ناهہ ٺڳن،
ڪيئن سانگي سُک سُمهن!
شهر شهر ۽ وستي واهڻ دهشتگرد گهمن،
ڪيئن سانگي سُک سُمهن!
پنهنجي ڌرتيءَ تي ٿا پنهنجا ڪونڌر 'عبد' ڪُسن،
ڪيئن سانگي سُک سُمهن!

○

(روزانہ آفتاب اخبار 18 جنوري 1990ع تي شايع ٿيل

ڏيھہ سجي ۾ ڏانئڻ وينو ڪيڏا ڪيس ڪري،
تہ پو ڪيئن هيانءُ ٺري، تہ پو ڪيئن هيانءُ ٺري

ظلم ستم جي چوڌاري ڏئي پڙڪا باھہ ٻري،
تہ پو ڪيئن هيانءُ ٺري
مذهب جي ڏئي آڙ اسان کي ڦورو خوب ڦري،
تہ پو ڪيئن هيانءُ ٺري
هاريءَ جو هٿ ننڍڙو ٻچڙو بک ۾ اُڃَ مري،
تہ پو ڪيئن هيانءُ ٺري
جيجل ماءُ پئي ٻچڙن جي لئہ ٿڌڙا ساھہ ڀري،
تہ پو ڪيئن هيانءُ ٺري
’مگسي عبد‘ جو من مارن جي ڳٽتين منجھ ڳري،
تہ پو ڪيئن هيانءُ ٺري

○

(روزانہ آفتاب ادبي صفحو 12 آڪٽوبر 1990ع ۾ شايع ٿيل)

ڏيهہ ۾ ذات جا ڏيئا ٻاري، جيءَ جي جوت جلايون.
اِيئن ٿا عيد ملهايون!
ٿر جي نوٽ پٽن تي ويهي، ڳوڙهن جي برسات وسايون،
اِيئن ٿا عيد ملهايون.
سنڌي ٽوپي اجرڪ اوڍي، آءُ تہ پاڪر پايون،
اِيئن ٿا عيد ملهايون.
ڪاڻ نہ ڪنهن جي ڪيڏي آهي، لنءُ تا پاڻ ۾ لايون،
اِيئن ٿا عيد ملهايون.
سُونَ تي سيڻ متائڻ بدران، لوئي جي تا لڄ بچايون،
اِيئن ٿا عيد ملهايون.
شاهہ، ڀٽائي ۽ شيخ اياز جون وايون وينا ڳايون،
اِيئن ٿا عيد ملهايون.
پنهنجن سان هر حال ۾ ساٿي ناتو نينهن نڀايون،
اِيئن ٿا عيد ملهايون.
’عبد‘ اتي ٿا ڌرتي خاطر پنهنجو ڪنڌ ڪپايون،
اِيئن ٿا عيد ملهايون.

○

مانجهي مرد مٿير مرن ٿا،
پوءِ بہ تون خاموش رهين ٿو؟
پنهنجا ڪونڌر روز ڪُسن ٿا،
پوءِ بہ تون خاموش رهين ٿو؟
هٿڙي ڪيڏا ڪيس ٿين ٿا،
پوءِ بہ تون خاموش رهين ٿو؟
ڪنهن تي ڦهري ڪات وَهن ٿا،
پوءِ بہ تون خاموش رهين ٿو؟
سانگي ڦٽڪي ساهہ ڏين ٿا،
پوءِ بہ تون خاموش رهين ٿو؟
گولين جا هت مينهن وسن ٿا،
پوءِ بہ تون خاموش رهين ٿو؟
ڏانئڻ ماٺهو ڏنپ ڏين ٿا،
پوءِ بہ تون خاموش رهين ٿو؟
ڪاريھر جيان ڏنگ هڻن ٿا،
پوءِ بہ تون خاموش رهين ٿو؟

واسيهر جيان ونگ وجهن ٿا،
پوءِ بہ تون خاموش رهين ٿو؟
گهر ۾ پنهنجا لاش اچن ٿا،
پوءِ بہ تون خاموش رهين ٿو؟
ڪنهن جا ننگا ننگ نچن ٿا،
پوءِ بہ تون خاموش رهين ٿو؟
لڄ لٽا ڪي لڄ لٽن ٿا،
پوءِ بہ تون خاموش رهين ٿو؟
زخمن تي هو لوڻ چٽن ٿا،
پوءِ بہ تون خاموش رهين ٿو؟
گهرا گهرا گهاءُ ڏين ٿا،
پوءِ بہ تون خاموش رهين ٿو؟
منهنجا مارو رت روئن ٿا،
پوءِ بہ تون خاموش رهين ٿو؟
سانگي ڪيڏا سور سهن ٿا،
پوءِ بہ تون خاموش رهين ٿو؟
’عبد‘ جي جيءَ ۾ جهير پون ٿا،
پوءِ بہ تون خاموش رهين ٿو؟

○

(نوٽ: ڪراچيءَ جي حالات تي روزانہ آفتاب جي علمي ادبي صفحي ۾ شايع ٿيل)

لات مان لات ٻري وڃي، روشن ٿئي گهر گهر،
آزادي اٿئي ٽر.
لات لطيفي تي ڏسو جهومي ٿو جهنگ جهر،
آزادي اٿئي ٽر.
ڪچو ڪاچو لاڙ وچولو وسي پوندو ٿر،
آزادي اٿئي ٽر.
ڪر موڙيا هِن ڪينجهر ۾ اُٿلي پئي منڇر،
آزادي اٿئي ٽر.
طوفانن جو شور ٿيو آ، اٿليو آ او ٽر،
آزادي اٿئي ٽر.
ويهي رهه نه ويسلو ناهي رک ٿمر،
آزادي اٿئي ٽر.
ديس مٿان قربان ٿيا، ڪيڏا هن ڪونڌر،
آزادي اٿئي ٽر.
آڏيءَ رات اٿي ڪر 'مگسي' سانباها ساڃهر،
آزادي اٿئي ٽر.

# محنت مزدوري ڪر

محنت مزدوري ڪر مانجهي منهنجي من جا مور،
ويهڻ مان ڪجهه ورڻو ناهي.
رت جو ريج ڏئي ڌرتي کي، جيءَ جي جهوپي جهور،
ويهڻ مان ڪجهه ورڻو ناهي.
لاهن بُندبن جون پٽِ پاڙون، چنجورن کي چور،
ويهڻ مان ڪجهه ورڻو ناهي.
صبح سويري جوڙو جوٽي، کيتي سان تون ڏور،
ويهڻ مان ڪجهه ورڻو ناهي.
جوڏا ڪٽي وٽوهڙ هيڪر، پٽرن جا مُنهن پور،
ويهڻ مان ڪجهه ورڻو ناهي.
ڪوڏر ڪڻ ۽ ڪسِيُن، موڪن جا ٻئي پاسا ڪور،
ويهڻ مان ڪجهه ورڻو ناهي.
ساري سُور اندر جا سارا سلي سلي سان اور،
ويهڻ مان ڪجهه ورڻو ناهي.
ڪاڻپاٽي ڪڻ، هڻ ٻُوڙهو چٿو هور وهيوڙي هور،
ويهڻ مان ڪجهه ورڻو ناهي.
’عبد‘ اُٿي اج ڌرتي تان بس جندڙي پنهنجي گهور،
ويهڻ مان ڪجهه ورڻو ناهي.
○

اج تہ ذڪرڻ جو واءُ گُھليو آ، اج تہ سجڻ تون موٽي آءُ،
منهنجا مِنٿڙا موٽي آءُ!
ٺڏڙي ٺڏڙي هير گُهلي ٿي، راحت ٻٽجي آيو واءُ،
منهنجا مِنٿڙا موٽي آءُ!
مولا تنهنجو آهہ محافظ، لڳي نہ توکي ڪوسو واءُ،
منهنجا مِنٿڙا موٽي آءُ!
اکڙيون راهہ تڪينديون ٿڪيون، تارن ڇڏيو تاءُ،
منهنجا مِنٿڙا موٽي آءُ!
تنهنجي درد فراق ڏنو آ، گهرو گهرو گهاءُ،
منهنجا مِنٿڙا موٽي آءُ!
راڻا ريت رَسڻ جي ڇڏ تون، آءُ پرين تون ڪر پرچاءُ،
منهنجا مِنٿڙا موٽي آءُ!
پرت جو ڪن تي پئجي ويو آ، پيارا پيارو ڪو پڙلاءُ،
منهنجا مِنٿڙا موٽي آءُ!
تو بن ساقي خاني ۾ ڪو ساڳيو ڪونهي ساءُ،
منهنجا مِنٿڙا موٽي آءُ!
سورن جا هِن ساٿ اسان وٽ، مت ڪو سمجهي سير يا پاءُ،
منهنجا مِنٿڙا موٽي آءُ!
توريءَ 'عبد' جي حال تي ڪنهن ڪي، ڪونہ پيو ڪهڪاءُ،
منهنجا مِنٿڙا موٽي آءُ!

○

(نئين زندگي مئي 1980ع صفحو 63)

# ڪافي

الفت جي نہ مون کان ڳالھ پڇو
چاھت ۾ وڏي آ چوٽ رسي.

فرقت ۾ سجڻ ويو دلڙي ڦٽي،
زخمن تي تہ زھري لوڻ ڇٽي،
مرھم نہ ملي، پيا چاڪ چِڪي.

پَل پَل ۾ پريندءَ جو پور پيو
ھِي نينھن وڏي ناسور ٿيو
ھڪ پل بہ نہ دل تان ياد لٿي.

جنھن ڪالھ ڪيا ٿي قول پڪا،
سو 'عبد' کان ٿي ويو يار جدا،
وئي نيڻن جي آ ننڊ ڦٽي.
○

# غزل

سُونهن تنهنجي جي ثَنا ڪهڙي ڪيان اي دلرُبا!
جلوو تنهنجو هر جڳهه آهي عَيان اي دلرُبا!

چنڊ کان وڌ چهرو تنهنجو زُلف ڪاري رات جيان،
ڏند موتين جي ٿو مالها پانئيان اي دلرُبا!

حُسن تنهنجي جي جهلڪ، بيهوش موسيٰ کي ڪيو،
طورِسِينا خاڪ ٿي ويو تاب کان اي دلرُبا!

چاهه مان چُپ چاپ ۾، چميون ڏين ٻئي چپ پيا،
نينهن مان جيئن نانءُ تنهنجو ٿو کڻان اي دلرُبا!

تنهنجي صورت جي ڪندي پوجا خُدا مونکي مليو،
تنهنڪري ٿو تنهنجي قدمن تي جُهڪان اي دلرُبا!

لوڪ کان توکي لڪائي ساهه ۾ سانڍي رکيم،
مان فقط تولاءِ ئي ٿو بس جيان اي دلرُبا!

’عبد‘ جي دل جي ازل کان آرزو آهي اِها،
آبِ زم زم، آبِ ڪوثر پيو پيان اي دلرُبا!

○

دل کي تنهنجي قرب جو قيدي بنايون ٿو وتان،
پرت جو توساڻ پختو پيچ پايون ٿو وتان.

منهنجي مارڻ لئه تکو تلوار کي ڇو ٿو ڪرين،
تيغ اَبرن کان اڳيئي سِر ڪٽايون ٿو وتان.

دل جي حاطي ۾ دکائي درد جي دونهين مِنا،
باهِه اُلفت جي ازل کان مان مچايون ٿو وتان.

نانءُ منهنجو بت پرستيءَ ۾ پلي لک زاهدا!
”يار جي تصوير سيني سان لڳايون ٿو وتان.“

غير جي هر چال کان بڌ اي زمانا غور سان،
خونِ دل ڏئي باغ اُلفت جو بچايون ٿو وتان.

’عبد‘ ٻڌجي مان ازل کان يي اڳي اي دوستو!
هن جي دل ۾ هڪ عبادتگاهه ناهيون ٿو وتان.

○

(ٽه ماهي مهراڻ 1981 ـ 1 صفحو 38 تي شايع ٿيل.)
(نئين زندگي مارچ 1982 صفحو 76 تي شايع ٿيل.)

چاهت جي چنگ کي ٿو چوريان وري،
دلبر سان حالِ دل ٿو اوريان وري.

وحشت جي واءَ وانگر ڦيرا ڏئي ڏئي،
جهوري ٿو جهوپڙيءَ کي جهوريان وري.

فرقت جا داغ دل تان ميٽيا نہ ها اڃا،
اُڀڙي پيا زخم ان جا هوريان وري.

سِڪ ساهہ کي وڪوڙي سوگهو ڪري ڇڏيو،
سِڪ جو سڄو تڏهن ٿو سوريان وري.

قسمت جي ڪاش ٿي پئي، پنهنجي پرينءَ ڏي،
ڪرهو ٿي ڪيچ ڏي مان توريان وري.

ڏکڙن پنيان سُکن جون گهڙيون اچن ٿيون،
ڏونگر ڏکن جو تڏ ٿو ڏوريان وري.

چپ ٿا چمن چپن کي نالو جي ونجي ٿو،
دل ٿي چوي چپن کي چوريان وري.

اُف پي ڪري زبان جا دلبر جي شان ۾،
ڪوري زبان تنهن کي ڪوريان وري.

ماري جي ’عبد مگسي‘ جياري وري خُدا،
سهٽي تان ساهہ سر کي گهوريان وري.

○

(ماهوار نئين زندگي ڊسمبر 1980ع صفحو50)

اُلفت ۾ ڪو اسان ڪان سجدو قضا نہ ٿيندو.
جيئن مون ڪيو آ سجدو ٻئي ڪان ادا نہ ٿيندو.

سرخم ڪري ڇڏيوسين ان جي حضور ۾،
هڪڙو خدا آ پنهنجو ٻيو ڪو خدا نہ ٿيندو.

مون کي تہ ڀروسو آ، هن جي وفا تي هردم،
پختو يقين آهي، مون ڪان خفا نہ ٿيندو.

دنيا ڀلي لڳائي ڪيڏو بہ زور ليڪن،
راهہ-وفا ۾ مون ڪان دلبر جدا نہ ٿيندو.

اُلفت آ پاڪ پنهنجي، نظرون بہ نيڪ آهن،
نيّت ۾ صاف، مون جيئن ڪو پارسا نہ ٿيندو.

بهتان کهڙا کهڙا، ڏين ٿو اسان تي ناصح!
جنهن جو وفا آ شيوو سو بيوفا نہ ٿيندو.

سرساهہ يار آڏو صدقي ڪري ڇڏيو مون،
سمجهان ٿو اهڙو رتبو ڪنهن کي عطا نہ ٿيندو.

ماڻي فنا رَسي ويو جيڪو بقا تي آهي،
”فاني جهانُ هوندي فائق فنا نہ ٿيندو.“

مان ’عبد‘ آهيان ان جو معبود آ هو منهنجو
ڪنهن غير آڏو پنهنجو سجدو روانہ ٿيندو.

O

(سيپٽمبر 2003ع. ادب پبليڪيشن صبح 58)

پنهنجن سان پنهنجي پختي ياري اجا بہ آ.
ڏارين کان دل اسان جي عاري اجا بہ آ.

دنيا ڇڏي مان تنهنجي در تي پڄي ويس،
تنهنجي عزيز اُلفت پياري اجا بہ آ.

گلشن جا گل ڪُماڻا تنهنجي فراق ۾،
شاهد شجر جي هر هڪ تاري اجا بہ آ.

گل جو تہ واس پيي نہ مليو آهہ دوستو
صحرا جي قسمتن ۾ واري اجا بہ آ.

مان ڪيئن چوان تہ آهن خوشيون نصيب ۾،
دل تي غبار غم جو تاري اجا بہ آ.

من مرڪ ۾ ڪي لڙڪ لڪائي ڇڏيا اٿم،
ليڪن لَبن تي آهہ ۽ زاري اجا بہ آ.

تنهنجي رسڻ کان پو وري ماتم بپا ٿيو
توکانسواءِ ڪاري واري اجا بہ آ.

هڪ مُرڪ تي خوشين کي قربان ڪري ڇڏيم،
توکان لڳل ڪا چوٽ ڪاپاري اجا بہ آ.

مان ڇا چوان تہ تنهنجي ۽ منهنجي پيار جو،
اي من! متل چوٻول چوڏاري اجا بہ آ.

وڇڙي ملياسين ۽ ملي وڇڙي وياسين پر،
دنيا اسان جي پيار جي ماري اجا بہ آ.

طوفان سَوَ اچن پر لوڏي نٿا سگهن،
مون تي اي دوست ربّ جي ٿاري اجا بہ آ.

ٻاڙا ٻجهن ٿا ٻول ٻين جا پرين مگر،
تنهنجي سين کان ٻولي نياري اجا بہ آ.

ڪاڇي ڪڇي پڪي ۽ ڏس اڄ بہ لاڙ ڏي،
”مرشد جو فيض برڪت جاري اجا بہ آ.“

رازِ خُدا کي ’عبد‘ مان سمجهي نٿو سگهان،
مالڪ جي ذات سڀ کان نياري اجا بہ آ.

○

هِنئين جا هار ڪاڏي ويا،
دلي دلدار ڪاڏي ويا.

اسان کي راهہ ۾ رولي،
اسان جا يار ڪاڏي ويا.

ڳنڍي هو نينهن جو ناتو،
چِني هڪوار ڪاڏي ويا.

اندر جا حال اوريا جن،
ڏَسيو غمخوار ڪاڏي ويا.

نہ آهن رونقون ساڳيون،
سيئي سينگار ڪاڏي ويا.

ٻڌائي محبتن جا محل،
سي معمار ڪاڏي ويا.

ڪيا جي قول تو مون سان،
پڪا اقرار ڪاڏي ويا.

ڪياسين جيڪي دلين جا،
وري وهنوار ڪاڏي ويا.

هٽي جي سيئن بينا ها،
اهي پينار ڪاڏي ويا.

محافظ جي ها گُلشن جا،
سي پهريدار ڪاڏي ويا.

نہ ساقي آ نہ مئخانو
پيلا مئخوار ڪاڏي ويا.

ڪرايا 'عبد' کي تو جي،
اهي ديدار ڪاڏي ويا.

○

وڇڻ وارن کي وڇڙو هو ويا آخر وڇڻ وارا،
جدا ٿي ويا الائي ڇو سدا مرڪي ملڻ وارا.

ڪيا ٿي روز شب مون سان پڪا جن پيار جا وعدا،
ڇِني ناتو وڇوڙي ۾ وڃهي سي ويا ڇِنڻ وارا.

نگاهون منتظر آهن، پريشان حال آ منهنجو
پري آهون، تڪي راهون، نهاريندا ڏسڻ وارا.

اتي اقرار يا انڪار جي ڪهڙي ضرورت آ،
جي ڏيندا زهر جا پيالا تہ پي ويندا پيئڻ وارا.

ٻُجهن درياهہ جا دڏڪا ۽ ڇوليون ڇوهہ مان ڇُلڪن،
توڪل جو ٻڏي ترهو تري ويندا ترڻ وارا.

سڏائي هرڪو عاشق ٿو پرينءَ جي بزم ۾ ويهي،
اهي منصور ٻيا هوندا، جي سوريءَ تي نچڻ وارا.

جلائي عبد مگسيءَ کي پرين يَلُ پيار ۾ پرکي،
پتنگ ٻٽجي شمع اڳيان، جَلي ويندا جَلڻ وارا.

○

(27 نومبر 1985ع تي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ پڙهيل ۽ سنڌ ڊائجسٽ)

(سنگت پبليڪيشن جنوري، فيبروري 2009ع)

ديد سان ديد ملائي ويٺس،
ناحق نِنڊ ٿٽائي ويٺس.

نرمل نيڻ ڪٽي تو نهاريو،
هوش حواس وڃائي ويٺس.

هڪڙي دلڙي درد هزارين،
دل جو داغ لڳائي ويٺس.

تنهن جي درد فراق ۾ روئي،
پنهنجا پاند پُسائي ويٺس.

ڏاريا ڇا پر تنهنجي لئہ مان،
پنهنجن کي بہ ڀلائي ويٺس.

تنهنجي ياد ۾ لُڙڪ وهائي،
دل جو درد وڌائي ويٺس.

جاڳي جاڳي تنهنجي خاطر،
روئي رات وِهائي ويٺس.

تنهنجي ملڻ جي منهنجا جاني،
دل ۾ آس لڳائي ويٺس.

گيت غمن جا ڳائي ڳائي،
ونتر سور پرائي ويٺس.

توکي ڏسندي يار پيارا،
تنهنجو 'عبد' سڏائي ويٺس.

○

(ماهوار ادب پبليڪيشن سيپٽمبر 2003ع)

نظر نظر سان ملاءِ اهڙي پئڻ کان اڳ ٿئي قرار پيارا،
ڪٽي خماريل نيڻ مون ڏي نِهار پيارا، نهار پيارا.

سخا جو سرواڻ توکي سمجهي مون سئن تنهنجي لڳائي درتي،
مرڻ کان پو پي وري جيان مان شراب اهڙو پيار پيارا.

جُدائي جهوري ٿي جيءُ منهنجو اُڏاريان وينو ٿو ڪانگ توڏي،
وري جي ايندين اڱڻ تي توساڻ گڏجي ايندو قرار پيارا.

هتي نہ زاهد جي ڪر خبر هِت پچار مئخوار مئہ جي ڪن ٿا،
اسان جي قسمت سنوار يا ڪر جهان ۾ اڄ خوار پيارا.

مسيت مندر حرم ۽ ڪعبو اسان تہ دل ۾ اڏي ڇڏيا هن،
گناهہ چاهي ثواب چاهي، خبر نہ آهي اي يار پيارا.

ڏلايون منهنجون هزار آهن، اي ڍول، هاڻيہ ڏڪي ڇڏيو جو
ازل کان تنهنجا ٿا ’عبد‘ سڄون ۽ جان پي آ نثار پيارا.

پرينءَ سان پيار جو پختو پلي تون پيچ پائي ڇڏ،
سجڻ کي ساهه ۾ سانڍي زماني کي پلائي ڇڏ.

ڪري قربان دل جون خواهشون دلدار جي خاطر،
جهانِ عاشقيءَ ۾ تون سُڪون دل جو لٽائي ڇڏ.

ڏسون ڪهڙا ڦٽن ٿا گل وري هن دل جي ڌرتيءَ تي،
اکين مان مينهن ڳوڙهن جو پلي هيڪر وسائي ڇڏ.

نہ پڇ ڏاهن کان ڏس ڪوئي، نہ وڃ تون در طبيبن جي،
پرينءَ جي خاڪ پا کي بس دوا دارون بنائي ڇڏ.

پڇڻ سان پيي نہ دل جو درد ڪنهن بيدرد سان سلجان،
سوا ڪنهن حال محرم جي ٻين کان غم لڪائي ڇڏ.

نہ مسجد ۾ نہ مندر ۾، نہ ڪعبي يا ڪليسا ۾،
سجڻ جي بس تون قدمن ۾ عبادت گهر اڏائي ڇڏ.

ڏجان دل غير کي هرگز نہ، تون سوچي ذرا ڏسجان،
اچي گهر يار ٿو تنهنجي، صحن دل جو سجائي ڇڏ.

عبادت 'عبد' جي چاهين تہ ڪر پوجا پرينءَ جي تون،
چڱو آهي سجڻ اڳيان جبين پنهنجي جهڪائي ڇڏ.

○

(ٽہ ماهي مهراڻ 1982 - 2 - 1)

دامن جي ڳالھ ڪر نہ گريبان جي ڳالھ ڪر،
ڪرڻي اٿئي تہ جلوءِ جانان جي ڳالھ ڪر.

خوشين جو ذڪر ڇيڙ پلي غير سان مگر،
مون سان اي يار حسرت ۽ ارمان جي ڳالھ ڪر.

دل جي چمن ۾ آئي خزان بار بار آ،
هاڻي ڪرين تہ دل جي بيابان جي ڳالھ ڪر.

ڇولين جي ڪشمڪش ۾ انهيءَ ناخدا سان گڏ،
ڪشتيءَ جي ڳالھ ڪر وري طوفان جي ڳالھ ڪر.

منهنجو علاج ڪين طبيبن کان ٿي سگھيو،
نامِ خدا تون درد جي درمان جي ڳالھ ڪر.

مون سان خدارا حُسن جي بازار کي ڇڏي،
جي تو ڪرين تہ شهرِ خموشان جي ڳالھ ڪر.

عقل ۽ خرد جي ڳالھ اسان سان نہ ڪر هتي،
ڪرڻي اٿئي تہ ڪنهن دلِ نادان جي ڳالھ ڪر.

ناصح نہ ڇيڙ ذڪر تون ايمان، ڪفر جو،
”مون سان ڪرين تہ عظمتِ انسان جي ڳالھ ڪر.“

○

سنڌ تي پڄري پڄڻ ايندو اٿم،
ساهہ سِر صدقو ڪرڻ ايندو اٿم.

پوڻ جو ڪاڙو قلم آهي قسم،
سنڌ ڌرتيءَ تي لکڻ ايندو اٿم.

ڏاڍ جا ڏونگر بہ ڏاري ٿو سگهان،
پنهنجي دشمن سان لڙڻ ايندو اٿم.

ديس جي ڌرتيءَ مٿي سجدا ڏئي،
ان جي مٽيءَ کي چمڻ ايندو اٿم.

سچ تہ پٿر جي خدائن جي اڳيان،
ڪينڪي هر گز جُهڪڻ ايندو اٿم.

پل سوين سُوريون پيون سينگارجن،
سچ سوريءَ تي چڙهڻ ايندو اٿم.

ڪوڙ جي مُنهن ۾ وجهي ڄاڻان ٿو ڌوڙ
حق جو هوڪو ڏيڻ ايندو اٿم.

ڇا پڇين ٿو زندگيءَ جي راهه ۾،
ها! مرڻ توڙي جيئڻ ايندو اٿم.

ٿي ڪڪر قربن پريو اوتر ڪري،
ٿر جي واريءَ تي وسڻ ايندو اٿم.

هٿ ٽنگڻ ڪي عيب ٿو سمجهان سُٺو!
حق ڇني پنهنجو وٺڻ ايندو اٿم.

لڙڪ مُرڪن ۾ لڪايون ٿو وتان،
اي ڇريا! روئڻ، ڪلڻ ايندو اٿم.

بد نظر جي ديس تي اُلري پوي،
هوشو هيمون تي وڙهڻ ايندو اٿم.

وقت جا واسينگ مون کي ڇا ڪندا؟
پير نانگن تي رکڻ ايندو اٿم.

’عبد‘ ان تان ٿيندو آهيان اول گهول،
سنڌ واسي کو سجڻ ايندو اٿم.

(روزانه آفتاب 4 نومبر 1991ع)

رات ڪاري اجا ڪُٽي ڪانهي،
باک چو جو اجا ڦٽي ڪانهي.

ڏس ته تارا تڪن ٿا تارن کي،
صبح جي آس يي ٽُٽِي ڪانهي.

خون، ڏاڙا ڦرون، ٽين چوريون،
ظلم جي باھ پرگھٽي ڪانهي.

روز نئين سج نوان ستم مليا.
جان سورن منجهان ڇُٽي ڪانهي.

پاڻ کي ئي تہ لوچڻو پوندو
چو تہ غيرن جي ڪا گتي ڪانهي.

نيٺ هڪ ڏينهن گُل ٽڙي پوندا،
ماڪ مُڪڙين اجا جَهڻي ڪانهي.

پنهنجي ڌرتي تي ساهہ سرَ ڏيندا،
جُوءِ جهانگين اجا مَٽي ڪانهي.

دوستو! اهڙي اڪ ڪڏي چڏجي،
درد ۾ جا ڪڏهن پِني ڪانهي.

اڪ کهڙي اها بہ اڪ چئجي،
ديس لئہ جا ڪڏهن رُني ڪانهي.

هيانءُ هاري ويهين متان 'مگسي'،
رات ۽ ڏينهن ۾ وِٿي ڪانهي.

○

گهاريون سين جي گڏ زندگيءَ جون گهڙيون،
ڪيئن وساريان اهي دل لڳيءَ جون گهڙيون.

تو وساري ڇڏيون، مون کان وِسرن نٿيون،
پنهنجي اکڙين جي آلودگيءَ جون گهڙيون.

راهِ اُلفت ۾ تي ڪيئن نـ قابض ويون،
رهبريءَ جي مثان رهزنيءَ جون گهڙيون.

بيڪسي، بيوسي جو ڇا عالم هُيو،
اڄ بـ گذرن پيون سادگيءَ جون گهڙيون.

ڪيئن لڳي پرچندو ٿئين اي تنهنجا پرين،
جا ڏٺيون تنهنجي ناراضگيءَ جون گهڙيون.

سوطرف تنهنجي چهري جي چانڊاڻ هئي،
جا اسان ڏٺيون اهي روشنيءَ جون گهڙيون.

ياد حسرت ڀريون دوستيءَ جون گهڙيون،
ياد آيون ڏٺيون سي خوشيءَ جون گهڙيون.

ڪٿي ڪيڏانهن نه آواز جو اي صنم!
ياد ڪريون سڀئي عاشقيءَ جون گهڙيون.

ڪيئن نه تنهنجي مون نيڻن کان پيتو هيو،
ياد آيون اهي مئڪشيءَ جون گهڙيون.

جو ڪنهن قرب جون جي ڪچهريون پرين،
تنهنجي زلفن ۾ ٿيون دلبريءَ جون گهڙيون.

تنهنجي دامن تي سر کي جهڪائي مِٺا،
ڪيا پوريون ڪيون بندگيءَ جون گهڙيون.

مليو درد مون کي بہ جو پيار ۾
مون سمجهي سنو دل جي واپار ۾

کسي دل سان يار پهرين نظر سان،
هيو اهڙو جادو اثر يار ۾

سندس زلف ڪاري وڏا ونگ مون کي،
چڱو هو اثر يار جي وار ۾

جفائون ۽ صدما سنم سور سؤ
سچو تيڙو آ مونکي وهنوار ۾

خزان چائنجي وئي دلِ منتظر تي،
رهيو لطف ساڳيو نہ سنسار ۾

هتي هر قدم تي مليون حسرتون،
پلا آس ڪهڙي گنهگار ۾

تي زاهد چيو بزم ۾ مرڪندي،
اڙيں 'عبد' اچ عشق جي چار ۾

مند ملڻ جي آئي موتي، وَر پرين،
دل جو ڪولي مون ڇڏيو آ، در پرين.

سارين ۾ ست پئي، سُرهاڻ ٿي،
واسجي خوشبوءِ سان ويو، ٿر پرين.

ڪيئن وساريان تنهنجا ڳڻ ۽ ڳالهيون،
ياد آهي پيار جو منظر پرين.

سمجهان ٿو سنسان، گهٽيون، گهرڙا،
تو سوا سمجهان ٿو گهر پيو، بر پرين.

لُڙڪ لڙڪن جي مٿان وهندا رهيا،
ويو پسجي ڳوڙهن سان آ، بستر پرين.

آءُ پياسو ٿو رهان هڪ سرڪ لئه،
جيئن ساون منجهه آتو، ٿر پرين.

غير پل مون ساڻُ ريسون ڪن پيا،
مون کي تنهنجو ئي تہ آهي، پر پرين.

جيئن هٽايئہ زُلف چهري کان مِنا،
ٿي ويو روشن سمورو گهر پرين.

تون تہ محرم آهين منهنجي حال جو،
’عبد‘ بئي سان ڇو ڪَڍي اوبر پرين.

عبرت مئگزين 15 جولاءِ 1992ع

شايد مُنهنڙو موڙي ويو آن!
نينهن جو ناتو توڙي ويو آن!

پُختو پيچ پريت جو پائي،
”جيءَ ۾ جايون جوڙي ويو آن.“!

نظرن جي وڙ ويڙهي ٻڌجي،
دل کي خوب وڪوڙي ويو آن!

ويري وير ونڻ لئه پهتا،
ويرين کي چو چوڙي ويو آن!

غيرن ساڻ وچي تون وينين،
پنهنجن کان منهن موڙي ويو آن!

عشق جي بحر مان تارڻ بدران،
قرب جي ڪشتي ٻوڙي ويو آن!

’عبد‘ جي دل جو ڪِلندي ڪِلندي،
اوڪو راز پروڙي ويو آن!

○

قدم قُرب وارو هٽائڻ ته چاهين،
رتل راند لاشڪ ڦٽائڻ ته چاهين.

اسان تنهنجي نالي تان قربان آهيون،
اجا ٻي سڄڻ آزمائڻ ته چاهين

مِنا عشق ۾ مشڪ لڪندڙي ناهي،
سڄڻ ڳالهه ڪهڙي لڪائڻ ته چاهين.

مسلمان مردا جلائيندا ناهن،
مگر تون ته جيئري جلائڻ ته چاهين.

هتي تير نظرن جا ماري مڃائي،
سر عام ناحق کپائڻ ته چاهين.

اندر ۾ ٻري باھ سينو سڙي ٿو،
وري دود کھڙا ڏکائڻ ٿو چاھين.

منھنجي ابتداتون منھنجي انتھا تون،
سبب کھڙي سھڻا ڀلائڻ ٿو چاھين.

پرين نينھن ناتو چنڻ جو نہ آ،
وفائن جي قيمت گھٽائڻ ٿو چاھين.

پري پاڻ کان ڪين ڪر يار پيارا،
اھي فاصلا ڇو وڌائڻ ٿو چاھين.

ھو توکان پري تون جدا يار کان،
اچا 'عبد' ان جو سڌائڻ ٿو چاھين.

○

تُنهنجي واتَ نهاريان وينو،
تولئہ ڪانگ اُڏاريان وينو.

جاني جيءَ جي جوت جلائي،
ڏيئا ڏات جا ٻاريان وينو.

هيڪر يار هلي آ، تولئہ،
روئي رات گذاريان وينو.

تانگهي تار منجهان يي پيارا،
ڪشتي قرب جي تاريان وينو.

تنهنجي قرب محبّت جو من!
دل تي نقش اُڪاريان وينو.

تون يي ياد ڪرين ٿو مون کي،
آءَ بہ توکي ساريان وينو.

سهڻا تنهنجو ’عبد‘ سڏائي،
پنهنجو جيءُ جياريان وينو.

جيستائين پنهنجي آهي زندگي،
اورَ توسان تيستائين اوربي.

آ ڏکيو ڏاڍو حياتي جو سفر،
بس ڏکي توڙي سکي پئي ڏوربي.

هِن جهان کان هُن جهان ۾ پيا هلون،
پنهنجي وڻندي آ اها آوارگي.

عاشقي ۾ پنهنجو هي ايمان آ،
عشق ۾ هي زندگي پئي جهوربي.

دادُ ڏيندو سو وفائن کي ڏسي،
جنهن ڏني آهي اسان جي دل لڳي.

اڄ بہ تي مجنون تا صحرا ۾ ڦرون،
ڪو ڏسي منهنجي اچي ديوانگي.

مُنصف ۽ عادل رياڪاري ڪري،
ڪير سهندو ايتري بيدادگي!

هر قدم تي هر گهڙي پئي تي ٿئي،
رهبري جي روپ ۾ ڏس رهزني.

هٿ هٿ ۾ ڏئي هلي، دوکو بہ ڏئي،
دوستي چئجي يا چئجي دشمني.

خون ارمانن جو ايئن ٿيندو ڏسي،
مون نہ ڄاتو موڪلائيندي خوشي.

ڇا چوان پنهنجي وفا، تنهنجي جفا،
فيصلو ٿيندو ٺُراڙي توربي.

رنگ لائيندي اسان جي آرزو،
پيار واري گهاٽي ۾ پيڙائبي.

ادب پبليڪيشن سيپٽمبر 2003ع صفحو 59.

جيئن ئي توسانءِ منهنجي اک لڳي،
توکي اربي مون ڇڏي بس زندگي.

مان نٿو سوچان نٿو سمجهي سگهان،
ڪيئن وڃي ڦاٽي ڪٽي آ دل ڇري.

هر ڪا هڪڙي جي مٿان ٿيون ٿا نثار،
بيوسي سمجهو يا سمجهو سادگي.

بيو نه سيڪجهه مان وساري ٿو سگهان،
ڪيئن وساريان تنهنجي صورت سانوري.

مون نه ڄاتو پوندي تنهنجي پيار جي،
پير ۾ زنجير هٿ ۾ هٿ ڪڙي.

مان به جوڳي هوس گرناري مگر،
هنڌ ڄاڻهي ڏيئي تنهنجي ساحري.

هڪ نظر سان قيد دليون تو ڪرين،
تنهنجي نيڻن جي ڏنم جادگري

تون حسين، قدرت جو آهين شاهڪار،
واهه! قدرت جي ڏنم ڪاريگري!

جنهن کي هٿ لاتئي، اهو ٿي سُون پيو،
تنهنجي هٿ ۾ ڪيڏي آ ڪيمياگري!

ڪين ٿيندي بئي ڪان لُڙڪن جي بها،
قدر هيرن جو ڪندو آ جوهري.

ذات جا ڏيئا اُجهائيندو نه ڪو،
دل جلائي ٿا ڪيون پيا روشني.

’عبد‘ پنهنجا، بول باراٽا نه پانءِ،
جهنگ جهر ۾ گونجندي پئي شاعري.

○

اکين ۾ ڪٽيم رات پريات سائين!
رُنا ٿي ستارا سڄي رات سائين!

تڪيندي ستارا ٿڪا نيڻ تارا،
ڪڏهن توسان ٿيندي ملاقات سائين!

هزارين حسين جڳ ۾ آهن ٻيا پي،
مگر انجمن لئہ تون سوغات سائين!

سدا منهنجون اکڙيون رُئن رت ڦڙا ٿيون،
عجب آ مسلسل هي برسات سائين!

سڪي ساهہ تولئہ رهي من ٿو ماندو،
سوا تنهنجي مون لاءِ هيهات سائين!

وڇوڙي جون گهڙيون صدين مثل پانيان،
اندر منجهہ اُڻ تُڻ ۽ سڪ تاتِ سائين!

ڪري قرب هيڪر اڳڻ جي اچين تون،
تہ دل جي سٽاياڻ هر بات سائين!

اچا ’عبد مگسي‘ جو دم آ لُڪيءَ تي،
اچي روبرو ڏس هي سڪرات سائين!
○

ٽانگو جي ٻرين ڳنڍجي، پيو يارنه منهن مٽجي
سورن ۾ سڄو سارڙي، فُرقت ۾ نه دل ٽٽجي

صدمن تي ڏٺي صدما، ٻي موت نه مارين ٿا
ڪينهن جو نه اٿين منڙا، ڪي ساه گهٽي وڃجي

مرڪڻي جو پيار پئي مئه ايڏا نه نشا ٿي ويا
جو هوش ويو گم ٿي، اک ڪاڻ پئي پٽجي

دنيا کي خبر پئي آ، توسان محبت آ
الجي نه زماني کان، ڏس يار ڪئين الجي

هن حُسن جي دنيا ۾ سهڻا نه سوين آهن
پين سان مگر پنهنجو هي روح نٿو رلجي

سورن ۾ سمايو هان، پورن ۾ پليو آهيان
هن درد وندي دل جي، غم درد نٿو گهٽجي

ليڪا نه محبت ۾ ڪر ’عبد‘ اياڻي سان
هڪڙا هلي اڄ ٿين ڪو منو سچو سلجي

ڪئي چند چؤطرف چانڊاڻ آهي.
اهو تنهنجي آمد جو اُهڃاڻ آهي.

سجڻ ڏيهه سارو وڌو واسجي آ.
”سگهو اڄ تي سارين ۾ سرهاڻ آهي.“

پرين راهه تنهنجي ۾ اکڙيون وڇايم.
دري دل جي کولي سون توڪاڻ آهي.

چمن دل جو ويران ٿيندو ڏسان ٿو،
مٺل دل جي دنيا ۾ مانداڻ آهي.

نه ڪا سِير ساڳي، نه ڪڙڪا ڪُنن ۾،
محبّت جو مانو ڇو مهراڻ آهي.

چئي ڇا ٻڌايانءِ ڪاٿوئي ڪونهي،
اسان وٽ ته سورن سندي کاڻ آهي.

ٻُليل ان کي ڇئجي نه اي ’عبد‘ هرگز،
ٻُلي جا ته آئي وري ٻاڻ آهي.

○

(شهباز پبليڪيشن حيدرآباد جي مارچ 1979ع)

دل جي پوري نيٺ حسرت ٿي وئي،
اڄ رُخِ انور جي زيارت ٿي وئي.

تو نگاهِ شوق سان مرڪي ڏٺو
مهربان مون تي آ قدرت ٿي وئي.

گيسوئي پيچان جي ڪوليا دلرُبا،
هي بپا ڪاٽئون قيامت ٿي وئي.

تنهنجي ڇهري ڪي نگاهن آ چُميو،
والله پوري دل جي حسرت ٿي وئي.

پيار تنهنجي تان فدا مون ڪيو حيات،
زندگي تو وٽ امانت ٿي وئي.

وقت آيو ياد دلبر آ ڪيو،
اڄ خدا جي نيٺ رحمت ٿي وئي.

مون ڏني قرباني تولئہ تنهنکري،
چوٽ تي تنهنجي آ عظمت تي وئي.

مُنهن کي آ قرآن سمجهي مون چميو
پيار ۾ پوري تلاوت تي وئي.

هن ڏنو هٿ هٿ ۾، منزل وئي ملي،
ڪارگر ان جي امامت تي وئي.

ياڳ چئبا جو اسان کي دوستو!
يار جي حاصل قيادت تي وئي.

هٿ چمندي چميا پير مون،
بس مسلمان منهنجي چاهت تي وئي.

غير پل مون ساڻ ربسون ڪن پيا،
منتشر تن جي عداوت تي وئي.

قسمتن پيي رشڪ ڪاڏو دوستو!
يار جي پاڙي ۾ تربت تي وئي.

هڪ دفعو ان جي قدم بوسي ڪيم،
’عبد‘ جي پوري عبادت تي وئي.

هي ڪير آهي، هي ڪنهن جا هن، ٻئي نيڻ پنل هن ڪي تہ ڏسو!
هي ڪنهن جي اکين ۾ آئي آ، دريا جي اُٿل هن ڪي تہ ڏسو!

هي ڪهڙي پيار ڪان آيو آهي، وڻجارو وساهہ ڪري!
هو ڪيئن ڪنيرن ٻيڻو آ هٿن تي پنهنجي دل هن ڪي تہ ڏسو!

ڪنهن درد پري آ دانهن ڪئي، ڪنهن لُڙڪ ڳلن تان ڳاڙيا هن!
ڪو پنهنجي ٻر ۾ ٻرڇائي ٿو، روح رُنل هن ڪي تہ ڏسو!

ڪا آس اندر مان تڙپي اٿي، ڪا دانهن چپن تي آئي آ،
هي ڪير آ آيو جاڳائڻ، ڪي سور سُتل هن ڪي تہ ڏسو!

هي ڪنهن جي ياد جا گل ٽڙيا هن، دل جي صحرا تي همدم،
بي موسم ڪيئن ٽڙي پيو آهي، دل جو ڪنول هن ڪي تہ ڏسو!

هي رنگ عجب هي ڍنگ عجب، انداز عجب آ اکڙين جو،
اڄ ڪير چورائڻ آيو آهي، منهنجي دل هن ڪي تہ ڏسو!

جنهن رات کي رات نہ ٿو سمجهي، جو ڏينهن کي ڏينهن نٿو ڄاڻي،
سو موت کي مات ڏيڻ جي لئہ، بڻيو آ اجل هن ڪي تہ ڏسو!

هو سورن تي ٿو سور سهي، هو زخمن تي ٿو زخم سهي،
مقتل ۾ بيهي تڙپي ۽ لُڇي، آ ڪنهن جو ڪُنل هن ڪي تہ ڏسو!

هي ڪنهن جي لهو جي لالي آ، جو ڌرتي رت ۾ آلي آ،
هن ڌرتي تي آ ربنئر ريتو رنگ رتل هن ڪي تہ ڏسو!

هي 'عبد' عبادت ڪرڻي آ، ڌرتي جي سلامي پرڻي آ،
هت 'مگسي' مرد مجاهد جي گردن آ جُهڪيل هن ڪي تہ ڏسو!

○

دل کي خبر هجي ته دل جي عذاب جي،
حالت ٻڌايان ڇا دلِ خانه خراب جي.

ڪهڙي مجال آهي اتي آفتاب جي،
مون کي جهلڪ ته ماري جتي ماهتاب جي.

سُوسَن، سمن ۽ موتيو مگرو، به خوب پر،
تنهنجي چپن کي سمجهيم مکڙي گلاب جي.

تيو چند پيو چريو ڏسي حُسن و جمال کي،
مون ڪان نه ڳالهه پڇ ڪا هن جي شباب جي.

چنڊ ييي ڪڪر ۾ اهي وينڊو لِڪي اها،
هُن ييي ادا چورائي آ، تنهنجي شباب جي.

تنهنجي اکين جا ڪريا ڳوڙها قطار ۾،
سي پي ويس مان سمجهي سُرڪي شراب جي.

رُخ يار جي چمڻ کان روڪين ٿو واعظا،
مون ڪئي تلاوت آهي خدا جي ڪتاب جي.

مون کي ڇڏي ڏي ناصحا، جنت نثي کپي،
توکي لڳي آ ڇو اچي ڏوهه ۾ ثواب جي.

انمول موتي پنهنجي اکڙين مان پيا ڪري،
قيمت ڪيو ٿا کهڙي، اکڙين جي آب جي.

مّدت کان ڪانه مون ڏٺي تحرير يار جي،
دل منتظر رهي ٿي خط جي جواب جي.

مان ’عبد‘ آهيان، ان جي عبادت ڪريان پيو،
کهڙي خبر اسان کي يومِ حساب جي.

○

درد دل ۾ تتو آهي.
مچّ لاشڪ متو آهي.

مان تو جاڳان اجا تائين،
لوڪ سارو ستو آهي.

پيار تي وبو لڳي پهرو،
ڪنهن تہ ڏانئڻ ڏنو آهي.

دار تي تا چڙهن مرڪي،
رنگ اهڙو رتو آهي.

ڪنهن تہ ظالم هڻان هيڪر،
ڪانُ دل ۾ ڪتو آهي.

ڪنهن تہ سقراط جيان پيتو،
زهر جو پُر وتو آهي.

سچَ تي سر ڏنو آ ڪنهن،
ڪوڙ کي ڪنهن وتو آهي.

'عبد' سوچين پيو ڇا ڇا،
سچ ايري لتو آهي.

دل ۾ پيار جي چٽنگ ڏِکي پئي،
ڏُکندي ڏُکندي باهہ ٻَرِي پئي.

پئندي پئندي هوش هليو ويو،
پئماني ۾ سُرڪ ٻَچِي پئي.

اوسيئڙي ۾ آس لڳائي،
روئندي روئندي باک ڦُٽِي پئي.

جهڙ جي موسم ناهي پو بِي،
نيڻن مان برسات وَسِي پئي.

تون بہ تہ ساٿ ڇڏي وئين ليڪن،
دل ۾ تنهنجي ياد ٽِڪِي پئي.

لاشڪ مون ڪان ذات رُني آ،
لکندي لکندي ڪِلڪ ٻَجِي پئي.

مرهم سان ٿا زخم لڙن پيا،
ظلم ستم جي بنڌ ڏهِي پئي.

ساز نہ ڪو آواز رهيو آ،
’عبد‘ جي تن جي تار ٽُٽِي پئي.

سکياسين بحر اُلفت ۾ ترڻ آهستي آهستي
سرِ بازار ايندو آ ملڻ آهستي آهستي.

رقيبن کان بچائي پاڻ، نڪتو آهيان گهر کان،
وري هن مصحفِ رخ کي چمڻ آهستي آهستي.

اجايو آزمائش ۾ وجهين ٿو اي زمانا تون،
الا ايندو اٿم لوچي لهڻ آهستي آهستي.

اسان عشق ۽ محبت ۾ ڪٽي ٻئي هٿ سکيا آهيون،
دعا دل سان ڏيڻ توڙي ونڻ آهستي آهستي.

هوا گُستاخ چوٽي تين، لڳين ٿي تيز تر چالئہ،
سجڻ جي نقشِ پا کي ڏي چمڻ آهستي آهستي.

سمايل پورو مئخانو ڏسان ٿو تنهنجي نيڻن ۾،
خدارا ڏي نگاهن کان پيئڻ آهستي آهستي.

پلي پئماني کي پوري پجي چڏيو اڄ ساقي،
بچي جا سرڪ منهن کي ڏي مکڻ آهستي آهستي.

چيو ساقيءَ تہ مئخاني جا دروازا ڇڏيو کولي،
پلي رندن کي هاڻي ڏيو اچڻ آهستي آهستي.

اسان معبود آڏو ’عبد‘ بڻجي ڪئي عبادت آ،
ڏئي سجدو سکيا آهيون جهڪڻ آهستي آهستي.

دلِ بيمار کان آيو پڇڻ آهستي آهستي.
دوا دردن جي ايندو آ ڏيڻ آهستي آهستي.

اڳي هو سمجهندو هو عاشقيءَ کي راند باراڻي،
سکيو راهِ وفا ۾ آ هلڻ آهستي آهستي.

چپن تي مُرڪ آڻي، نيڻ نيڻن سان ملائي هو،
کسڻ آ دل لڳو منهنجي سجڻ آهستي آهستي.

ڪيان تعريف ڪهڙي حسن جانان جي، پڇيم دل کان،
قلم ڪاغذ کڻي وينس لکڻ آهستي آهستي.

لڳائي داءُ دل جو پاڻ وينا آهيون اُلفت ۾،
لڳو آ پيار جي بازي کٽڻ آهستي آهستي.

جهانِ عاشقي ۾ نازبرور پير پاتو آ،
اچي ٿو ماهه رو مون کي ونڻ آهستي آهستي.

اڳي تصوير هوندي هئي، تصور ۾ سندس هاڻي،
سجڻ دل ۾ لڳو آهي رهڻ آهستي آهستي.

بهارن جي اچڻ کان اڳ، وري اڄ دل جي گلشن ۾،
اميدن جا لڳا گلڙا ٽِڙڻ آهستي آهستي.

نکيون تلوار کان، خنجر کان، ڪاتي کان اکيون ان جون،
سِکيون ’مگسي‘ وري ڪنهن کان ڪهڻ آهستي آهستي.
○

دنيا جي چريا شوق سُهاني کي ڇڏي ڏي،
”لنءُ لاءِ پرين ساڻ زماني کي ڇڏي ڏي“!

اڄ پرت نياهيون ۽ ڪيون پيار جون ڳالهيون،
بيدرد زماني جي فساني کي ڇڏي ڏي!

اُلفت جو غزل ڇيڙ ته دل پيار ۾ جُهومي،
ڪلفت ۽ ڪدورت جي تراني کي ڇڏي ڏي!

چريو آ ڪيو چاهه، مان چريوئي چڱو هان،
هن حال ۾ مجنونءَ يگاني کي ڇڏي ڏي!

پختو آ پيل پيچُ پرين ساڻ پريت جو،
اي شيخ! پڪڙ بلت ۽ پاني کي ڇڏي ڏي!

ديدار تئي يار جو پو لاش لتي پل،
ڪوڙر کي ڇڏي ڏي ۽ تون ڪاني کي ڇڏي ڏي!

مون سان ته سجڻ ساڻ آ، اي موت ڪٿدين چا،
جلدي آ، نه ڪر دير بهاني کي ڇڏي ڏي!

العشق جي اَلفي آ پيل جان تي ’مگسي‘،
المست چرئي ’عبد‘ ديواني کي ڇڏي ڏي!

○

ڏسي توکي يادِ خدا ويئي وسري،
وفا ياد پئي ۽ جفا ويئي وسري.

جهلڪ حُسنَ تنهنجي جي ڏسندي پيارا،
زمين ۽ زمان جي ضِيا ويئي وسري.

اجا تير نظرن جا دل ۾ چبين ٿا،
پرين ڪين تنهنجي ادا ويئي وسري.

ڏسڻ تنهنجي صورت آ خوراڪ دل جي،
سجڻ بي سموري غِذا ويئي وسري

رڳو چاھہ تنهنجي جي چئون پئون آ دل کي،
دنيا جي سُکن جي صدا ويئي وسري

هَنيو عقل کي عشق اهڙو آ تالو
بين سان سلام ۽ دعا ويئي وسري

ڏسي انتها ۾ وفا انتها جي،
غمِ هجر جي هر سزا ويئي وسري

ڀُسي پيار واري جو پهتي چپن تي،
تہ لقمان واري دوا ويئي وسري

عطا سان جڏهن جهول ڀرجي ويو پنهنجو
تہ حاتم جي مون کان سخا ويئي وسري

آهي عشق آفت. مگر ’عبد مگسي‘،
چڱن جي اها اڄ ڪٿا ويئي وسري

○

چنڊ چوڏهين جيان ٿي ٿو اُڀرين پرين!
جنهن بہ گهر ۾ گهڙيءَ مان ٿو گذرين پرين!

چاهہ تنهنجي ۾ سڀ ٿي پون ٿا چريا،
ويس پهري نوان جيئن ٿو نڪرين پرين!

تون ڪِلين ٿو تہ گُلڙا ٽِڙي ٿا پون،
من ٿو مهڪي پوي، جي ٿو مُرڪين پرين!

لوڪ سارو وساري ڇڏيو مون، مگر،
سُنهن خدا جو نٿو پل بہ وسرين پرين!

پيار توسان سچڻ آ سچو ’عبد‘ جو،
آءُ اوري ٿو ڇا لاءِ ڇرڪين پرين!

○

مهجبين در تي سڏي مرڪي ملي،
هن چيو ڪجهه ڊائري تي ڏي لکي.

سنڌ ۾ جيئن شاهه جي آ شاعري،
مون کي من تون ايتري آهين مِني.

هٿُ هٿ ۾ ڏئي، وڏو ياڪر وجهي،
هن پڇيو اي ’عبد‘ ڪهڙو حال تي!

زُلف چهري کان هٽايا جيئن هن،
چوڏهينءَ جي چنڊ جيان چانڊاڻ ٿي.

مون کان سيڪجهه پيو وبو وِسري، مگر،
دل ۾ تون ۽ ياد تنهنجي پئي ٽِڪي.

خوش نصيب آهيان جو توسان وصل ٿيو،
زندگيءَ کي نئين ملي وئي زندگي.

سادڙو ڪيڏو نه ’مگسي عبد‘ آ،
مرڪ هڪڙيءَ تي پيو آ موهجي.

○

جي مرڪي ڏسي ٿو تہ موهي ڇڏي ٿو،
جي ڪاوڙ ڪري ٿو تہ قيامت ٿو سمجهان.

ملي يارُ مون کي وفادار ويو آ،
ڀلي ڪان ڀلي پنهنجي قسمت ٿو سمجهان.

نہ طوفان جو ڀئو آ، نہ خطرو ڪُنن جو،
اُميدن جي ٻيڙي سلامت ٿو سمجهان.

نصيحت بجا تنهن جي ناصح، مگر مان،
پڙهڻ يار جو رُخ تلاوت ٿو سمجهان.

سجڻ جي قدم کي چمڻ ڏي اي زاهد،
جو افضل اها مان عبادت ٿو سمجهان.

ڀلا 'عبد مگسي' ڇو مايوس ٿيان، جو،
وفا جي سجڻ ۾ علامت ٿو سمجهان.

○

دل تہ تولاءِ تڙپي لُڇي ٿي منا!
پار تنهن جي جا پانڌي پُڇي ٿي منا!

درد فرقت جو هرپل قيامت ٿيو،
هجر ۾ جان ساري ڏکي ٿي منا!

پل بہ پيارا نہ توکي وساريو اٿم،
تانگھہ تنهنجي سدائين رهي ٿي منا!

ڊائريءَ تي لکيل تنهنجو تاثر پڙهيم،
تنهن جي لفظن مان خوشبو اچي ٿي منا!

تنهنجو البم ۾ فوٽو سجائي رکيم،
تنهنجي تصوير دل کي ڇهي ٿي منا!

واءُ جلدي کو واريو پرين وصل جو،
پوک جيون جي هاڻي پچي ٿي منا.

ڏينهن گذريا گھڻا، فون آئي نہ آ،
راند شايد نئين کا رچي ٿي منا!

اِيئن وساري نہ ويھو سجڻ ”عبد“ کي،
ياد ڪوري ڪپي ۽ وڍي ٿي منا!

ناهي ليڪو ڪبو دوستيءَ ۾ ڪڏهن،
ڪس ڪٿ ڏي نہ ڏس دل لڳيءَ ۾ ڪڏهن.

چنڊ چهرو نہ زلفن جي ڪڪرن ۾ ڏِڪ،
يار رُخنو نہ وجهہ روشنيءَ ۾ ڪڏهن.

چن، چپر، يا ڪچي ڪنهن جهڳيءَ ۾ ڪڏهن،
سونهن لڪندي نہ آ سادگيءَ ۾ ڪڏهن.

تنهنجي نيڻن کان پيئندو پري جام هان،
ڪونہ غافل ٿيس، مئڪشيءَ ۾ ڪڏهن.

نينهن واريون نمازون پڙهان 'عبد' ٿو،
ٿيو نہ سجدو قضا بندگيءَ ۾ ڪڏهن.

حراڻ سِجُ

جاني آءُ ڪري وٺ جهٽ،
سنهن اسان کان مور نہ مَٽ.

پَٽ تي سمهندي تي پيا قَٽ،
واڻ وتي وَٽ، واٽيون ڪَٽ.

نڙگهٽ ۾ پيو پاڻي اٽڪي،
ڪي ڪانءِ آنڊن ۾ پيا وَٽ.

اَنَ جا پرجي ويندا پَل،
سارين ۾ پئي آهي سَٽ.

سڪيو تيندو مارن مال،
سائو ٿيو آ ڍوليا ڍٽ.

کير مکڻ ماڻن پڙيا جاڻ،
چاڏيون، پارا، منگهه ۾ سَٽ.

سياڻا آهيون، ناهيون ڄَٽ،
جاٽون تا سڀ گهيڙ ۾ گهٽ.

’عبد‘ پلا آزاد ٿئي ڪيئن،
تنهنجو پيل آ ڳل ۾ ڳٽ.

○

(ٽہ ماهي سنڌ رسالي ۾ شايع ٿيل)

کاچي ۾ ڪڙڪاٽ،
ڪنوڻ جا چمڪاٽ.

سانوڻ جو پيو مينهن،
گاج ڪيا گڙگاٽ.

جهريل جهوپي منجهه،
ڇوٽ پوي ٿي ڇاٽ.

مارن ڇوڙيا مال،
چورن گهڙيا گهاٽ.

روشن ٿي پئي آهه،
هوڏي ڏس هو لاٽ.

آزاديءَ جا گيت،
سرتين جا سرباٽ.

سادي لکٽي ’عبد‘،
اڄ سونهن لئه راٽ.

○

(روزانه آفتاب جي ادبي صفحي ۾ ڇپيل آگسٽ 1990)

ڪي اندر ۾ باهہ ٻاري ٿا وڃن.
ڪي تہ منهنجا نيڻ ناري ٿا وڃن.

ڪي گُهري دل سان دعائون ٿا وڃن.
ڪي لَحد تي لڙڪ هاري ٿا وڃن.

ڪن تہ بَريت جيڏا بخشيا حوصلا.
ميڻ وانگر ڪي تہ ٻاري ٿا وڃن.

ديد ديدن سان ملائي دويدو.
محب ماڻن سان ماري ٿاوڃن.

چوڏهينءَ جي چنڊ جيان نروار ٿي.
زندگي منهنجي اُجاري ٿا وڃن.

’عبد‘ پارن تي پلا ڪهڙي ميار.
ڪَي گهڙيون تہ سان بہ گهاري ٿا وڃن.

محبتن جي موت ۾ لک محبتون مونکي مليون.
الفتن جي عيوضي ۾ الفتون مونکي مليون.

چاهه تنهنجي ۾ جذهن ڪان مست ۽ چريو ٿيس،
چاهتن جي موت ۾ هن چاهتون مونکي مليون.

پيار تنهنجي ۾ بلنديءَ تي رسي ويا حوصلا.
عشق تنهن ۾ سنا هِن عظمتون مونکي مليون.

نينهن مان اي دلنشين جيئن نيڻ تو مرڪي ڪنيا،
روح کي تسڪين ۽ بس راحتون مونکي مليون.

ڪيترائي تڙپندا. لڇندا رهيا ديدار لئه
سونهن واريءَ سان رهڻ جون ساعتون مونکي مليون.

تنهنجي در جو 'عبد' ٿي، دربان رهان ٿو دلربا.
تنهن ڪريءَ هِن شُهرتون ۽ عزتون مونکي مليون.
○

قرار-زندگي بدليو غمن ۾ مان گذاريان ٿو.
ڏسي پنهنجن نصيبن کي، هنجون مان روز هاريان ٿو.

الائي ڪيئن اڙي وئي دل، چوان پنهنجي مان قسمت کي،
لڇڻ تڙپڻ مان ورندو ڇا، اجايو غم ۾ گهاريان ٿو.

رُسي ويو جي سڄڻ سهڻو رني تقدير جڻ مون کان،
فقط هڪ آس جي صدقي ڪبوتر مان اُڏاريان ٿو.

جي ملندو جامُ ساقيءَ جي هٿان، سڀ حسرتون پلبيون،
اڪيلو بزم پوريءَ ۾ ڇُڪي بجي لئه نهاريان ٿو.

وٺي مسجد اندر زاهد، پلي ڏي ڪفر جي فتوا!
ڪٿي تصوير دلبر جي مان بتخانو سنواريان ٿو.

ڏنم جاچي جهان سارو، سوا مطلب جي ناهي ڪو،
اجايو عمر پنهنجي اءُ ڳٽين منجهه ڳاريان ٿو.

ٿين پيا پل ستم مون تي، نه هٿبو هڪ قدم پنتي،
وڏائي پير پنهنجا پيار ۾، مان قول پاريان ٿو.

نه ڪو فنڪار ۽ شاعر نه مان شهڪار جوڙبندڙ
مگر اي ”عبد مگسي“ گيت ناهي روح ناريان ٿو.

○

# نظم

## پيچ پٽائي پيچ

رحمت تو تي آهہ خدائي، پيچ پٽائي پيچ پٽائي
ٹُنهنجو رسالو حق جي وائي، پيچ پٽائي پيچ پٽائي!

جنهن بہ عقيدت ساڻ آ مرشد وائي تنهنجي ڳائي،
آيت سڀ کي سمجهہ ۾ آئي، پيچ پٽائي پيچ پٽائي!

سنڌڙيءَ کي تو شاهَہ سجايو ڏاج رسالو ڏيئي،
هر ڪنهن جي تو آس پڄائي، پيچ پٽائي پيچ پٽائي!

نور وسي ٿو نيلن تي ۽ صحن سڄو آ سور الا...!
تنهنجي روضي رمز رچائي، پيچ پٽائي پيچ پٽائي!

هي ڏرتي آ دل وارن جي، هي مورن جي شهزورن جي،
هت مست ملنگن موج مچائي، پيچ پٽائي پيچ پٽائي!

ڪاٿي سسئي، ڪاٿي نوري، ڪاٿي مومل، ڪاٿي سهڻي،
مارئي مارن سان تو ملائي، پيچ پٽائي پيچ پٽائي!

هِينهن محبّت وارا وسن ۽ ساوا ساوا گاهہ ڦٽن پيا،
سنڌڙي شل ٿئي سرهي سائي، پيچ پٽائي پيچ پٽائي!

درس ڏنو تو وحدت وارو پيار محبّت اخوت وارو،
عبد ازل کان آ شيدائي، پيچ پٽائي پيچ پٽائي!

○

## سنڌ بچائي ويندا سين

اونداهيءَ جي آوجهڙ ۾ ڪا جوت جلائي ويندا سين،
جڳ سڄي ۾ ٻارڻ ٻڻجي، مڄ مچائي ويندا سين.

هن جهانگيئڙن، هن ڌوتيئڙن ۽ سانگيئڙن جي سر جو قسم،
هن ديس جي منڙن ماروئڙن جي لڄ بچائي ويندا سين.

دل جي ڌرتيءَ تي او ساٿي، ڳوڙهن جي برسات وسائي،
واهڻ، وستي، ويرانن ۾، رنگ رچائي ويندا سين.

جي ڪڪرن ڪارونيار ڪيا، جي ڪنوڻن ٻيي چمڪاٽ ڪيا،
جي ڪشتي ڪُنن ۾ ڦاسي پئي، سا پار پڄائي ويندا سين.

تون ڏاڍو آن، تون ڏاڍ ڪري هِت هيٺن کي هيسائين ٿو،
ٿي مانجهي مرد مٿير اسين اڄ پاڻ مڃائي ويندا سين.

هي ڳهوٽ سيئي اٿموت اٿئي، ڪنهن سان تون سينو ساهيندين،
هر سنڌ مٿان سر ساهه ڏئي هي سنڌ بچائي ويندا سين.

هي ڏرتي منهنجي ڏرتي آ، هي ڏرتي ناهه ڏڪاڻن جي،
جي مون کي ڦاهيءَ چاڙهيو ويو هي سر بہ سهائي ويندا سين.

منصور تہ هڪ منصور هيو هِت هر ڪوئي منصور اٿئي،
جي ڪات ڪٽي ڪهندو بہ ڪوئي، هي ڪنڌ ڪٽائي ويندا سين.

جو دشمن آهي ڏرتيءَ جو سو ڏرتيءَ تي ئي رهڻو ناهي،
جو پنهنجو آ تنهن ساڻ اسان بس قرب ڪمائي ويندا سين.

جي واٽ وڃائي وينا هن، تن ساڻ وري گڏجي سڏجي،
تن واٽهڙن کي واٽ ڏسي، منزل تي رسائي ويندا سين.

جو قول ڪيوسين ڏرتيءَ سان، سو قول نڀائي ويندا سين،
هي 'عبد' عبادت ڪرڻي آ، هِت سيس جهڪائي ويندا سين.

O

(7 آڪٽوبر 1990ع روزانہ آفتاب)

## ڏرتي توسان قول پڪو آ

خطري جو ڪلھ گِهنڊ وڳو آ.
جوڙن ڪي پڻ سنڌ سڏيو آ.
ماڻهن جا انبوهہ تا ڏسجن،
چا جي لئہ چو ٻول متو آ.

سينڌ ڪيي ڏسجي پئي تي،
ڪير آ ڪنهن جو ڪانڌ ڪنو آ.
رت ۾ رنگجي وئي آ ڏرتي،
خوني ڪوئي مينهن وٺو آ.

جيءَ ۾ جاءِ ڏني سون جن کي،
تن ئي مون سان وير وِڌو آ.
پنهنجا پنهنجن جا ٽيا ويري،
ڌرتي جو ڪو ڀاڳ ڦٽو آ.

وقت ٻڌايو آهي ڪولي،
ڪير آ ڪوڙو، ڪير سچو آ.
آڏو ٻاهه ته پويان طوفان،
وچ ۾ آيو پنهنجو جهڳو آ.

توسان نينهن نڀائي وڃبو،
ڌرتي توسان قول پڪو آ.
ويرانين ۾ هلندي 'مگسي'،
صحرا ۾ چڙهي سج لٿو آ.

○

## مزدور هاري جوار ...ن

حقيقت ۾ حق جو ئي اعلان آهيان،
وڏو جوش جذبو ۽ جولان آهيان.

مان مزدور هاريءَ جو ارمان آهيان،
صدين جو ستايل مان انسان آهيان.

جلائڻ نہ گهرجي ائين توکي بيدل،
مان ڪافر تہ ناهيان، مسلمان آهيان.

اجا خون منهنجي رڳن ۾ تہ بوڙيو
متان مون کي سمجهين تہ بيجان آهيان.

پلي سور سختيون ڏئي پيا ستايو،
هتي چئن ڏينهن جو مهمان آهيان.

نہ روڪي سگهين تيور موکي ظُلمتون،
نہ رڪجي سگهي جو سو طوفان آهيان.

زماني ۾ هر ڪنهن کي پرکڻ ڏکيو آ،
خدا جي خدائيءَ تي حيران آهيان.

وَيلَ وَيلَ مشڪل ورائي تي سگهجي،
رهيو 'عبد' جنهن لئہ پريشان آهيان.

○

... سليڪشن ... سرچٺهار سيپٽمبر 2003ع

## ڌرتيءَ جو پوڄاري

محنت ڪش مان هاري آهيان
ڌرتيءَ جو پوڄاري آهيان

ملي ملي ۾ ساهه آ پنهنجو
ديس جي وڻ جي ٽاري آهيان

ٽني ٽڏيءَ ۾ ڪٽندو هيڪر
ڪوڙن هر پاڄاري آهيان

مون ڪان سک جي ڳالهه نه پڇ جو
پورن جي پاٽاري آهيان

ڪنهن لئه ڏاڍو پٿر ڪنهن لئه
پورو پٽن واري آهيان

سچ چوڻ جي ڏوهه ٽا پانو
پو ته وڏو ڏوهاري آهيان

ڪاريهر جو وير ڪندو چا
جوڳي مان گرناري آهيان

'مگسي' پنهنجي رت جو هوشو
مروانن جو ماري آهيان.

○

عبرت مئگزين 15 آگسٽ 2003ع نه ماهي سنڌ

## اِئين مون کين هو چاتو

هتي ڪونڌر پيا ڪُسندا، ائين مون ڪين هو چاتو.
گهرن ۾ لاش ئي پُڄندا، ائين مون ڪين هو چاتو.

اڪين مان وڏ ڦڙا وسندا، ائين مون ڪين هو چاتو
اسان جا ٻچ پيا ٻرندا، ائين مون ڪين هو چاتو.

پياريو سين جنين ڪي کير ٿي پنهنجي هٿن سان سي،
ڏهاڙي ڏنگ پيا هڻندا، ائين مون ڪين هو چاتو.

ڪٽي قرآن ڪَڇ ۾ ۽ وجهي ور ۾ ڇُريون آيا،
قسم ڪوڙا ڪٽي ڪُهندا، ائين مون ڪين هو چاتو.

وري باهيون ٻري وينديون، وري وڻ ٽِڻ سڙي ويندا،
دلين ۾ درد پيا دکندا، ائين مون ڪين هو چاتو.

سِتم ۽ ڏاڍ جي آذر تيو نيلام عصمت جو،
اگهاڙا ننگ پيا نچندا، ائين مون ڪين هو چاتو.

اچي بجليون ڪري پونديون، اسان جي آشيانن تي،
ڪکاوان گهر پيا ٻرندا، ائين مون کين هو چاتو.

اهي دشمن ٿيا جن کي ڏنيوسين جيءَ ۾ جايون،
اهي پالا پري هٽندا، ائين مون کين هو چاتو.

اسانجي باغ تي اُلري خزائون آيون اوپر کان،
وطن جا وڻ پيا سڙندا، ائين مون کين هو چاتو.

ميارون ڪهڙيون غيرن تي! جڏهن پنهنجا بہ ٿيا دشمن،
اندر ۾ وڍ پيا وجهندا، ائين مون کين هو چاتو.

نڪي لُڇندا، نڪي پڇندا، ائين ئي تڙپندي لُڇندي،
پري ڪان ئي پيا ڏسندا، ائين مون کين هو چاتو.

محبت پيار جا نغما چڏي هن ڏيهہ جا شاعر،
غمن جا گيت پيا لکندا، ائين مون کين هو چاتو.

ڏسان ٿو 'عبد' اُلجهن ۾ اچي وبا جوءِ جا جهانگي،
مِنا مارو پيا مرندا، ائين مون کين هو چاتو.

○

(18 مارچ 1990ع روزانہ آفتاب جي علمي ادبي صفحي ۾ ڇپيل)

## ڪوڙين جذبا

جاڳي پيا هن ڪوڙين جذبا
جيڙا گهنجي کهڙا گهٽبا.

چارڻ جيڪر چنگ وڄايو،
سازن تي سَوَ سرڙا سٽبا.

حق جو هوڪو ڏيندي جيڪي،
مرد مٺا. سي سورهه سڏبا.

ڪيسين ڪوٽ عمر جو رهندو،
ڪيسين سور ۽ صدما سهبا.

پنهنجا هٿڙا ميندي ۽ عيوض،
هن جي ريتي رت سا رڱبا.

ساٿارن ڪي سور ڏنا جن،
تن جي سيني تي مگ ڏربا.

ڏينهن ڏکن جا ويندا گذري،
نيڻ سکن جا ساهه به کٽبا.

موتي 'عبد' وٿاڻن تي پئي
جاڳيا پنهنجا جهوبا اڏبا.

○

## [illegible]

[illegible] [illegible] سنڌ تي وبا ڪاتا،
[illegible] [illegible] جا تي پيا ساتا.

ماٺڙوءَ ماٺڙوءَ ماس ٽيو واتا،
ڪارا ڪانءَ هڻن پيا جهاتا.

غيرن گهرا گهاوَ ڏنا پر،
پنهنجن ٻيي هن پڪڙيا ڳاتا.

هٿ جا پاليل، هٿ تا ڪاٽن،
يار ڦري ٿيا دشمن گهاتا.

ڪنهڙي [illegible] وٺن واتهڙو،
چورن ڍهتيا سپ چوواتا.

ٽاڪا دل جا تيهه ٽُڪر ٿيا،
ڦت ڦٽاڪن وانگر ڦاتا.

طوفانن سان لڙبو رهبو،
جذبا ناهن خالي ٻاتا.

ڌوڙيءَ [illegible] جيجل سنڌڙي،
[illegible] [illegible] سان آتا.

## آڏيءَ ڪان پنير ڪي تائين!!

ڪهڙين سوچن ۾ گم آهين، ڇا ٿو چاهين؟
وڻ وڻ وينو ٿو واجهائين، ڇا ٿو چاهين؟

اوجاڳا ۽ اکڙيون آليون، حال پريشان،
ناحق وينو ننڊ ڦٽائين، ڇا ٿو چاهين؟

داد نه ڪو فرياد هتي آ ٿيندو چريا!
ڪنهن کي پيو ٿو سور سڻائين، ڇا ٿو چاهين؟

وِڪ وِڪ تي ويراني آهي، غور ته ڪر،
ڪنهن جا وينو پار پڇائين، ڇا ٿو چاهين؟

جوڙاري گهرام مثل آ، ڪنهن جي لڏ تون،
سيني ۾ ٿو سور سمائين، ڇا ٿو چاهين؟

رهزن پنهنجون راهون روڪي بيٺا آهن،
ڪهڙا ٿو تون پُور پچائين، ڇا ٿو چاهين؟

لوڀي نوڳي گڏيا آهن، خيال تہ ڪر،
سون تي وينو سيڻ مٽائين، ڇا ٿو چاهين؟

ڏيهہ جي دشمن سان گڏ ٿئين تون، حيف هجئي!
ناهہ نڳيءَ جا تون تہ ناهين، ڇا ٿو چاهين؟

پنهنجن سان ٿو وير وڌائين، غيرن خاطر،
ڪنهن تہ ڏني آ توکي ڏاڻئين، ڇا ٿو چاهين؟

رات جو پهريون پهر وڃائي، پوءِ ٿو سوچين،
آڏيءَ ڪان پنيرڪي تائين، ڇا ٿو چاهين؟

’عبد‘ ميارون ڪهڙيون ڪنهن کي ڏين ٿو هاڻي،
ماروئڙن کي مرُ ٿو لائين، ڇا ٿو چاهين؟

○

(روزانہ آفتاب 6 فيبروري 1992ع)

## پنهنجي ڇيڙي نبيري

صبح ماتم، شام گويا ڪربلا،
حادثن تي ٿو ڏسان پيو حادثا،
وِڪ وڏايون، خود گهٽايو فاصلا،
زندگي بڻجي پئي آ مسئلا.

غير هٿ ڏوئي آهن ڪاهي پيا،
پر اسين غافل، اڃا پيا هون ستا،
غير آخر غير، پنهنجا ڪين ٿين،
ڇو ڪيا ٿو پست آهن حوصلا.

ڇو ٿو ذلت جي گذارين زندگي،
هن جيئڻ ۾ ڇا رکيو آهي ڀلا.

هر قدم تي دشمنيءَ جي لهر آ،
پئجي ويا آهن ڳچي ۾ معاملا.

پنهنجا پنهنجن کي بندوقون ٿا هڻن،
غيرت انسانيت جي آ گلا

رت پنهنجي ساڻ رڱجي وئي زمين،
روز نئين سر تي بپا ٿئي ڪربلا.

سير ۾ ڪشتي آ ڦاٿي قوم جي،
پهچي وچ وارو ڪري اي نا خُدا!

راهبر ڪان رهزني ٿيندي رهي،
پاڻ ڳوليون پيار جا ٿا پيچرا.

پنهنجي ئي چيڙي نبيري چو نہ ڪيون،
پاڻ ڪان ٿي ٿا سگهن سڀ فيصلا.

ڪالهہ جن کي مون تڙپو موٽي پيا،
سور سورن تي ٿيا آهن ڪنا.

بي سهارن جا سهارا ڦرب ڪر،
’عبد‘ جا تو ۾ وڏا ئي آسرا.

○

(روزانہ آفتاب علمي ادبي صفحن ۾ 13 جون 1991ع ۽ 23 جنوري 1992ع)

## پرين جي پڄاڻا

ڏٺم خواب ۾ رات سانگي سياڻا،
کلي اک رنا نيڻ منهنجا نماڻا.

اڃا ڪونہ آيو ڪو اوٺي انهن کان،
ڏٺي ڏينهڙا ٿيا نہ آيا اباڻا.

وساريان نہ وسرن سدا ياد رهندا،
هو پکڙا پراڻا ۽ واڙا وٿاڻا.

ڪري ياد پلپل پنهوارن جون ڳالهيون،
ڇڪي چاڪ پيا ساري ڏوٿي ڏاڏاڻا.

وري ڪونہ آيو ڪو وانگي وطن جو،
ڪٺي ڪانگ نيئي نياپا اڏاڻا.

پڌرجي پياڪن جي خوراڪ خاصي،
لسيءَ جا ئي لوٽا ۽ مکڻن جا چاڻا.

واجهائي وطن کي ۽ سرتين کي ساري،
پيا ياد ساڳيا اهي پڌ پراڻا.

اڃا آس دل جي ٿئي شال پوري،
اکين سان ڏسان مان اهي راڄ راڻا.

نہ ڪا ننڊ نيڻن کي آئي نہ ايندي،
مري 'عبد' ويندس پرينءَ جي پڄاڻا.

## حوصلو

دشمنن سان جنگ واريون دوستو.
سينڌ سنڌڙي جي سنواريون دوستو.

غير جي للڪار کي للڪاريون،
غير لئہ بارڻ کو باريون دوستو.

پنهنجو حق هاڻي ڇني ونڻو اٿئون،
ٻئي جي هٿ ڏي چو نهاريون دوستو.

وقت آ. هڪ تي وجون سڀ پاڻ ۾،
وير ۽ ويڇا وساريون دوستو.

ناخُدا جو آسرو ڪهڙو ڪريون،
پنهنجي ٻيڙي پاڻ تاريون دوستو.

چوڌ چولين جو ڏسي چو ٽا ٻجو،
سِير مان ڪشتي اُڪاريون دوستو.

هو اکين آڏو پيا ساحل ڏسون،
ڪنهن کي ويهي چو پڪاريون دوستو.

پاڻ ڪشتي پاڻ طوفان تي پئون،
حوصلو ڇا لاءِ هاريون دوستو.

اڄ ڪيون پنهنجن جي ويهي ڪا پچار،
سپ ڏڪي ڏاريا ڏڪاريون دوستو.

پٽ ڏٺي، سچل بلاول ساڻ گڏ،
هوشو هيمون چو وساريون دوستو.

اڄ خزائن کي تڙي آئيون بهار،
باغ جون تهڪن کي تاريون دوستو.

منزلون سپ 'عبد' اورانگهي هلون،
قول ڏرتيءَ ساڻ پاريون دوستو.

○

## منهنجي آزادي

ايڏو ڏور هلي وئي آهين، موتي آ
چاچي لاءِ رُسي وئي آهي، موتي آ.

منهنجي دل جي ڪوري ڪاغذ تي،
پنهنجو نانءُ لکي وئي آهين، موتي آ.

سنڌوءَ جي سيرن ۾ توڪي ڳوليان پيو،
ڪهڙي پار تري وئي آهين، موتي آ.

اکڙين کي اوجاڳا ڏيئي، تن تڙپائي،
دل جو چين کسي وئي آهين، موتي آ.

زخم چتائي ناهن، تي ناسور پيا،
ڪيڏا سور ڏئي وئي آهين، موتي آ.

رت ڏنو، مون ست ڏنو، چاچا نہ ڏنو،
ڪهڙي ڏينهن هلي وئي آهين، موتي آ.

سيئي خوشيون هڪ پاسي، ٻئي پاسي تون،
مون کي هاءِ وٺي وئي آهين، موتي آ.

اونداهيءَ جي اوجهڙ ۾ مان ٻوليان پيو،
مون کان ڪيئن لڪي وئي آهين، موتي آ.

تنهنجو ڪهڙو ڏوھ ڪيو تم، ڪجھ تہ ٻڌاءِ،
ناتو ڪيئن ڇني وئي آهين، موتي آ.

اوجاڳن ۾ آس لڳائي ويٺو هان،
ڪوئل ڪيئن اُڏي وئي آهين، موتي آ.

آءٌ نہ سمجهي سگهيو هان، سمجهائي وڃ،
ڳجهڙي ڳالھ ڇٽي وئي آهين، موتي آ.

ڪاتي ٻوليان توکي پنهنجي آزادي،
ڪنهن جي ور چڙهي وئي آهين، موتي آ.

'عبد' رهي ٿو آس انهي تي آءٌ وري،
مون کي ياد اچي وئي آهين، موتي آ.

مرجنبار روزانه آفتاب 17 جون 1992ع

## سنڌي ٽوپي اجرڪ وارا

سمجھي وچ تون اي ساڙولا،
گيت اسان جا ٿئي بم گولا.

سامهون ايندين سنجي ويندين،
مون کي آهي تنهنجي ڳولا.

لِڪ لِڪوٽي راند ڇڏي ڏي،
پڌرا ٿيندا ماسا تولا.

نوڪان وير وني ٽا ڇاٽون،
سانگ ڏکيا پيي ٿيندا سولا.

هوڏي ڏس هو سنڌ لٽن ٽا،
دهشتگردن جا سپ ٽولا.

جيڪا اڪ اسان ڏي ڪچندي،
لهندا ان جا هڪدم اولا.

رنگ لڳائيندا سي ساٿي،
ڇپهاڙيون هن جن جا چولا.

ڀيڙ سنڀالي رکڻو آهي،
راهه ۾ پوکيل آهن ڀالا.

حڪم نه هلندو هاڻي تنهنجو،
آزاد آهيون، ناهيون گولا.

سنڌي ٽوپي اجرڪ وارا،
نڪري پوندا ناهي ٿولا.

ڏينهن ٽٽي سان نهيل آهيون،
ڏسبا ڪين جهڳون ۾ جهولا.

'عبد' نه جُهڪبو ٻئي جي آڏو،
پنهنجو بس معبود آ مولا.

روزانه آفتاب ۾ ڇپيل 29 آگسٽ 1991ع

## پويون پهر

خدايا خير ڪر مظلوم تي ڪهڙو ڏمر آهي،
جو اڄ غربت غريبن جي اڏيو قسمت تي گهر آهي.

هتي هيٺن تي ڏاڍن جو ظلم زوري زبر آهي،
پڄي ٿو وس نه ڪو پنهنجو جو آمر جو اثر آهي.

سدا سرمائيدارن جا پريل پاندا ڏسون ٿا پيا،
مگر مزدور هاريءَ لئہ سُڪل ماني ٽُڪر آهي.

صبح کان شام تائين ڪارخانن ۽ زمينن ۾،
پڳي مزدور هاريءَ جي ڪمائيندي ڪمر آهي.

اتان غربت لڏي ڪاڏي، جتي غربت آ خطري ۾،
بڌايو جُوءِ اهڙي جِت نه ڪو خوف و خطر آهي.

اُهي ڪيئن ننڊ نيٺن ڪن، ازل کان ئي مليو جن کي،
ڏکن جو ڏاج ۽ سورن سندو هيڪر ثمر آهي.

اٿو مزدور ۽ هاري، سموري سنڌ جا ساٿي،
ڏسون ٿا هاڻ ظالم جو ٿيو پويون پهر آهي.

هٿن ۾ ڪڙ هٿوڙا ۽ اُٿي ڪر تون اُپا ڏاتا،
اچي ٿيو جاڻ سهنجو ’عبد‘ سورن جو سفر آهي.

○

## ڇا لکي مان ڇا لکان

سنڌ ڌرتي جي ڪهاڻي، ڇا لکي مان ڇا لکان.
روح جي آ راڄ راڻي، ڇا لکي مان ڇا لکان.

چؤطرف اغيار ڌرتيءَ کي وڪوڙي ويا الا،
بند ۾ آ بندياڻي، ڇا لکي مان ڇا لکان.

پيار تي پهري مٿان پهرو رقيبن جو ڏِسي،
دل، جگر، جيرو ٽيو ڇاڻي، ڇا لکي مان ڇا لکان.

درد غم، رنج ۽ الم ان جي ڀُڪي جمندي پيا،
سور لئہ سسئي سماڻي، ڇا لکي مان ڇا لکان.

ڪلڪ تي قبضو ۽ خيالن تي آ بندش ساٿيو،
سوچ پو پي ناهي ساڻي، ڇا لکي مان ڇا لکان.

ڪيئن مٽائي سون تي ڏِس سيڻ پنهنجا سر تيون،
سنڌ جي سورهہ نياڻي، ڇا لکي مان ڇا لکان.

سامراجي چال ۾ ڦاسي نہ پئو تون خوا مخوا،
پاڻ پنهنجو ڄاڻي واڻي، ڇا لکي مان ڇا لکان.

لوڀ لالچ ۾ لٽيرا، ٿا لٽن پيا سنڌ کي،
بند ٿا ڪن پنهنجو پاڻي، ڇا لکي مان ڇا لکان.

”عبد مگسي“ ساھہ ۾ سيباڻيل آ سنڌڙي،
۽ مني ٻولي اباڻي، ڇا لکي مان ڇا لکان.

○

## مڪتب جو سينگار

### ٻارن لاءِ نظم

نندڙا نندڙا ٻار آهيون،
آئينده جا معمار آهيون.

ڪوڙ جي مُنهن ۾ ڏوڙ وجهون ٿا،
سچ سان رکندا پيار آهيون.

ماءُ ۽ پيءُ جو چيو مڃون ٿا،
سندن گلي جو هار آهيون.

صبح سويري پڙهڻ وڃون ٿا،
مڪتب جو سينگار آهيون.

محنت سان آ چاهه اسان جو،
همت جو هٿيار آهيون.

سنڌي سورهه ٻار اسان سي،
دشمن لئه آزار آهيون.

○

ماهوار گُل ڦل ڊسمبر 1977ع

**محنت ۾ آ عظمت**

**ٻارن لاءِ**

سانجهيءَ سان ئي سُمهندو آهي،
صبح سويري اُٿندو آهي.

پاڪ ۽ صاف ئي ڪپڙا پائي،
جامع مسجد ويندو آهي.

سيپاري جو سبق وٺي پوءِ
دعا ڏٺيءَ ڪان پڙهندو آهيْ.

موتي گهر مان ماني کائي،
مڪتب جو گس وٺندو آهي.

اُستادن جو ادب ڪندو آ،
نوڙي تن کي ملندو آهي.

انهن وٽ کان ڏيڍ ٻجي تائين،
مڪتب ۾ پيو پڙهندو آهي.

محنت ۾ آ عظمت ساٿيو
هڪ جيڏن کي چوندو آهي.

هڪ ڪلاڪ جو روزانو ئي،
شام جو پڙهندو لکندو آهي.

مون کان سهڻيون مِنڙيون پياريون،
پُتڙو ڳالهيون پُڇندو آهي.

جڏهين نمبر کڻندو آهي،
مُکڙيءَ وانگر ٽِڙندو آهي.

سنڌڙيءَ جو هيءَ سُورهيه ٻچو
هر ڪنهن کي پيو وڻندو آهي.

(29 جولاءِ 1991ع روزانه آفتاب)

## مستيءَ ۾ مهراڻ

### ٻارن لاءِ

آءُ تہ خوب ملهايون هوليون،
مِنڙيون، مِنڙيون ٻوليون. ٻوليون.

پيار محبّت ساڻ گذاريون،
ڪلفت ۾ چو جيون روليون.

مينهن ونو آ، واءُ گهليو آ،
اوليون تي ويون سيئي سوليون.

مُڪڙيون، ڪُليون، گل ڦل نڙيا،
ڌرتيءَ جون ٿيون سايون جهوليون.

نئن جي ڪپ تي نڪري آيون،
سونهن وندين سرتين جون ٽوليون.

مستيءَ ۾ مهراڻ اچي ويو
چوهہ منجهان ٿو پائي چوليون.

ڪوڏن مان تا ڪِينئان نڪرن،
’عبد‘ سپن مان موتي ٻوليون.

روزانہ آفتاب جي سرجتهار

## ٻي-اَيد

تو ڪئي منهنجا مِٺا مون سان وفا ٻي-ايد ۾،
ڪير آهي جو ڪري اهڙي سخا ٻي-ايد ۾.

اوج تي آئي وفا ۽ ڪلفتون ڪافور ٿيون،
عشق و الفت جا وڌي ويا سلسلا ٻي-ايد ۾.

ڪنهن جي آمد تي بهارون تي ويون بلڪل نثار،
آهه فرحت بخش ڪا آئي فضا ٻي-ايد ۾.

واهه جو ماحول آ، جو موج آ مهراڻ جي،
ناز وارن جي نهوڙي تي ادا ٻي-ايد ۾.

هئي عجيبن جي عجب اي دوست نيڻن جي نهار،
ڪي تي پرتا پاڻ ۾ ۽ ڪي رُنا ٻي-ايد ۾.

حوصلا ويا هار ڪائي، چِٽ چُنيءَ وارا ڏسي،
ڪنهن جا هنڌا مون چميا مينديءَ رتا ٻي-ايد ۾.

ڪي ٻچيا ڪنهن جي نظر ان ڪي ٿيا ڪنهن جو شڪار،
مون ڏٺو ٻيني اکين سان ڇا [illegible] جا [illegible]-ايد ۾.

ڪن فلڪ جي چند تارن جي ڪري تعريف پيو،
ڪن ڏٺو پئي مهه جبين ۽ مهه لقا ٻي-ايد ۾.

ڪن مقّدر تي ڪيو ماتم تہ ڪن خوشيون ڪيون،
ڪي بلنديءَ تي رسي ويا حوصلا بي-ايڊ ۾.

ڪي وچي منزل تي پهتا، ڪي رهيا پنتي گهڻو
راهہ ۾ رولي ڇڏيا ڪن قافلا بي-ايڊ ۾.

دلربا جا نيڻ نرمل، مرڪ محبوبي ڏسي،
حوصلا وينا وڃائي پارسا بي-ايڊ ۾.

ڪنهن جي وارن جون ڇڳون، تي نانگ اچ آيا ڏنگڻ،
ونگ واسينگن هنيا تي برملا بي-ايڊ ۾.

ڪن تي ساراهيو سڄڻ ڪي، هر قدم تي دوستن
ڪن ڏني تي پاڪدامن تي گلا بي-ايڊ ۾.

ڪن قلم جي لڄ رکي ساڻدي رکيو تي ساهہ ۾،
ڪن نشانيون تي ڏنيون منديون ڇلا بي-ايڊ ۾.

تڙپندي، لُڇندي ۽ ڪائي ڦٿڪندي فيراق ۾،
جڻ ولر ڪان وڇڙي آئي ڪونج ڪا بي-ايڊ ۾.

ڪن سپون ۽ ڪوڏ ميڙي جهول تي پنهنجا ڀريا،
مون تي ميڙيا هيرا موتي، بي بها بي-ايڊ ۾.

مون مريض عشق جي ڪهڙي پڇو ٿا ماجرا،
دردِ دل جي تي بوي لاشڪ دوا بي-ايڊ ۾.

عشق ۾ الفت جي ڪري پرچار هيڪر دوستو!
مون اجي ڪھڙي ڪئي اربعا خطا بي-ابد ۾

ڪو تصوّر ۾ رکي يزدان کي پوڄي ٿو پيو
ڪو ٿو ويٺو پوڄي پٿر جو خدا بي-ابد ۾

ٿو جهڪي سجدو ڪري هرڪو سجڻ کي نا صحا،
جڻ هلي آيو هتي آ خود خدا بي-ابد ۾

ڪينڪي تون روڪ ناصح! هيءَ عبادت آ سندم،
ڪيئن نمازِ عشق ٿئي مون کان قضا بي-ابد ۾

ابتدا ٿي آ پنجاسي سال ۾ بي-ابد جي،
خير سان ٿي آ ڇهاسي انتها بي-ابد ۾

نيت ڪئي اخلاص منهنجي هر قدم تي فتح آ،
دشمنن پيي ٿي ڪئي پئي مرحبا بي-ابد ۾

جي وري وڇڙياسين مِنٿا پوءِ پاڳن تي مِلون،
شل نہ ٿئي ڪنهن کان محبت ۾ خطا بي-ابد ۾

پيار جي پوڄا ڪري ٿو سونهن کي سجدا ڪيان،
’عبد‘ جي آهي، عبادت ئي اها بي-ابد ۾

○

ٽنڊو يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس حيدرآباد سال 1985 - 1986ع

هي سائيهه منهنجو سجو نُور آهي،
مٿس قربان، ٻالڪ، جوان، جُهور آهي.

ڪڇو توڙي ڪاڇو، شهر توڙي واهڻ،
سڄي سنڌ، هيرن سان ڀرپور آهي.

وطن سان وفا جي، ڪرڻ ڏوهه آهي،
ته پوءِ هر ستم تنهنجو منظور آهي.

تون ڪنهن ڪنهن لاءِ سُوري سجائي ڇڏيندين!
سڄي قوم ٻڌجي وئي منصور آهي.

محبت جو جنهن ۾ نه مذڪور هوندو،
مٿي جو اُها شاعري سُور آهي.

ڏسڻ جا تون چاهين اُها ’عبد‘ مگسي!
نگاهن ڪان منزل اڃا دور آهي.

# چوسِثا

## ماڏهو

پنهنجي هٿ جو پاليل ماڻهو،
نڪتو نانگ نپايل ماڻهو
قاڙي هيانءُ ۾ ڪيئن ڳالهائي،
صدين کان آ هيسيل ماڻهو.

○

## مانڊاڻ

ڪڏهن ٻين لاءِ ڪوٺين ٿو
ڪِرين ٿو پاڻ تون تن ۾
سدائين تون پريشان آن،
رهيو مانڊاڻ ٿئي من ۾

○

## شاعر

مان تنهن جي ڪاڻ چو ڪڍندس،
مان تنهنجي آڻ چو مڃندس،
مان شاعر آهيان ڌرتيءَ جو
مان سوريءَ تي ۾ سچ چوندس.

○

## ناراضگي

ڪيئن بچايون ٿا، خزائن کي تڙي،
رونقِ گل ۽ ڪلين جي تازگي،
موٽ ڪي ماري سگهون ٿا، يار جي،
ڏس مٿان ماري وڃهي ناراضگي.

○

## دوستي

تو ڇڏيو مون کي، مون دنيا کي ڇڏيو
اج بہ توسان ٿا نڀايون دوستي،
پنهنجي الفت، پيار تنهنجي جو قسم،
تُنهنجي چاهت ساهہ ۾ سيپائبي.

## ناخدا

سير ۾ ڪشتي آ قاٽي قوم جي،
پهچ هاڻي، وارو ڪر اي ناخدا!
اي ڀِنائي گهوٽ واهر ڪر اچي،
سُڻ سنگهارن جي وري آهہ و ٻڪا!

## سلسلا

ڏينهن جي ڏرتيئڙن ۾ ڏينهن سان،
پنهنجي دلين جي ڳنڍيل هن سلسلا،
پنهنجا آخر پنهنجا ويري ٿي پيا،
ڪير ٻُڌندو پنهنجي دل جي ماجرا.

## ماتم

شهيدناز تي ماتم نہ ڪر تون،
شڪستہ زندگيءَ جو غم نہ ڪرتون،
اُگهي ڇڏ لُڙڪ تون پنهنجي اکين جا،
پريشان عبث هي عادت نہ ڪرتون

## لڪجي

اونهاري ۾ چٽ جي ڏهاڙن تي لڪجي،
سياري ۾ سردي جي ٻارن تي لڪجي.
زورن ۽ هارين جي لاڙن تي لڪجي.
پيو انگ اگهاڙن ٻُناڙن تي لڪجي.

○

## وڏڦرو

جهوپڙن جي مٿان وڏ ڦڙو ٿو وسي،
ڏيهُه برسات ۾ ڏس پيو ٿو ٻڏي،
بک، بيماري، بدحالي، ٿي جابجا،
سنڌ امداد جي لئہ پئي ٿي سڏي.

○

## جنت

دنيا ۽ عقبيٰ تي آ قبضو منهنجي نبيءَ جو
جيئري ڏسڻ آ جنت روضو منهنجي نبيءَ جو
پيچ آسمان کان تون، عرشِ خُدا کان پيچ
عزت منهنجي سڄڻ جي، رتبو منهنجي نبيءَ جو.

○

## تلاش

توکي زاهدا بهشت ۽ گلزار جي آهي تلاش
مون کي دلبر جي صحن دربار جي آهي تلاش
تون ٿو طلبين حور پريون بهشت جون لبڻ وري
مون کي منهنجي يار جي ديدار جي آهي تلاش.

○

## راز

اميري نہ گھرجي، غريبي ٿا چاهيون
غريبن جي غربت تي آ ناز پنهنجو
سوين سور ڏيئي پلي آزمايو
فقيريءَ ۾ پوشيده آ راز پنهنجو.

○

## فرياد

در تنهنجي بندگي پئي شام سحر ٿئي
پرپور مِهر جي ڪا مون تي نظر ٿئي
ناهي اميّد وصل جي، پو بي سوال آهي
فرياد 'عبد' جي جو من ڪو اثر ٿئي.

○

## ساڃهہ

هجن پرَ تہ اُڏري اچان در اوهانجي،
ڪريان جان قربان، فدا دل اوهان تان،
ڏئي 'عبد' کي رب، محبت جي ساڃهہ،
وفا لئہ ٿئي گھور، هر پل اوهان تان.

○

## گھڙي پل

دل تنهنجي ڏسڻ لئہ آتي آ
اڄ جام پيارڻ ساقي آ
اڄ تہ گھڙي پل گڏجي گھاريون
جو ساهہ لُڪيءَ ۾ باقي آ.

○

## سجدا

دل گھٽي مسرور تي اڄ دل گھريو دلبر ڏنم
نينھن جي ناوڪ لڳي جو پيار جو پيڪر ڏنم
’عبد‘ سجدا يار جي در تي عقيدت جا ڪيم
صبح توڙي شام ساڳيو سونھن جو سرور ڏنم.

○

## نياز ۽ ناز

منھنجي شئي مون کي خدا بخشي ڏِئي
تنھنجي شئي توکي خدا بخشي ڏِئي
نياز مون کي، ناز توکي، نازنين!
اھڙي لئہ توکي خدا بخشي ڏِئي.

○

## پور ۽ سور

نيڻ وسندا رهيا، پاند پُسندا رهيا.
زخم اُڀري پيا، چاڪ ڇِڪندا رهيا.
ڳُڻ ۽ ڳالھيون جڏھن ياد تنھنجون پيون،
پُور پوندا رهيا، سُور وڌندا رهيا.

○

## ڦالون

ڪنھن جي درد فراق ۾ روئي،
نِير وَھايم پاند پُسايم.
يار نہ آيو يار جي خاطر
ڦالون پايم، ڪانگ اُڏايم.

○

## واعدو

آمد جو انتظار ڏهاڙي ڪيون پيا.
هن دل کي بيقرار ڏهاڙي ڪيون پيا.
تنهنجو تہ هڪڙو واعدو پورو ڪڏهن نہ ٿيو
واعدن تي اعتبار ڏهاڙي ڪيون پيا.

○

## قلم ڪاغذ

تنهنجي قدمن جا نشان چمندو رهيس.
پانڌي تنهنجي پار جا پڇندو رهيس.
تنهنجي خاطر اڄ قلم ڪاغذ کڻي،
گيت اُلفت جا سڄڻ لکندو رهيس.

○

## سهڻي

ڪٿي تانگهو آهي، ڪٿي تار آهي
ڪٿي چوهہ چولين جو ڏڏڪار آهي
لڳا تيز طوفان ڪڙڪا ڪنن ۾
ٻڏي پئي تي سهڻي ڪو ميهار آهي؟

○

## ڪڙي

ائين جيءَ جيجل سان چڏبہ جڙي
جيئن ڪو ڪڙيءَ کي ڪڙيءَ سان ڪڙي
پنهوارن جا پلپل پون پور تا.
تڏهن روح ريهون ...ري تو رڙي.

## وطن ۽ ضمير

اڃو چرخو چاهت جو چوري ڇڏيون.
اڃو سر کي سنڌڙيءَ تان گهوري ڇڏيون!
جو وڪٽي تو پنهنجو وطن ۽ ضمير،
اڃو ڪنڌ تنهنجو ٻـ ڪوري ڇڏيون!

○

## ناتو

اسان جو ازل کان ڳنڍيل توسان ناتو
هي ناتو ڪڏهن ٻي ڇڇڻ جو نـ آ
ڏنو ريج رت جو اسان مرڪي مرڪي
اهو خون ضايع ٿيڻ جو نـ آ.

○

## منزل

جيئن جيئن جهولو لُڪَ لڳي ٿي
تيئن تيئن اڳتي وِکَ وڌي ٿي
مان جيئن منزل ڏانهن وڌان ٿو
منزل مون ڏي پاڻ اچي ٿي.

○

## راند

اهنداهيءَ جو انت اچي ويو
هوڙي ڏِس هُوءَ باک ڦُٽي ٿي.
سج جي مچ تي مانجهي مڙيا
آزاديءَ جي راند رچي ٿي.

○

## ماٺو سادا

ٽاڪ منجهند جو پيرين پيادا
بک ۾ پاهه ۽ اُڃ ۾ ماندا
ڌرتيءَ جي دل ٺارڻ خاطر
نڪري پيا ڪي ماٺو سادا.

○

## اجرڪ

پلي ڪر تشدّد بلند حوصلا هِن
اچا خون ڊوڙي تو منهنجي رڳن ۾
وڙهي جي ڏيان ساهه مان سنڌ خاطر
ڏجو مون کي سنڌڙيءَ جو اجرڪ ڪفن ۾.

○

## حق

اسان سنڌ تي سِرُ ڏيڻ ٿا گهرون،
ڇني حق پنهنجو وٺڻ ٿا گهرون،
اوهين ٿا ورهائڻ جون ڳالهيون ڪيو
اسان سنڌ ساڳي ڏسڻ ٿا گهرون.

○

## آڳر

سنڌ تي آڳر متان پيهر ڪٺو
پاڻي بينل ۾ متان پٽر هٺو
سنڌ جو ٻچو ٻچو هوشو اٿو
’عبد‘ ڪو ناهي هتي هِڪڙو جٺو.

○

## رشتو

ماءُ جو سِرُ ڪير تو ڪنهن کي ڏئي،
ماءُ جيجل ڪير تو ڪنهن کان کسي،
روح جو رشتو آ جيجل سنڌ سان،
سنڌ تان ڪو سِرُ ڏيڻ مون کان سِکي.

○

## منظر

هي ڪونڌر اسان جا ڳُنا تا وڃن،
هِتي سور ڪيئي سَنا تا وڃن،
نہ پيو رحم ڪنهن کي، نہ پئي ٻاجھ ڪائي،
اکين سان هي منظر ڏٺا تا وڃن.

○

## لَهو

رنگ لائي ويو شهيدن جو لَهُو
چوٿين مارچ خون جي هولي هُئي.
هڪڙي پاسي سنڌ جو نعرو هيو
ٻئي طرف گولي مٿان گولي هُئي.

○

## ڏهاڙو

چوٿين مارچ جو ڏهاڙو ياد آ.
رت رُنو هو اوڙو پاڙو ياد آ.
ڪنهن جون گولين جي مٿان گوليون هُيون،
ديس واسين تي هي ڌاڙو ياد آ.

○

## سڌڪا

گهر گهٽي ماتم هُيو سڌڪا هئا.
اڄ بہ ساڳيو روج راڙو ياد آ.
ماتمي منظر لڳو تي چؤطرف.
هو متو ڪنهن جو اگهاڙو ياد آ.

○

## وصيت

حقن لاءِ هوڪا ڏبا رهبا هردم.
گهرن ۾ گهٽين ۾ رڻن ۾ پٽن ۾.
اها آخري 'عبد' جي آ وصيت.
لٽي لاش چڙجو اباڻن ڪکن ۾.

○

## همت

جي گهڙيون مشڪل اچن، همت نہ هارجو.
سوريون پلي سينگارجن، همت نہ هارجو.
مرڪي ڪجو پيا مرحبا، سورن ڏکن سنديء
چاڪ دل جا پيا چِڪن، همت نہ هارجو.

○

## صدا

بهارن تي حملا خزائن جا آهن.
وِيا رُخ بدلجي هوائن جا آهن.
الائي تہ بُلبُل سان ڇا ٿيو چمن ۾.
پيا آواز ڪن تي صدائن جا آهن.

○

## الم

دنيا جي ڇڏي ويندي، تنها به رهي ڄاڻان،
غم درد الم سختيون، صدما به سهي ڄاڻان.
مون سور سمايا هن، پورن ۾ پليو آهيان،
ڇوٽو جو پيو توکي، سيڪجھ مان ڇئي ڄاڻان.

○

## ڪوڪَ

جيجل جي ڪن ڪوڪ پئي آ
تو به ٻُڌي آ، مون به ٻُڌي آ
سُڪندي سڙندي ڪيسيتائين
رت جو ان کي ريج ڏئي آ.

○

## سج

ڪوڙ جا ڪوٽ اڏايو ڇو تا
پنهنجو پاڻ پڏايو ڇو تا
’عبد‘! سدائين سچ امر آ
سچ سان ڪچ گڏايو ڇو تا.

○

## واقعو

اوچتو ئي اوچتو واڪا ٻڌم،
ٻاهر ٻا ڦٽا ڀڙڪندي شعلا ڏٺم،
گهر ۾ گهر جو سڀ سڙي سامان ويو،
ڪونه ڪنهن ٻيلو هليو روئي ڏٺم.

○

## وقت

وقت جي آهي تقاضا گڏ ٿيو.
وقت تي هڪبئي کي سڏ ۾ سڏ ڏيو.
وقت کنهن جو ناهه رهندو مُنتظر
وقت ٿوَ سوچي وٺو وارو ڪيو.

○

## سَارَ

خبر ناهي حياتي ڇا، ملي وچ يار هڪ پيرو
مريضِ عشق جي دلبر لهي وچ سار هڪ پيرو.
مسافر راهه ويندي تي اٿئي ڪو ياد اي پيارا،
تنهن جي ابرو جي خنجر جو ٿيو هو وار هڪ پيرو.

○

## تات

چوڏهينءَ جي چنڊ جي اڄ رات آ،
تو بنا وائي نہ ٻئي جي وات آ.
چنڊ کي تارا ڏسي ٿا رشڪ ڪن،
منهنجي تارن کي بہ تنهنجي تات آ.

○

## ميلو

جڏهين ميلو ايندو آهي،
توسان ميلو ٿيندو آهي.
تنهنجي سهڻي صورت ڏسندي،
درد دفع ٿي ويندو آهي.

## عذاب

منهنجي ڏسڻ سان هيڪر نظرون جهڪائين ٿو تون
اهڙا عذاب ڏيئي، سهڻا ستائين ٿو تون.
غيرن سان خوش سدائين، مون ساڻ عار ٿا لڳ
مان تنهنجو آهيان جانب، جيري جلائين ٿو تون.

○

## لُڙڪ

آءُ اسان جي نيڻن ۾ ڏِس،
ڪيئن نہ وهن ٿا لُڙڪ مِٺا.
دل ۾ درد هزارين پو بہ،
مُنهن تي هوندي مُرڪ مِٺا.

## ٺهڪ

سيني ۾ سَوَ سُور سمايل،
ٻاهر ٺهہ ٺهہ ٺهڪ الا!
هاءِ زمانو درد ۾ ڏسندي
ٺهہ ٺهہ ڏئي ٿو ٺهڪ الا!

○

## عيد ٿي ويندي

دوا ديدار جي ڏيندا، اسان لڳ عيد ٿي ويندي
اڱڻ تي 'عبد' جي ايندا، اسان لڳ عيد ٿي ويندي
ملائي ديد ديدن سان، پياري جام نيڻن جو
نگاهن سان نوازيندا، اسان لڳ عيد ٿي ويندي

○

## اوچتو

ڳالهہ ٽوريءَ تي چِڙي پيا اوچتو
ساز سورن جا چِڙي پيا اوچتو.
ڏوهہ ڏارين تي ڏيون ڪهڙو ڀلا.
پنهنجا پنهنجن سان وڙهي پيا اوچتو.

○

## ظلم

وقت ڪهڙو نہ ويو اچي آهي،
ظلمہ چؤطرف ويو مچي آهي.
رات جاڳي ٿا ڏينهن ڪن مارو،
سُڪُ سانگين جو ويو ڦِٽي آهي.

○

## جيجل سنڌ

تون ٿي مُرڪين، من تو مُرڪي، منهنجي جيجل سنڌ.
تون ٿي ٻهڪين، دل تي ٻهڪي، منهنجي جيجل سنڌ.
تون ٿي تڙپين، تن تو تڙپي، رَتُ تو ٽهڪي ’عبد‘،
جوش جنون ۾ دل تي ڌڙڪي، منهنجي جيجل سنڌ.

## مرڪ

دل جي دردن، زخمن جي آ، مرهم تنهنجي مُرڪ،
منهنجي چِڪندڙ چاڪن جي آ، مرهم تنهنجي مُرڪ.
ذهني پيڙا، جذبن، اڌمن، ارمانن ۽ ’عبد‘،
اندر جي احساسن جي آ، مرهم تنهنجي مُرڪ.

○

## چڪي پيا چاڪ

چِڪي پيا چاڪَ دل جا، چاڪ دامان جو خدا حافظ
اسان جو روح رَولُو آ، نٿو رلجي رليان ڪنهن سان.
هتي هرڪو تيو رنجورُ محرومِ، وفا آهي،
ٻڌايو دوستو جڳ ۾ جيئان ڪنهن سان مران ڪنهن سان.

○

## گل ويو مرجهائجي

ڪاش ڏيئي داغ، فرقت، يارُ اڄ ويندو رهيو
منهنجو دلبر دلربا، دلدار اڄ ويندو رهيو.
خارَ رهجي ويا چمن ۾، گل ويو مرجهائجي،
بلبلن ماتم ڪيو گلزار اڄ ويندو رهيو.

○

## سونهن

سونهن آڳر تي چؤطرف نکري وئي،
خوشبو زلفن جي هر هنڌ وکري وئي.
نيڻ مرڪي ملائي، چپن کي چمي،
هوءَ آئي ۽ اک ڇنڀ ۾ گذري وئي.

○

## روشني

نيڻ توسان مليا، نينهن نسري پيو.
آس جا گل ٽڙيا، عشق اُسري پيو
روشني، روشني، ٿي وئي چؤطرف،
چوڏهينءَ چنڊ ڌرتي تي ايري پيو.

○

## ڪاروتر

سونهن کي سجدا نگاهن جا ڪيم،
شمع تي پرواني جيان ڦيرا ڏنم.
هن جي چهري تي جو ڪارو تِرُ هيو
ڪعبي جو ڪارو پٿر سمجهي چميم.

○

## نئون رنگ

مان محبت ۾ خدائي کي پلائي ويٺس،
پيار الفت جو نئون رنگ رچائي ويٺس.
مسجد ۾ يا مندر ۾ عبادت ڇا جي،
سر تنهن جي ئي قدمن تي جهڪائي ويٺس.

○

## لفظ

لفظ تو جي لکيا، ڊائريءَ ۾ پرين.
سي امر ٿي ويا، شاعريءَ ۾ پرين.
جام مرڪي . نظر جو پياريئي پئي،
’عبد‘ مگسيءَ کي محفل ڀري ۾ پرين.

○

## حوصلا

سَوچ پنهنجي، چوٽ تي آهي رَسي
ڪونه ٿا واريءَ تي گهرڙا ناهيون.
حوصلا پسپا ڪري ناهن سگهبا،
جيل، ڪوڙا، شيل، ڦٽڪا، ڦاهيون.

○

# ثيڙو

مون ڌرتيءَ لئہ جاڪوڙيو
تو سَيڻ مٿايا سَون تي
تو نڪ پٽو پوڙيو.

○

لوڪ سمورو ڏِسندو آهي
ڪُوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ آ پوندي
سچ سدائين نچندو آهي.

○

آ قوم سڄيءَ جو رهبر
بي سمجھ نٿو سمجھين!
اُستاد. اديب ۽ شاعر.

○

جنهن وٽ آهي دولت زر
معتبر ان کي سمجھن ٿا
ماڻهو اڄڪلهہ جا اڪثر.

○

ڪردار جنهن جو بهتر
سو سِر جو سائين آ
ڀَلُ چو نہ هجي نوڪر.

○

چَنڊ جي چانڊاڻ ۾
رات وئي آ گذري
توسان روح رهاڻ ۾

○

منهنجو توسان نينهن
آهي صاف ۽ پاڪ
روشن جهڙو ڏينهن.

○

پَر جيان هيلهه بہ آءُ
ٻهراڙيءَ جي ڳوٺ ۾
مکڻ، ماکي، کاءُ.

○

پَرُ جيان، هيلهه بہ آءُ
گڏجي مون سان ويهه
ڦريون، ڦوٽا، کاءُ.

○

پر جيان هيلهه بہ اچ
ککائين جهوپڙيءَ ۾
محبت ٻاريون مچ.

○

جو قوم جو غاصب آ.
ان کان تہ چڱو آهي
جو ڪردار جو صاحب آ.

O

توکان تہ آهن بهتر
هِن ڳوٺ جا ٽئي ياٽر
اقبال، پَپُو اصغر

O

آهيان عهديدار
مونکي بہ امداد ڏيو
چيو تي زميندار

O

من پسند ماڻهن کي ملي
ڏهہ ڏهہ پيرا امداد،
ڳالهہ هرهنڌ وئي هُلي

O

سياري ۾ ولهہ تي
ہوڏ ستايل وينل
هتين خالي چُلهہ تي

O

اُلفت جي عيوض ڪُلفت
هيءَ ريت چڱي ناهي
محبت جي عيوض نفرت.

○

پنهنجن ئي مِٽن سان
نفرت ڪي پڪيڙين ٿو
جهيڙن جهٽن سان.

○

پنهنجو پاڻ لڄائي
جو ٻن ڪي ويڙهائي
چائي مُنهن ۾ پائي.

○

جُهڙ، ڦُڙ جيءَ ۾
ڏڪون ٿا پيا
سياري جي سيءَ ۾.

○

ڳاڙهن ڳلڙن، چپڙن جي،
خوشبو خوب اچي ٿي پئي
تنهنجن منڙن لفظن جي.

○

# رایا / ویچار

## همت ۽ حوصلو فراهم ڪندڙ Devotion ۽ Commitment جو شاعر عبد مگسي

ميندڙيءَ جي ڪيتن جي خوشبو واري ميهڙ جي مهان ڌرتي، زندگي جي هر شعبي ۾ ڪيئي انمول ماڻهو پيدا ڪيا. انهن شخصيتن پنهنجي دؤر ۾ زمان ۽ مڪان جي گهرجن ۽ ضرورتن جي پيش نظر بيش بها خدمتون سر انجام ڏنيون . اهي خدمتون ان دؤر جي تقاضائن موجب ايڏيون تہ املهہ ۽ بيش بها هُيون ۽ آهن جو انهن جي ڪٿ ڪرڻ بابت سوچڻ وارو رويو ئي اجايو آهي، بين لفظن ۾ تہ انهن جي مُلهہ ۽ قدر جي ڪٿائي ڪري نہ ٿي سگهجي.

رئيس شمس الدين "بُلبُل" کان وٺي ورند واڻيي، گرامي صاحب، جمع خان غريب، ضياءُ الدين بلبل، اسحاق راهي، م-ن محزون، جوهر بروهي، ناظم منگي، عبدالله همدم، خدابخش خادم کان وٺي امتياز عادل سومري ۽ بين تائين سنڌي ادب جي تاريخ/شاعري جي فن ميدان جا وڏا محقق ۽ اديب پيدا ڪيا. جن پنهنجي قلم جي پورهئي ذريعي شخصي جذبن ۽ احساسن سان گڏ قومي فڪر ۽ اجتماعي معاشرتي احساسن جو اظهار ڪري، پنهنجي مادري ٻولي ۽ ادب جي خدمت جو پورو پورو حق ادا ڪيو.

اسان جو هي مانوارو، ٻاجهارو ۽ نرم مزاج رکندڙ دوست عبدالستار "عبد" مگسي جو شمار پڻ اهڙن ماڻهن ۾ ٿئي ٿو.

دين محمد "اديب" فيروز شاهي، الحاج شمس الدين شمسي، ميان

عنايت شاهه ڪلهوڙي جي ساٿي جنريل شاهه پنجو سلطان جي پاڙيسري هجڻ جو ڪيس شرف حاصل آهي، جيڪا هن جي وڏي خوشنصيبي آهي. باجهاري ۽ نرم مزاج ۽ گفتگو جهڙيون خوبيون ۽ خصلتون رکڻ وارو ماڻهو جنهن جي تخليقي انداز ۾ پڻ اهڙين خوبين جي جهلڪ اسان کي نمايان نظر اچي ٿي.

”عبد“ صاحب سان منهنجي ملاقات اڳ ۾ ٿي سگهي ٿو ته ٿي هجي، پر جيتري قدر ياد اٿم ساڻس منهنجي پهرين ملاقات 1989ع ۾ ٿي، جڏهن مان ميهڙ جي ڪاليج ۾ ليڪچرر مقرر ٿيس. ان زماني ۾ ڳوٺ سوبو خان مگسي جي سنڌي ادبي سنگت جي شاخ انتهائي متحرڪ هئي، هن شاخ جو بنياد وجهندڙ ۽ ان وقت سيڪريٽري به شايد عبد مگسي هو. ڪجهه وقت کان پوءِ سنڌي ادبي سنگت ضلع دادو جو ضلعي رابطا سيڪريٽري ۽ مرڪزي ڪائونسلر به چونڊيو.

ان سموري عرصي ۾ هن سنڌي ادبي سنگت ۾ پاڻ به متحرڪ رهيو ۽ ادبي سنگت کي پڻ متحرڪ رکيائين. سندس ڪوشش ۽ رهنمائي هيٺ ڳوٺ سوبو خان مگسيءَ جي ادبي سنگت جي شاخ پاران مشاعرن، راڳ رهاڻين ۽ ادبي ليڪچر جا ڪافي وڏا پروگرام منعقد ٿيا. جن مان بن چئن پروگرامن ۾ مون کي پڻ شرڪت ڪرڻ جو موقعو مليو. ادبي پروگرامن ۾ مون ضلع دادو ۽ ان کان ٻاهر جي ادب سان واسطو رکندڙ انتهائي معتبر ۽ ناميارن ادبي شخصيتن محترم تاج جويو، پروفيسر ڊاڪٽر ادل سومرو، پروفيسر اياز گل، مختيار ملڪ، ممتاز بخاري، ناز سنائي، آسي زميني، امر ساهڙ، اسحاق راهي، ڊاڪٽر مشتاق، آصف منياٽوي، سڪندر جروار، سرڪش سنڌي، عاجز سرگاٽي، ملنگ حيدري ۽ ٻين کي شرڪت ڪندي ڏٺو. جنهن جي نتيجي ۾ ڳوٺ آسپاس جي نوجوان ٿهيءَ ۾ ادب ڏانهن لاڙو ۽ دلچسپي پيدا ٿي، سانول عزيز توڙي طفيل مگسي جهڙا شاعر اديب، شوشلسٽ فڪر جا ماڻهو، ادب جي فڪري ڏارا ۾ قدم رکي، ناماچاري حاصل ڪئي.

سائين عبد صاحب جي شاعري ۾ فني ڪچايون ۽ ڪمزوريون ۽ ان

جي خوبين ۽ خامين سان نہ منهنجو واسطو ۽ نہ وري مون وٽ ان بابت ايتري ڄاڻ آهي. ان متعلق شاعري جي فني پهلوئن بابت ڄاڻ رکندڙ بين عالمن يقينن ضرور چند ٻچاڻ ڪئي هوندي. مان صرف عبد جي شاعري جي فڪري پهلوئن جي سلسلي ۾ مختصر عرض ڪندس.

شاعري ۾ غزل جو مرڪزي ۽ حقيقي ميدان ۽ محور سونهن حسن (جماليات) آهي. ان جي تعريف ۽ ساراهہ غزل جي شاعري جي بنيادي وصف ۾ شامل آهي. پر سماجياتي، سائنسي اصولن پٽاندڙ هر معاشري جا پنهنجا قدر ۽ گڻ ٿين ٿا. آزاد معاشرن جا قدر ۽ گڻ ٻيا. تہ اسان جهڙن غلام معاشرن جا فڪري قدر ۽ گڻ يقينن مختلف هوندا آهن. جنهن جا هر شعور رکندڙ فرد تي گهٽ وڌ سنا ۽ خراب اثر مرتب ٿيندا آهن.

اديب/شاعر ڇاڪاڻ تہ معاشري جي باقي فردن کان وڌيڪ حساس ٿئي ٿو. تنهنڪري هن جا فڪري ۽ شعوري جذبا ۽ احساس باقي فردن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ متاثر ٿين ٿا ۽ هو سماج ۾ جنم وٺندڙ حادثن جو اثر پڻ وڌيڪ قبول ڪري ٿو. جنهن جو احساساتي اظهار هو پنهنجي تخليق (شاعري ۽ نثر ٻنهي) ذريعي ڪندو آهي. عبد مگسي جي شاعرانہ تخليق ۾ اسان کي اهڙن جذبن ۽ احساسن جو ادراڪي ۽ فڪري اظهار نمايان نظر اچي ٿو.

اُهي دشمن ٿيا جن کي ڏنيوسين جيءَ ۾ جايون،
اُهي ڀالا ڀري هٽندا. ائين مون کين هو ڄاتو
اسان جي باغ تي اُلري، خزائون آيون اوپر کان،
وطن جا وڻ پيا سڙندا. ائين مون کين هو ڄاتو.
ميارون ڪهڙيون غيرن تي، جڏهن پنهنجا ٻہ ٿيا دشمن،
اندر ۾ وڍ پيا وجهندا. ائين مون کين هو ڄاتو.

مٿي بيان ڪيل سِٽن ۾ سنڌ جي قومي، معاشرتي زندگي جي اجتماعي پست حالي ۽ قومي مسئلن ڏانهن لاپرواهي ۽ غفلت جو درد ڀريو بيان ٿيل

اهي. شاعر ۽ اديب چاڪاڻ تہ قومن ۽ معاشرن جا فطري ۽ حقيقي نمائنده هوندا آهن. تنهنڪري هنن جا خيال ۽ سوچون پڻ حقيقت ۾ ان قوم ۽ معاشري جي سوچ جي صحيح نمائندگي ۽ عڪاسي سمجهيو ويندو آهي. اسان جي معاشري جي المياتي ماحول ۾ مروج مسئلن. ڏکن ۽ سورن جي صحيح ۽ سچي تصوير جو چٽو عڪس عبد صاحب ڪجھ هن ريت بيان ڪيو آهي.

مذهب جي ڏئي آڙ اسان کي ڦورو خوب ڦري،
تہ پو ڪيئن هيانءُ ٺري،
هاريءَ جو هت نِنيڙو ٻچڙو بک ۾ اُڃ مري،
تہ پو ڪيئن هيانءُ ٺري،

سنڌي معاشري جي بنيادي ڏکن ۽ حقيقي مسئلن ۽ خرابين متعلق شاعر وٽ مڪمل ڄاڻ موجود آهي، ۽ باخبر آهي. ڌرتي جي دشمن جي سازشي چالن بابت هن وٽ پورو پورو ادراڪ آهي، شاعر مخالفن جي هٿيارن جي قوت ۽ پنهنجي هيڻائي ۽ ڪمزوري واري احساس کان بہ بي خبر ناهي. تنهن هوندي بہ هن وٽ هڪ احساس ۽ جذبو موجود آهي. اهو آهي مقصد سان سچائي جو. اها سچائي جي شڪتي ڪيس دشمن جي طاقت کي للڪارڻ لاءِ همت ۽ حوصلو فراهم ڪري ٿي.

تون ڏاڍو آن، تون ڏاڍ ڪري، هِت هيڻن کي هيسائين ٿو
ٿي مانجهي مرد مٿير اسين، اڄ پاڻ مڃائي ويندا سين.

هي گهوٽ سيئي اڻموٽ اٿئي، ڪنهن ساڻ تون سينو ساهيندين،
هن سنڌ مٿان سرساه ڏئي، هي سنڌ بچائي ويندا سين.

جو قول ڪيوسين ڌرتي سان، سو قول نڀائي ويندا سين،
هي "عبد" عبادت ڪرتي آ، هٽ سيس جهڪائي ويندا سين.

ڏرتيءَ سان شاعر جي جيڪا Commitment آهي، مٿين شعر جي سِٽن ۾ ان جو چٽو اظهار ٿيل آهي، ان ڪري عبد مگسي لاءِ اهو برملا چئي سگهجي ٿو تہ هو Devotion ۽ Commitment جو شاعر آهي.

سندس شاعري جا ڪجھ ٻيا مثال بہ هيٺ ڏجن ٿا.

صبح ماتم شام گويا ڪربلا،
حادثن تي ٿو ڏسان پيو حادثا
وک وڌايو خود گهٽايو فاصلا
زندگي بڻجي وئي آ مسئلا
سير ۾ ڪشتي آ قاٽي قوم جي
پهچي وڃ وارو ڪري اي ناخدا.

هر قدم تي، هرگهڙي ٺوڪان ٿئي،
رهبري جي روپ ۾ ٿي رهزني
جي ڪبو سجدو محاذن تي ڪبو
عبد جي آهي اهائي بندگي.

اڳتي هڪ خوبصورت شعر جون سٽون ڇيون اٿس تہ:

هن قلم ڪاڏو قسم آ پُونءِ جو
سنڌ ڌرتي تي لکڻ اٿيندو اٿم،
ڇا پڇين ٿو زندگي جي راهہ ۾،
ها، مرڻ توڙي جيئڻ ايندو اٿم.

زندگي يقينن مسئلن، مشڪلاتن ۽ ڏکن جو نالو آ، جنهن جو شاعر عبد مگسي وٽ مڪمل احساس موجود آهي پر، ان سان گڏوگڏ زندگي خوش خوش گذارڻ جو بہ ڍنگ ۽ ڏانءُ وٽس موجود آهي، دنيا ۾ اهڙا تمام

ٽورڙا ماڻهو هوندا آهن. جن وٽ مرڻ ۽ جيئڻ جي ذات ۽ ذانءُ هجي.

عبد مگسي جي شاعري جتي زمان ۽ مڪان ماضي ۽ حال جي ٿيل مقال جي عڪاس آهي، اتي جماليات جهڙي غزل جي سگهاري عنصر کان به منهن موڙ نہ ڪئي آهي.

ڪيئن نہ تنهن جي مون نيڻن کان پيتو هيو
ياد آيون اهي مئڪشي جون گهڙيون.
تنهن جي قدمن تي سر کي جهڪائي مِنا،
عبد پوريون ڪيون بندگي جون گهڙيون.

تصوف ۾ صوفي وٽ نيڻن جي مئڪشي خاص نقطو بڻي رهيو آهي. صوفي وٽ بندگيءَ جو تصور محبوب جي قدم ۾ سِر جهڪائڻ بہ آهي. عبد مگسي جون مٿيون سِٽون صوفي ازم جي فڪر جي روشني ۾ جماليات/ سونهن ۽ حسن بنهي جي مڪمل تصوير جي جهلڪ مهيا ڪن ٿيون.

**پروفيسر ڊاڪٽر محمد آدم ٻٽ**

**ڄامشورو**

30_9_2011

## عبد مگسي هڪ بامقصد شاعر

دادو ضلعي کي سنڌ جي علم ادب ۽ دانش، فن ۽ فڪر واري نقشي ۾ اهڙي حيثيت حاصل آهي، جهڙي محبوب جي چهري تي نڪ جي حيثيت آهي.

هن ضلعي جو هر تعلقو ۽ هر علائقو مردم خيز آهي. اسان جي دوست، عبدالستار عبد مگسيءَ جو تعلق بہ دادو ضلعي جي جنهن علائقي سان آهي اها سرزمين ۽ پوڻ ۽ نهايت سرسبز ۽ زرخيز آهي.

عبد مگسي بہ اُنهن شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو جن جو جيون اذيتن ۽ پيڙائن، عذابن ۽ صدمن سان سرشار آهي ۽ اها هڪ ميچيل حقيقت آهي تہ جنهن شاعر کي وڏيڪ پوڳنا ملي هوندي آهي، اهو وڏيڪ سنو لکي سگهندو آهي.

مون عبد مگسيءَ جي مليل شاعريءَ جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪيو. سندس شاعريءَ جي گهڻيءَ جي سُٺي ڪنهن هڪ موضوع تي اٽڪيل ناهي پر بي شمار موضوعن سان ٽمٽار آهي، جنهن ۾ اوسيئڙو بہ آهي تہ درد بہ بيڪسي ۽ بيوسي بہ آهي تہ جدائي بہ آوارگي بہ آهي تہ عشق بہ. دوستي بہ دشمني بہ پيار، حسرتون، وفائون، جفائون، ڏک سک، وڇوڙي جا ورلاپ ۽ وصال جون واڌايون بہ. مطلب تہ عبد مگسي جي شاعريءَ ۾ اڻ ڳڻيا موضوع سندس شاعريءَ جي خوبصورتيءَ ۾ اضافو ڪري رهيا آهن.

عبد مگسيءَ جي شاعري لڳ ڀڳ سيني صنفن تي مشتمل آهي ۽ هو ڪي سهڻي نموني ۽ سليقي سان نڀائي ٿو. سندس شاعري خالي

لفظن جو مجموعو نہ پر مقصد ۽ پيغام سان بہ ڀرپور آهي. سندس شاعريءَ ۾ مقصديت آهي. سندس هڪ غزل جا بند آهن تہ:

سمجهي وڃ تون اي ساڙولا.
گيت اسان جا تئي ٻم گولا.

سامهون ايندين، سنجي ويندين،
مون کي آهي تنهن جي ٻولا.

سنڌي نوڀي اجرڪ وارا،
نڪري ٻڌندا ناهي ٽولا.

ڏيڏي نہ خوبصورت، ڪم جي ۽ وقتائتي ڳالهہ ڪئي آهي عبد مگسيءَ ۽ اها بہ سنئين سڌي چٽن ۽ سادن لفظن ۾، اسان سنڌي ماڻهو جيڪي ڏينهون ڏينهن انتشار ۽ اختلافن جو شڪار ٿيندا ٿا وڃون، انهن لاءِ سڄون غزل هڪ اميد آهي ۽ پاڻ ۾ هڪ وڏي معنيٰ سمائي رهيو آهي.

سندس هڪ ٻيو بہ ڏاڍو خوبصورت ۽ حقيقت پسندي سان ٽمٽار غزل آهي، جنهن جون ڪجهہ سِٽون هن ريت آهن تہ:

جاڳي پيا من ڪوڙين جذبا،
ڪهڙا گهٽجي، ڪهڙا گهٽبا.
چارڻ جيڪر چنگ وڄايو
سازن تي سو سرڙا سٽبا.
ڏينهن ڏکن جا ويندا گذري،
نيٺ سکن جا ساهہ بہ کٽبا.

عبد مگسيءَ جي شاعريءَ جي ڪيترين ئي خوبين مان هڪ خوبي اها

بہ آهي تہ ٻولي سليس ۽ سادي، عام فهم ۽ عوامي استعمال ڪئي اٿائين، ان ڪري سندس شاعريءَ جي پيغام ۾ ابلاغ جي سگهه وڏيڪ نظر اچي ٿي.

اسان جي سنڌ ڌرتيءَ تي قبائلي جهيڙن جيڪا تباهي مچائي آهي ۽ هزارين ڪونڌر ڪُسي چڪا آهن.

نفرتن ۽ بارود جي ڌپ اچي رهي آهي، اهڙي ماحول ۾ عبد مگسي هڪ سجاڳ شاعر وارو ڪردار خوب نڀائي رهيو آهي، هڪ غزل ۾ لکي ٿو تہ:

خدارا اڪيون ڪولي سوچيو اي ساٿي،
وهي واهڙي چا رهيو آ وطن ۾.
وساري سڀئي ويچا گڏجي رهو سڀ،
ڀلا چا رکيو آهي، جهيڙن جهٽن ۾.
دعا عبد دل ساڻ هردم گهري ٿو
رهو خوش سدائين اباڻن ڪکن ۾.

مطلب تہ عبدالستار عبد مگسيءَ جيڪو بہ قلمي ۽ شعوري پورهيو ڪيو آهي. اهو مان ۽ اهميت لهڻي ٿو. سندس هي شعري مجموعو سنڌي ادب جي معياري ڪتابن ۾ هڪ خوبصورت اضافو هوندو. دعا آهي تہ "عبد" لکندو رهي ۽ لکندي لکندي ڪڏهن بہ نہ ٿڪجي...!

**ڪوثر برڙو**

استيشن ڊائريڪٽر

ريڊيو پاڪستان خيرپور

09_2_2011

## عبد مگسي - سنڌ، سچ ۽ سونهن جو شاعر

شاعريءَ کي دنيا جي سيني علمن جي ماءُ سڏيو ويو آهي. چاڪاڻ ته سوچ ۽ فڪر جا سمورا اوائلي نقطا شاعري ۾ محفوظ ڪيا ويا آهن. شاعر ماحول جي ڪنهن به واقعي مان اثر وٺي ان کي ڪاغذ تي جيئن جو تيئن اتارڻ جو ڪم نـ ڪندو آهي، پر ان واقعي کي ذهن يا ڪاغذ تي نئين سِر تخليق ڪندو آهي. ادب سماج جي پيدوار هوندو آهي، تنهن ڪري ادب ڪنهن نـ ڪنهن سماج جي نمائندگي ڪندو آهي، ادب باشعور انسانيت جي زبان هوندو آهي، سچي اديب ۽ سچي شاعر جي شاعري يا لکڻيون پنهنجي دؤر جي تاريخ هونديون آهن. شاعري انسان جي جذبات ۽ احساسات سان تعلق رکي ٿي، شاعر وڏو حساس، خود شناس، وڏي غور ۽ فڪر جو مالڪ ٿيندو آهي، شاعر جي جذبن جي عڪاسي هوندي آهي.

دادو ضلع جي ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ سويو خان مگسي ۾ پهرين جنوري 1951ع تي جنم وٺندڙ عبدالستار عبد مگسي ادب جي کيتر ۾ نامياري شاعر ۽ اديب جي حيثيت سان ڄاتو ۽ سڃاتو وڃي ٿو سندس تعليم ايم- اي پوليٽيڪل سائنس ايم- اي اسلامڪ ڪلچر ۽ ايم- ايڊ کان علاوه فارسي پڙهيل آهي، هو تعليم کاتي ۾ اُستاد، سپروائيزر رهيو. پاڻ باليشاهه هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر طور رٽائرمينٽ ورتي آهي.

هو شاعر، اديب هجڻ سان گڏ اُستاد ۽ سماج سڌارڪ پڻ آهي. هو سماجي زندگي ۾ سيني جو هڏ ڏوکي ۽ همدرد رهيو آهي. عبد مگسي جي

شاعري سنڌ جي تقريباً سمورين اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿي آهي. ان سان گڏ سندس ڪهاڻيون، ۽ مضمون پڻ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا. هو سنڌي ادبي سنگت شاخ سوڀو مگسي جو باني ۽ ڳوٺ سڌار سنگت جو بنياد وجهندڙ آهي. پاڻ اُستادن جي تنظيم گستا جو تعلقي ۽ ضلع سطح تي عهديدار پڻ رهيو آهي. پاڻ گزيٽيڊ آفيسرس اسڪول سائيڊ جو ضلعي عهديدار پڻ رهيو آهي. پاڻ سنڌي ادبي سنگت ضلع دادو جو ٻه ڀيرا ضلعي رابطا سيڪريٽري رهيو آهي. ڀهريون ڀيرو 1992ع ٻيو 2002ع ۾.

ڪيس 1992ع ۾ سنگت مرڪز پاران برک شاعر ادل سومري جي دؤر ۾ بهترين ڪارڪردگي تي سنڌ الاجي ڄامشورو ۾ ٿيل ايوارڊ تقريب ۾ سدا حيات فهيم عباسي ايوارڊ ۽ ڳوٺ جي نوجوانن پاران تعليمي خدمتن تي مولانا عبدالڪريم مگسي ايوارڊ ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ پاران ميلو 2008ع ۾ بهترين. اديب. شاعر جو ايوارڊ ملي چڪا آهن. گڏوگڏ علمي ادبي ۽ سماجي خدمتن ۾ بهترين ڪارڪردگيءَ جا سرٽيفڪيٽ بہ مليا اٿس.

سندس شاعري ۾ هن پوڻ ۽ مارو ماڻهن ۽ سنڌي ٻولي سان اُتاهه محبت، پيار قومي درد. پيڙا، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ هاري ۽ مزدور سان ظلم ۽ تشدد قومي ۽ اجتماعي مسئلا وچوڙن جا ورلاپ سچ ۽ سونهن جي چٽي عڪاسي ٿيل آهي.

محنت ڪش مان هاري آهيان،
ڌرتيءَ جو پوڄاري آهيان.

سلي سلي ۾ ساهہ آ منهنجو
ديس جي وڻ جي ٽاري آهيان.

مون کان سُک جي ڳالهہ نہ پڇجو
ٻورن جو پاٽاري آهيان.

ڪنهن لاءِ ڏاڍو پٽر ڪنهن لاءِ،
پورو پٽر واري آهيان.

سچ چوڻ جي ڏوهہ تا پانيو،
پو تہ وڏو ڏوهاري آهيان.

سنڌ ۾ 80ع واري ڏهاڪي ۾ ضيا جي آمريت دؤران پيار ۽ محبت جي ڦهلاءِ وارين سنڌ جي ڀهراڙين ۾ ڏاڙيل فيڪٽر ڪي هٿي ڏئي ڏرتي ڌڻين تي ظلم ۽ تشدد جا نوان پهاڙ ڪيرايا ويا. ٻئي پاسي ماڻهن جي رکوالي لاءِ مقرر ڪيل قانون جي محافظن بہ ماڻهن کي هيسايو ۽ ڊجاريو سنڌ جي ماڻهن جي زندگي زهر بڻائي وئي. اهڙي ماحول جي عڪاسي عبد مگسيءَ جي شاعري ۾ بہ اچي ٿي.

سانگين ڪان سک تي ويا ڪاتا،
راڪا سِر جا تي پيا ساتا.

ماڻهو ماڻهو ماس تيو واتا،
ڪارا ڪانوَ هڻن پيا جهاتا.

غيرن گهرا گهاوا ڏنا پر،
پنهنجن پيي هِن پڪڙيا ڳاتا.

ڪهڙي وات ونن واتهڙو
چورن گُهتيا سپ چو واتا.

اهڙين اذيتناڪ ۽ هنياءَ ڦاڙيندڙ حالتن ۾ بہ عبد مگسي مايوس ناهي، سندس جذبا جوان آهن.

طوفانن سان لڙبو رهبو
جذبا ناهن خالي ياتا.

عبد مگسي جي شاعريءَ ۾ مايوسي نہ پر همت ۽ جرئت جو اظهار ملي ٿو.

جي گهڙيون مشڪل اچن همت نہ هارجو
سوريون پلي سينگارجن همت نہ هارجو.

عبد مگسي سنڌ ڌرتي تي لکڻ جو قسم کنيو آهي، سندس شاعري ۾ همت ۽ حوصلو آهي، هو سوري تي بہ سچ چوڻ، حق جو هوڪو ڏيڻ، ڏاڍ جا ڏونگر ڏارڻ، حق ڇني وٺڻ، ظالم ۽ جابر اڳيان نہ جهڪڻ ۽ هٿ ٽنگڻ کي عيب سمجهي ٿو.

پوڻ جو ڪاڏو قلم آهي قسم
سنڌ ڌرتي تي لکڻ ايندو اٿم

پل سوين سوريون پيون سينگارجن
سچ سوريءَ تي چوڻ ايندو اٿم

ڪوڙ جي منهن ۾ وجهي جاٽان ٿو ڏوڙ
حق جو هوڪو ڏيڻ ايندو اٿم

ڏاڍ جا ڏونگر بہ ڏاري ٿو سگهان
پنهنجي دشمن سان لڙڻ ايندو اٿم

هٿ ٽنگڻ کي عيب ٿو سمجهان صفا
حق ڇني پنهنجو وٺڻ ايندو اٿم.

عبد مگسي سنڌ جي روايتي مهمان نوازي جو پاسدار آهي، جڏهن بہ ڪو ديس واسي دل گهريو دوست وٽس ڪهي اچي ٿو تہ سندس دل ٺري پوي ٿي.

عبد ان تان ٿيندو آهيان اول گهول،
سنڌ واسي جي سڄڻ ايندو اتم.

عبد مگسي پنهنجي شاعريءَ ۾ قوم کي ويڇا وسارڻ ۽ اتحاد جو سڏ ڏنو آهي.

وقت آ. هڪ ٿي وڃون سڀ پاڻ ۾،
وير ۽ ويڇا وساريون دوستو.
غير جي للڪار کي للڪاريون،
غير لئہ ٻارڻ ڪو ٻاريون دوستو.

عبد مگسي جي شاعري ۾ نا اميدي بجاءِ اميد جا ڪرڻا نظر اچن ٿا. هو قوم مان ڪڏهن بہ مايوس ناهي ٿيو نئين نسل مان پُر اُميد آهي، چو تہ هو ڄاڻي ٿو تہ اونداهي رات ڪانپوءِ روشن صبح ضرور اچڻو آهي.

نيٺ هڪ ڏينهن گل ٽڙي پوندا،
ماڪ مڪڙين اجان جهٽي ڪانهي،
پنهنجي ڌرتيءَ تي ساهہ سِرُ ڏيندا،
جُوءِ جهانگين اجان مَٽي ڪانهي،
هيانءَ هارين متان ڪڏهن "مگسي"،
رات ۽ ڏينهن ۾ وِٿي ڪانهي.

هو وقت جي ڏکن ڏوجهرن ۽ حالات سان مقابلو ڪندي پنهنجي منزل طرف وِک وڌائيندو رهي ٿو.

جيئن جيئن جهولو لُڪ لڳي ٿي،
تيئن تيئن اڳتي وِڪ وڌي ٿي،
مان جيئن منزل ڏانهن وڌان ٿو،
منزل مون ڏي پاڻ اچي ٿي.

عبد مگسي پيار جو شاعر آهي، هن پيار ۾ سونهن جا گيت ڳايا آهن، پر جڏهن چاهت جي چٽنگ درد جا دونهان دُکائي ٿي تہ سندس اکڙين مان بي موسم برسات وانگر نيڻن مان نير وهن ٿا.

دل ۾ پيار جي چٽنگ دُکِي پئي،
دُکندي دُکندي باهہ ٻرِي پئي،
جهڙ جي موسم ناهي پوءِ پڻ،
نيڻن مان برسات وَسي پئي.

عبد مگسي پنهنجي پيارن جون ڳالهيون ۽ ڳُڻ ياد ڪري انهن کي ڳائي ٿو.

نيڻ وسندا رهيا، پاند پُسندا رهيا،
زخم اُڌڙي پيا، چاڪَ چِڪندا رهيا،
ڳڻ ۽ ڳالهيون جڏهن ياد تنهنجون پيون،
پور پوندا رهيا، سُور وڌندا رهيا.

عبد مگسي محبوب جي ديدار تي تڙپي پوي ٿو ۽ هو ان کي قدرت جي مهرباني سان مشابهت ڏئي ٿو.

دل جي پوري نيٺ حسرت ٿي وئي،
اڄ رُخِ انور جي زيارت ٿي وئي،
هن نگاهہِ شوق سان مرڪي ڏنو
مهربان مون تي آ قدرت ٿي وئي.

سندس شاعريءَ ۾ موجوده دؤر جي حالتن، واقعن جو چٽو عڪس آهي. سندس زندگي جدوجهد سان ڀريل آهي، هن ڏکن سان به جهيڙيو آهي ته سکن سان به سنمُک رهيو آهي.

ڪي اندر ۾ باهه ٻاري ٽا وڃن،
ڪي ته منهنجا نيڻ ناري ٽا وڃن،
ڪي گهري دل سان دعائون ٽا وڃن،
ڪي لحد تي لڙڪ هاري ٽا وڃن،
ڪن ته بَرپت جيڏا بخشيا حوصلا،
ميڻ وانگر ڪي ته ڳاري ٽا وڃن،
”عبد“ پارن تي پيلا ڪهڙي ميار،
ڪي گهڙيون توسان به گهاري ٽا وڃن.

هو موت کي ته مات ڏئي ٿو پر ڪيس يار جي ناراضگيءَ جو موت کان وڏيڪ خوف رهي ٿو هو محبوب جي مرڪ تان نثار ٿئي ٿو.

موت کي ماري سگهون ٿا، يار جي،
ڏس مٿان ماري وجهي ناراضگي،
مرڪ هڪڙي جي مٿان ٿيون ٿا نثار،
بيوسي سمجهو يا سمجهو سادگي.

عبد مگسي حق ۽ سچ جا گيت لکندڙ شاعر آهي. هو فقط پنهنجي خُدا کي سجدو ڪري ٿو ۽ ظالم، جابر جي اڳيان جهڪڻ وارو نه آهي.

سر خم ڪري ڇڏيوسين ان جي حضور ۾،
هڪڙو خُدا آ پنهنجو ٻيو ڪو خُدا نه ٿيندو
مان ”عبد“ آهيان ان جو معبود آ هو منهنجو
ڪنهن غير آڏو پنهنجو سجدو [illegible]

عبد سگسي وطن سان پيار ڪندڙ شاعر آهي، هو وطن ۽ ضمير جي سوداگرن، غدارن جو ديس ۾ ڌرتيءَ تان خاتمو آڻڻ گهري ٿو، وطن سان چاهت جو اظهار کلي عام ڪري ٿو.

اچو چرخو چاهت جو چوري ڇڏيون،
اچو سر ڪي سنڌڙي تان گهوري ڇڏيون،
جو وڪڻي ٿو پنهنجو وطن ۽ ضمير،
اچو ڪنڌ تنهنجو ٻه ڪوري ڇڏيون.

## انور آزاد ڪانڌڙو

ميهڙ

## عبد مگسي - سنڌي ادب جي سونهن

شاعري هڪ اهڙو جذبو آهي، هڪ اهڙو احساس آهي، جنهن سان ڪنهن جي دل کي آسانيءَ سان فتح ڪري سگهجي ٿو. هونئن ڪنهن سلطنت کان بہ ڪنهنجي دل کي فتح ڪرڻ انتهائي اوکو عمل آهي. شاعر هڪ اهڙو فاتح آهي، جيڪو هر ڪنهن جون دليون فتح ڪري ٿو ۽ شاعر اهڙو حاڪم پڻ آهي جيڪو دلين تي حڪمراني ڪري ٿو.

هڪ اهڙو ئي دلين جوفاتح ۽ حاڪم شاعر، مهربان ۽ محبتي انسان عبدالستار عبّد مگسي بہ آهي، عبد مگسيءَ جي ناليءَ سان سنڌي ادب جي سونهن ۽ سڃاڻپ بڻجندڙ هي شاعر نہ رڳو شاعر آهي پر سٺي ڪردار ۽ سٺي شخصيت جو مالڪ ۽ بيحد جاکوڙي پڻ آهي. سنڌي ادبي سنگت جي حوالي سان سندس جي جاکوڙ ۽ محنت کان ڪو ڪافر ئي منهن موڙي سگهي ٿو. عبد مگسيءَ جهڙا ڪردار ادب ۽ ڌرتيءَ لاءِ ڪنهن خوبصورت تحفي کان گهٽ نہ هوندا آهن.

اڄ هتي مونکي عبد مگسي صاحب جن جي شاعريءَ جي حوالي اهو لکڻو آهي تہ عبد صاحب پيار جو شاعر تہ آهي ئي آهي پر عبد صاحب وقت ۽ حالات جو بہ عڪاس شاعر آهي، مان هتي سندس جي اهڙي شاعريءَ جو ذڪر ڪرڻ تمام گهڻو ضروري ۽ مناسب سمجهان ٿو جنهن ۾ عبد صاحب اڄوڪي دؤر ۽ وقت جي حالتن ۽ روين کي پنهنجي قلم، شعور ۽ تخليق ذريعي واڪو ڪيو آهي:

ظلم چؤ طرف ويو مچي آهي،
سُک سانگين جو ويو ڦِٽي آهي،
ساز جيون جو تو لڳي ٻاڙو
دل جي هر تار پئي ٽُٽي آهي.

عبد مگسي وقتائتي ڳالهه ڪري هِن دؤر ۽ هِن وقت جي تاريخ کي پنهنجي لفظن ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. عبد مگسي پنهنجي هڪ ٻئي چؤسٽي ۾ لکي ٿو:

چوري چوري آيا چور،
ماڻهو ماري ويا شهه-زور،
راهن ۾ رانيوتا تن جا،
ڪاڏي لڪندا آدم خور.

هڪ طرف ظلم آهي، ٻئي طرف چوري، تشدد ۽ بدامني آهي. انسان ۽ انسانيت جي اهڙي تذليل ڏسي هڪ شاعر جو روح بيچينيءَ جي عالم ۾ بـ اميدن. همتن ۽ حوصلن جي ڳالهه ڪيڏي نه سهڻي ۽ سيبتي انداز ۾ ڪري ٿو:

جي گهڙيون مشڪل اچن، همت نه هارجو.
سوريون پلي سينگارجن، همت نه هارجو.
مرڪي ڪجو پيا مرحبا سورن ڏکن سندي.
چاڪ دل جا پيا چڪن، همت نه هارجو.

وقت جي آهي تقاضا گڏ ٿيو،
وقت تي هڪٻئي کي سڏ ۾ سڏ ڏيو،
وقت ڪنهنجو ناهي رهندو منتظر،
وقت تي سوچي وٺو، وارو ڪيو.

جيئن جيئن جهولو لُک لڳي ٿي،
تيئن تيئن اڳتي وِکَ وڌي ٿي،
مان جيئن منزل ڏانهن وڌان ٿو
منزل مونڏي پاڻ اچي ٿي.

عبد مگسيءَ جي دل ۾ سنڌ سان، پنهنجي ڌرتيءَ سان پيار ۽ محبت واري جذبي جون جهلڪون سندس شاعريءَ ۾ هر هنڌ نظر اچن ٿيون. عبد صاحب پنهنجي دل ۽ تخليق کي به ان جذبي کان خالي نه رکيو آهي.

پلي ڪر تشدد بلند حوصلا هِن،
اڃان خون دوڙي ٿو منهنجي رڳن ۾،
وڙهي جي ڏيان ساهه مان سنڌ خاطر،
ڏجو مونکي سنڌڙي جو اجرڪ ڪفن ۾.

حقن لاءِ هوڪا ڏبا رهيا هردم،
گهرن ۾ گهٽين ۾ رڻن ۽ پٽن ۾،
اِها آخري 'عبد' جي آ وصيت.
لِکي لاش ڇڏجو اُنهن ڪکن ۾.

نه رڳو عبد صاحب پنهنجي ڌرتيءَ سان پنهنجي پيار محبت ۽ عقيدت جي ڳالهه ڪئي آ پر انهن مارن جي محبتن ۽ قربانين جي ڪٿا به بيان ڪري ٿو. جيڪي ڌرتيءَ جي آزاديءَ واري واهه ۾ پنهنجو سِر ڏيڻ لاءِ سنڌ جي سڏ تي گڏ ٿي نڪري پيون ٿا.

ناڪ منجهند جو پيرين پيادا
بک ۾ پاهه ۽ اُج ۾ ماندا،
ڌرتيءَ جي دل ناري خاطر،
نِڪري پيا ڪي ماڻهو سادا.

عبد مگسي جا اهڙا ڪ- ائي انمول احساس سندس جي شاعري ۾ موجود آهي جيڪي اوهان ۾ ، جي دلين کي فتح ڪري عبد صاحب جو پرستار بڻائن ٿا ۽ عبد صاحب ني محنتن ۽ محبتن کي عقيدتن ۽ دعائن جي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ اُتسا هن ٿا.

27 فيبروري 2011ع

**مشتاق بخاري**
ڏکڻ ضلعو شڪارپور
03337284630

# ڏرتيءَ سرتيءَ جو "عبد"

سنڌي ادبي کيتر ۾ ميهڙ سنڌ صوبي جي ڪنهن به شهر کان پوئتي ڪونهي. جتي پوري سنڌ ۾ خوبصورت کان خوبصورت ڏات ڏڻي موجود آهن. اُتي ميهڙ به انهن جي وچ ۾ برابر سنهري اکرن سان پنهنجو نالو لکرايو آهي. جيئن ميهڙ جي ميندي ۾ مائو ملڪان ملڪ مشهور آهي ته اُتي جو اُتي وري ميهڙ سياسي، سماجي حوالي سان به پاڻ مڃرائي چڪي آهي ته وري اُتي ادبي سرگرمين ۾ پڻ اڳڀري رهي آهي. ميهڙ تمام خوبصورت ادبي نالا پيدا ڪيا آهن. جن ۾ سيد علي اڪبر شاهه، غلام محمّد گرامي، شمس الدين بُلبُل، مرحوم محزون اسحاق راهي، ناظم منگيءَ جهڙا خوبصورت ڏات ڏڻي به ميهڙ پيدا ڪيا جيڪي وجودي طرح اسان سان گڏ نه ڪونه آهن پر تخليقي حوالي سان هواج به وِک وِک اسان سان گڏ آهن.

اسان وٽ جيڪي خوبصورت نالا موجود آهن. ربّ پاڪ کين عمر دراز عطا فرمائي انهن شاهڪار نالن ۾ قابل احترام سائين جوهر بروهي، علي دوست عاجز، محبوب ڏيپر گوهر گل ڳوڙ، امتياز عادل، معصوم بخاري، رحمت سومرو، صابر سيد پوري ۽ عبد مگسي نمايان نظر اچن ٿا ۽ خوبصورت قلمڪارن ۾ شمار ٿين ٿا.

عبد مگسي جسماني طور ڪرڙ وڌ پر جذباتي، احساساتي طور بلڪل ارڙهن ويهن سالن جو ڳڀرو نوجوان لڳندو آهي. سائين عبد مگسي پيشي جي لحاظ کان رٽائر هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر آهي. عبد کلڻو، ملڻو سادي

Commitment کي بہ ڏسون.

دشمنن سان جنگ واريون دوستو!
سينڌ سنڌڙي جي سنواريون دوستو!

سنڌ ڌرتي اسانجي ماءُ آهي, سنڌ ڌرتيءَ سان پنهنجو ناتو اٽُٽ آهي جيڪو جمڻ کان مرڻ تائين جو آهي, پنهنجي ڌرتيءَ تي جيڪڏهن خوشحالي ڏسڻي آهي تہ عبد جي هن شعر کي غور سان پڙهڻو پوندو ۽ سمجهڻو بہ پوندو تہ عبد ڇا ٿو چئي. شاعر هتي پاڻ تہ ڇا پر پنهنجي انهر دوستن کي بيدار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي, جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان پنهنجي ڌرتيءَ سان پنهنجو سڳ وساري وينا آهن. انهنکي چئي ٿو تہ اچو مونسان گڏ ٿيو تہ گڏجي سنڌ جي دشمنن سان جنگ واريون انهن کي ماري ڀڄايون ۽ پنهنجي ڌرتي ماءُ جي اجڙيل سينڌ کي وري سنواريو, سينگاري پنهنجي ڌرتيءَ ماءُ جا حلالي پٽ هئڻ جو ثبوت ڏيون. وري هيٺ شاعر چوي ٿو تہ حق ڪڏهن بہ گهرڻ سان ڪونهي مليو ۽ اِها حقيقت بہ آهي تہ ڪڏهن بہ حق گهرڻ سان ڪونهي مليو پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ وڙهڻو پوندو آهي, پنهنجو حق ڇنڻو پوندو آهي, ۽ هتي درويش اها ئي ڳالهہ ڪري ٿو تہ غير جي هٿن ڏي ڇو ڏسون اچو تہ گڏجي پنهنجا ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جا سمورا حق انهن کان ڇني وٺئون, جيڪي اسان جي حقن تي قبضو ڪيون وينا آهن.

پنهنجو حق هاڻي ڇني وٺڻو اٿئون
ٻئي جي هٿ ڏي ڇو نهاريون دوستو!

وري هيٺ هي ڌرتي جو حلالي پُٽ انهن ڌرتي جي غدارن کي ڇٿو ڇوي ٿو تہ:

اسان سنڌ تي سِر ڏيڻ ٿا گهرون
ڇني حق پنهنجو وٺڻ ٿا گهرون
اوهين ٿا ورهائڻ جون ڳالهيون ڪيو
اسان سنڌ ساڳي ڏسڻ ٿا گهرون.

جي ڪاڻ ضرور ڪو تہ هوندو نہ تہ شاعريءَ جو شوق/چٽڻگ ڪٽان لڳس!

فريد آباد ۾ سائين جوهر بروهيءَ جي آستانيءَ تي عبدالستار صاحب بہ پہ پيير پريا. جتي سندس شاعراڻي شوق کي ضرور ڪجھ چيرا آيا ۽ اشتياق وڌيو ۽ تڏهن کان ئي عبدالستار مان عبد مگسي بنيو پوءِ محترم اسحاق راهي صاحب جي ادبي استاديءَ ۽ شاعراڻي رنگ ۾ رنگيو ۽ ناماچاري ماڻيائين.

عبد صاحب محبت ۽ محنت سان علمي ادبي ميدان ۾ پير پاتو ۽ پير ڄمائي ويٺو رهيو. ادبي سرگرمين کي باقاعدي وقت ڏنائين. اهڙن ڪمن ۾ تہ ماٺهو کي ڏيڍو ئي پوندو آهي، مون کيس هميشہ مرڪندي ۽ مهڪندي ڏٺو آهي. سدا بهار، سدا جوان. اسان تہ اوهان جي آڏو پوڙها پيا نظر اچون. آءُ ساڻس پوڳ ڪندو آهيان. جيڪا هڪ حقيقت آهي، ڪنهن جو ڪو ڏک هوندس بہ سڀهي پر لڪايائين ڪڏهن بہ ڪونہ.

هي ڪير آهي، هي ڪنهن جا هِن ٻئي نيڻ پِنل، هن کي تہ ڏسو!
هي ڪنهن جي اکين ۾ آئي آ، دريا جي اُٿل، هن کي تہ ڏسو!

پاڻ تہ آهي ڪونہ. پوءِ اهو ڪير آ. جنهن ڏانهن هي توجھ ڇڪرائي رهيو آهي. زندگي توڙي شاعري ڏانهن ان قسم جو رويو حَسين رويو آهي، شاعر جو اهو انداز جنهن کي تجاهِل عارفانہ چئبو آهي. شاعريءَ جي زيورن مان هڪ آهي. ۽ اها خوبي بہ عبد صاحب جي شاعري ۾ موجود آهي. شعر، شاعر جي اندر جو فطري اظهار آهي. جهڙو ڪِلڻ ۽ روئڻ دل کي چوٽ لڳي تي تہ ڳوڙها ان ڳالھ جو انتظار نہ ٿا ڪن تہ ڪو پرچائڻ وارو يا لُڙڪ اُگهڻ وارو موجود آهي يانہ.

ڪُلي اک، رُنا نيڻ منهنجا نِماڻا.

هن مجموعي ۾ شامل عبد صاحب جو گهڻو ڪلام مزاحمتي ۽ قومي

رنگ ۾ رنگيل آهي، منظر ۾ چهرا ڏنل ۾ پنهنجا آهن. پلي تہ اُهي مُرجهايل ۽ ميرڙا آهن. پاپي، پاڙهيري بہ ساڳيا آهن. تہ رات جي وسوسن سان پريل ۽ وحشتي صورت بہ اهائي آهي. تنهنڪري اسانجون آهون دانهون بہ ساڳيون آهن. سائين اُستاد بخاريءَ جون هي سِٽون پڙهي، ڪجھ طنز ۽ ڪجھ ارمان جهڙا احساس اُپري تا اچن.

جو سورج شاعرن سوچيو هو سو اُپري چُڪو هوندو!
۽ پوپون پهر پوئين رات جو گذري چڪو هوندو!
نبي، اوتار، مصلح، فلسفي، اُستاد ڪئين آيا،
يقيناً آدمي هاڻي گھڻو سُڌري چڪو هوندو!

تنهنڪري شاعر کي ان ڳالھ جو ارمان ضرور رهندو سندس اڪ ان ڳالھ جي ڪري آلي رهندي، اها ڪا نا اُميدي يا مايوسي ناهي ليڪن Tragedy ضرور آهي.

جُهڙ جي موسم ناهي پو ٻي،
نيڻن مان برسات وسي پئي.

شعر ۾ آيل هر ڳالھ يا هر احساس ضروري ناهي تہ شاعر جو ذاتي هجي حقيقتن، مسئلن ۽ احساسن جو هڪ وڏو دائرو هوندو آهي، جنهن کي نہ رڳو شاعر پر هر سمجھ ۽ شعور وارو سمجهندو ۽ محسوس ڪندو آهي.

پياريوسين جنين کي کير تي، پنهنجي هٿن سان،
ڏهاڙي ڏنگ پيا هڻندا، ائين مون کونہ هو ڄاتو.

’جڏهن ڪڏهن سنڌڙي توکي قنڌارئون دوکو‘ واري چوڻي تہ گهڻو مشهور ۽ پراڻي آهي، پر عبد صاحب هڪ ٻئي طرف ڏانهن بہ اشارو ڪيو

آهي ۽ ان طرف ڪان آيل ساڙُو ڀاري جهڙي لهر جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن ڪي خزان سان ڀيٽيو ويو آهي. جنهن وطن جا وڻن ٽڻ ساڙي رکيا آهن ۽ سنڌي زبان ۽ ڪلچر کي هاڃو رسايو آهي. ۽ قوم کي ڀَڳل هڏي جهڙي سُور ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي.

اسانجي باغ تي اُلري خزائون آيون اوير ڪان.
وطن جا وڻ پيا سڙندا. ائين مون ڪونہ هو ڄاتو.

هن مجموعي ۾ ڏنل وايون گهڻو ڪري ڇند بجاءِ عروضي بحرن ۽ وزنن تي آڌاريل آهن. جن کي پڙهي، لڳي ٿو تہ عبد صاحب بيت ۽ وائي، جيڪي ڪلاسيڪل صنفون آهن، انهن تي يا تہ ايترو توجهہ ناهي ڏنو يا ايترو ٽائيم ناهي ڏنو جو اهي سندس اينتي تي ناهن چڙهي سگهيون. جيڪڏهن سندس شعوري تجربو آهي. تڏهن. بہ تجربي اها ڪوشش وائيءَ کي اهو ڀرپور حُسن ناهي ڏيئي سگهي. تنهنڪري اهو چئي سگهجي ٿو تہ. عبد صاحب غزل ۽ نظم جو شاعر آهي، سندس غزل ۾ سادگيءَ جو حُسن ۽ رواني آهي، سندس ڪجهہ غزل تہ دادن فقير جي ڪلام جهڙي رواني سان ڀريا پيا آهن. جن کي پڙهڻ سان عاشقيءَ جي نماڻائي ۽ شاعر جي دل جي سادگيءَ جي صورت اڳيان اُڀري ٿي اچي:

دل کي تنهنجي قرب جو قيدي بنايو ٿو وتان.
پِرت جو توساڻ پُختو پيچ پايون ٿو وتان.

منهنجي مارڻ لئہ تک تلوار کي چو ٿو ڪرين.
تيز ابرن کان اڳيئي سِر ڪٽايون ٿو وتان.

❊

دل ڪي خبر هجي تي دل جي عذاب جي،
حالت ٻڌايان ڇا دلِ خانہ خراب جي.

تنهنجي اکين جا ڳوڙها، ڪري پيا قطار ۾،
سي پي ويس مان سُرڪي سمجهي شراب جي.

⁂

اتي اقرار يا انڪار جي ڪهڙي ضرورت آ،
جي ڏيندا زهر جا پيالا تہ پي ويندا پيڻ وارا.

ڪنهن بہ شاعر لاءِ قبوليت واري ۽ ڪارگر راءِ سندس پڙهندڙن جي آهي، ۽ سندس جاءِ بہ پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جي دل ۾ ئي هوندي آهي، باقي آءٌ ذاتي طور عبد صاحب کي هڪ باوقار استاد ۽ باضمير شاعر چوندي ۽ ڏسندي تمام گهڻي خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان.

**علي دوست عاجز**

حيدرآباد

30_9_2011

○

## نئين ٿهيءَ کي اتساهه ڏيندڙ ذات ۽ ڏانءَ جي دولت ۾ شاهوڪار شاعر عبد مگسي

سنڌ ڌرتي سدائين سُرهي ۽ سوڀاري رهي آهي ۽ رهندي پئي اچي. هن جنتي منظر کي هتان جي مؤرخن عالمن، اديبن ۽ شاعرن پنهنجي پنهنجي انداز ۾ پيٿا ڏني آهي. ڀهراڙيءَ جي ڳوٺ سوڀو خان مگسي کي ڪڪائين جهوپڙي ۾ جنم ونندڙ ننڍڙو ماڻهو، غربت جي لڪيرن کان اڳي وڌي ڪيئن نہ پنهنجي بهترين ڪردار سان تمام شاهوڪار ٿو ڏسجي. علم ادب، ذات ۽ ڏانءِ جي حيثيت ۾ ڇو تہ ذات جي دولت ٻي ظاهري دولت کان وڌيڪ اهم آهي.

عبد مگسي ڇپر ۽ ڇن ۾ جنم ونئي اهڙي تہ اَمرتا ماڻي آهي جو سندس نالو جنم ڀومي جي گهٽين کان وڌي، سنڌ جي هر وسندي واهڻ، شهرن تائين هڪ استاد ۽ شاعر جي حيثيت ۾ گونجندو رهي ٿو. سندس ذات جي دولت شاعري جي روپ ۾ وڌندي رهي ٿي. عبد مگسي اسحاق راهي، نشتر ناٿن شاهي شمسي ۽ جوهر بروهيءَ جي تمام پيارن ۽ مجيل شاگردن/شاعرن مان آهي. سندس شاعري جي راهي صاحب شمسي ۽ دادن فقير جي جهلڪ نمايان نظر اچي ٿي. راهي ۽ عبد جي هڪ ٻئي کانسواءِ سرندي ڪانہ هئي. ڪڏهن عبد واهي وٺ تہ ڪڏهن راهي عيد وٺ. سندن پريت جو پيچ اهڙو

تہ اٽيل هو جو آخري دم تائين بہ نہ هو هو. سنڌي ادبي سنگت پاران، عبد مگسي پنهنجي هڙان وڙان ڳوٺ سوبو خان مگسيءَ ۾ ايترا تہ علمي ادبي ۽ ثقافتي پروگرام ڪوٺايا، جن جو مثال ئي نٿو ملي. مشاعرا، ليڪچر، رهاڻيون، مهورتون ۽ ورسيون ملهائي، پنهنجي لولي، ثقافت ۽ قوم جي سڃاڻپ برقرار رکي ۽ ڳوٺ کي ملڪان ملڪ مشهور ڪيو اتائين سنڌي ادب جي وڏن نالن کي ڳوٺ ۽ آسپاس جي ماڻهن سان متعارف ڪرايائين. عبد پاڻ بہ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٿيندڙ محفلن ۽ مشاعرن ۾ جسم شرڪت ڪندو رهي ٿو. نئين نسل کي نئين ٿهيءَ کي پنهنجي ٻولي، ادب سان پيار رکڻ لاءِ اتساهيندو رهي ٿو. ڪتاب پڙهڻ جي تلقين ڪندو رهي ٿو. پاڻ نظم چوسٽي ۽ غزل جو پيارو ۽ پلوڙ شاعر آهي. هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. سندس ڪهاڻيون، مضمون، تاثر ۽ شاعري سنڌ جي سيني رسالن، مئگزينن ۽ سيني اخبارن ۾ شايع ٿي آهي ۽ شايع ٿيندي رهي ٿي.

عبد مگسي سنڌ جي هاري، ناري، محنت ڪش ۽ نئين نسل کي اونداهيءَ جي اوجهڙ مان ڪڍي، سڄاڳيءَ جو سڏ ڏيندو رهي ٿو.

هوڏي ڏس هو سنڌ لٽن ٿا.
دهشتگردن جا سپ ٽولا.
پير سنيالي رکٽو آهي
راهہ ۾ پوکيل آهن ڀالا.

عبد مگسي هر ادبي محفل ۾ هشاش بشاش ۽ پر اعتماد نظر ايندو آهي. محبت ۾ سچائي جو قائل هئڻ سبب کيس الله پاڪ حقيقي محبوب ۽ پنهنجي گهر جي ديدار جو شرف بخشيو آهي. ۽ دل جي حسرت پوري ڪئي آهي. تڏهن تہ چيو اٿائين تہ:

نيٺ پوري دل جي حسرت ٿي وئي.
اڄ رُخ انور جي زيارت ٿي وئي.
تو نگاهہ شوق سان مرڪي ڏنو
مهربان مون تي آ قدرت ٿي وئي.

عبد انسانيت جو پرستار آهي. پاڻ خوش اخلاق، خوش پوشاڪ ملڻو جلڻو يار ويس، مهمانوان منهن تي سدائين مرڪ رکڻ وارو صبر ۽ درگذر ڪرڻ وارو انسان آهي. غريبن، مسڪينن ماروئڙن جو هڏ ڏوکي آهي.

خوشين جو ذڪر ڇيڙ پلي غير سان مگر،
مون سان اي يار، حسرت ۽ ارمان جي ڳالهه ڪر.
ناصح نہ ڇيڙ ذڪر ايمان ڪفر جو
مون سان ڪرين تہ عظمت انسان جي ڳالهه ڪر.

مطلب تہ عبد مگسيءَ تي الله تعاليٰ جي ڪرم نوازي آهي. ڪيس ذات بہ آهي تہ ذانءُ بہ. هي ذاتيار اسان جي ڌرتيءَ جي پلوڙ سونهن ۽ سچ سان پيار ڪندڙ شاعرن مان هڪ آهي. سندس شاعري نئين ٿهي کي اتساهہ بخشي ٿي. ان مان لاڀ حاصل ڪن ٿا. سندس شاعري ۾ سوز گداز ۽ سرور آهي. عبد سنڌ جي ننڍي وڏي شاعر کي چاڻي سڃاڻي- ناميارن شاعرن اديبن سان ميل ملاقات ڪئي اٿس ۽ سندن صحبت مان گهڻو ڪجهہ حاصل ڪيو اٿائين. سنڌ جي سيني بزرگن، جو ديدار پڻ ڪيو اٿس. پاڪستان جي چئني صوبن جو سيرو تفريح بہ نصيب ٿيو اٿس ڪيترن فنڪارن سندس ڪلام ڳايو آهي. آءُ عبد مگسيءَ لاءِ هيئن چوندس.

عبد کي الله ڏني اهڙي ذات ۽ ذانءُ
منهن ۾ مسڪراهٽ ۽ دل جو ٿڌو ٿانءُ
ڦاٽي هر ڪنهن جو هيانءُ، ٿو ڏيپر تنهن جي ڏسڻ ڪاڻ.

سندس ڪردار تي بہ تي بيت ۽ چوسٽا چوان تہ بهتر:

سنڌي پڙهي سوپي مگسي ۾ وري انگريزي تي آيو.
جنهن شاهہ پنجي ۾ شوق مان پير اڇي هو پايو
عبد ماڻي انعام اُتي هو پاڻ محبوب ملهايو
جنهن رکي روح رايو- ماڻيو پنهن جي منزل کي.

آخر ۾ دعا ڪندس تہ عبد مگسي اچان بہ گهڻي ڪان گهڻو لکي، پنهنجي ڌرتي ۽ سنڌ سر تي کي زرخيز ڪري انشاءَ الله سندس هي پهريون ڪتاب وڏي ميجتا ماڻيندو ۽ بوليءَ طرف قدم اڳتي ثابت ٿيندو.

ياري رکيم يار سان سمجهي ۽ سوچي،
اُهو لعل لوچي- لڌو محبوب لوڪ ۾.

سگهڙ شاعر:

**محبوب ڏيپر ميهڙ**

○

# آزادي اڻتر:

## عبد مگسي جي شاعري تي هڪ نظر

فرد واحد جڏهن پنهنجي آس پاس ۾ ٿيندڙ چرپر کي ڏسي ٿي، پوءِ سمجهه: سوچ لوچ جيڪا هُن کي حاصل ٿئي ٿي اُن کي پوءِ هو اظهار ۽ بيان جا جتن ڪندي نيٺ هڪ وقت اهڙو به اچي ٿو جو پوءِ هن جي ذهن ۾ خيال جمع ٿيندا وڃن ٿا پوءِ انهن کي قلمبند ڪرڻ شروع ڪري ٿو. پوءِ اهي ڪچا پڪا خيال اڳتي رچي ريتو ٿين ٿا تہ پوءِ انهن ٻولن کي سُر تال ۽ سهڻي آواز سبب از خود دل مان واهه واهه نڪريو وڃي. انهن نظمن، گيتن کي ذات کان اجتماعيت جو روپ ڌاري عظمت ماڻين ٿا.

ان سفر ۾ پوءِ اهو بہ ضروري ناهي شاعري هجي يا نثر تہ ان مٿان شهرت بہ مهربان ٿئي. پر جيئن تہ پل ڇو نہ سادو سودو اظهار ڇو نہ هجي پر هڪ سرجڻهار، تخليقڪار جيستائين متاثر نٿو ٿئي. تيستائين هن وٽ ذهن ۾ جنبش پيدا نہ ٿيندي. جڏهن بہ هن تخليقڪار مٿان ديوي شاعريءَ جو روپ ڌاري نازل ٿئي ٿي تہ پوءِ بات ئي ناهي.

ان لکڻ جي دنيا جهان ۾ ميهڙ جي ميندي جي رڱ وانگر هن وٽ بہ ڪيئي رنگ گل، پوپٽي رنگ تہ ڪڏهن ڪارا نيڻ، جواني جون قاتل ادائون، ڪٿي پرينءَ پاري جي ادائون تہ ڪٿي بيوفائون، چال چلت تي موت، ڏند موتي داڻا، ڇاتي موڪري، ان تي جواني جو اُپار، لڱن تي چگهہ تہ ڪٿي لال لبن تي ميندي جهڙو رنگ سي سنهڙا جڏهن جو مسڪرائڻ جي لاءِ لکن تہ پوءِ ڇا نہ ظلم ٿيندو. ان مهجبين نازڪ نازنين جي قربتن حاصل ڪرڻ وارو دور بہ هر هڪ مٿان ايندو آهي. ان رنگ ۾ هن سرجڻهار عبدالستار عبد مگسي کي ضرور کان ضرور متاثر ڪيو ٿو ڏسجي ان دور ۾ رات جو

چانڊوڪي ۾ جاڳ ان سُپرين سان ڇڙڪ مخاطب ٿيندو هجي ان جا ساٿي ستارا دل کي موهي پرين ڏانهن وٺي هلن ٿا:

چنڊ چوڏهين جيان ٿي تو اُبرين پرين
جنهن بہ گهر ۾ گهتيءَ مان تو گذرين.

چاهہ تنهن جي ۾ سڀ تي پون ٿا چريان،
ويس پهري نوان جيئن تو نڪرين پرين.

تون ڪلين تو تہ گلڙا نڙي ٿا پون،
من تو مهڪي پوي جي تو مرڪين پرين.

اهڙو هڪ احساس عبد مگسي جو وري پڙهي ٿا ڏسون.

نيڻ وسندا رهيا، پاند پسندا رهيا
زخم اُجڙي پيا، چاڪ چمڪندا رهيا
ڳڻ ۾ ڳالهيون جڏهن ياد تنهن جون پيون
پور پوندا رهيا، سُور وڌندا رهيا.

ان پس منظر ۾ سرجڻهار عبد مگسي جو هڪ بيو خيال بہ پڙهڻ وٽان آهي:

چاهہ مان چُپ چاپ ۾، چميون ڏين بئي چپ پيا
نيهن مان جيئن نانءُ تنهن جو تو ڪٺان اي دلربا.

ان پيار کان اڳتي وڌندي پلوڙ احساسن سان هي مرڪندڙ جرڪندڙ مک وارو سرجڻهار پوءِ وري احساس ذميواري کي محسوس ڪندي اجتماعي مسئلن تي بہ طبع آزمائي ڪندي هڪ سنڌ جي اهم ۾ گادي واري شهر تي پنهنجي نظر سان ڏسندي اظهار ڪري ٿو جيڪو ڪراچي شهر ڪلهہ بہ مسئلو هيو ۽ اج بہ ورهاڱي جي واءَ تائين وڃي پهتو آهي. ان تي هڪ خيال پڙهي ڏسون ٿا:

مانجهي مرد مٿير مرن ٿا،
پوءِ بہ تون خاموش رهين ٿو.
پوءِ بہ تون خاموش رهي ٿو

گولين جا هٽ مينهن رسن ٿا.

ان ماحول منظر کي شاعر 90_88ع جي ڏهاڪي جي پس منظر ۾ لکيو آهي پر اڄ ان کان بہ وڌيڪ خراب صورتحال آهي باقي تعليم، صحت، ادارا، پوليس، امن امان جي خراب صورتحال ۽ سنڌ جي ورهاڱي جهڙا ڪڏا ڪم بہ ڪريو ڇڏين! ان پس منظر جي شروع کان قلم ڌڻي مزاحمت ڪندا آيا آهن ۽ ڪافي سال پهرين عبد اهڙو هڪ اظهار هيئن ڪيو آهي:

پٽ ڌڻيءَ جي ڌرتي تي ٿا ڏاڙا روز لڳن.
ڪيئن سانگي سک سهن
سنڌڙي کي ورهائڻ جي لئہ ناهيان ناهہ نڳن.
ڪيئن سانگي سک سهن.

ڌرتي سرتيءَ جو هڪ سرجڻهار گس بہ ڏيندو ٿو هلي تہ قومي بهتري ۽ ڀلائي جي لاءِ سيني ماڻهن کي مڙي مٺ ٿيڻو پوندو ۽ اهو ئي اجتماعي طور تي سنڌ جي لاءِ ڪارگر ثابت ٿيندو سا آهي مشڪل ۽ اڻانگي راهہ جي واٽ اڄان بچي تي ان ماحول کي سرجڻهار هيئن ٿو چئي،

لاٽ مان لاٽ ٻري وچي روشن ٿئي گهر،
آزادي اٽَر_
ويهي رهہ نہ ويسلو ناهي رک ٿمر،
آزادي اٽَر_

ان صلاح مشوري کان پوءِ بہ هن وٽ هڪ منزل لاءِ هڪ بيو مورچو نظر اچي ٿو سو آهي ثقافتي حوالي سان هڪ خيال جيڪو بہ ڏهاڪا پهرين لکيو هُيو ۽ اڄ بہ سنڌ ڌرتي جيڪا يرغمال بڻيل آهي. ۽ سنڌ جي ٻولي، وڏا شهر، نوڪريون ۽ ميرٽ جو نالو هٿان نظر اچي. عورتن تي تشدد، راند جي ميدان ۾ ڪارڪردگي ٻڙي آهي ۽ ايندڙ وقت ۾ ڪا چڱي تبديلي ايندي سو بہ في الحال ممڪن ناهي.

ان صورتحال جو عبد مگسي اظهار هيئن پيش ڪري ٿو:

هوڏي ڏس هو سنڌ لٽن ٿا

دهشتگردن جا سپ تولا۔
حڪم نہ هلندو هاٽي تنهنجو
آزاد آهيون، ناهيون گولا۔
سنڌي ٽوپي اجرڪ وارا
نڪري پوندا ناهي تولا۔

اهي جملا اج بہ ايڪتا ڏهاڙي جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿا. قلم ڪارن جي نظر ۾ دور انديشي جو بہ ڏس ملي ٿو.

هي سرجڻهار بنيادي طور تي تعليم سان سلهاڙيل آهي. عبد مگسي اسان جو هڪ سيبتو سهڻو انسان تنهن جو پنهن جي وت وس آهر پنهنجو علمي ادبي پورهيو اسان کي پڙهڻ جي لاءِ پيش ڪجي ٿو. جنهن ۾ نظم، غزل، حمد، نعت. ٽيڙو ۽ بين صنفن تي شاعر جي طبع آزمائي ڪيل آهي انهن مان ڪافي نرم نرم دل کي ڇُهندڙ احساس اندر ڇوليون هڻندي نظر اچن ٿا ۽ دل کي راحت ۽ سڪون بخشين ٿا. هڪ سني ڪوشش ۽ جذبو اندر موجود آهي. پڙهندڙن کي ضرور پسند ايندو!!

**عبدالواحد سومرو**

○

## ميھڙ جي مٽيءَ جو محبتي ۽ مزاحمتي شاعر ”عبد“ مگسي

شاعري سونهن پيار ۽ انسانيت جي تبليغ هن سڄي سنسار ۾ روز ازل کان ڪندي پئي اچي هر شاعر پنهنجي ذات، ڏانءُ، سمجهه ۽ پنهنجي اندر ۾ سمايل علم آهر پنهنجي ياڳي جو پيغام ماڻهن جي دلين ۾ پهچائي ٿو. سنڌ جي ڌرتي علم ادب ۽ شاعري جي حوالي سان تمام گهڻي زرخيز ۽ مالا مال آهي، صوفي، ڪلاسيڪل توڙي جديد سنڌي شاعري هجي هر ذات ڏٺي پنهنجي سمجهه، علم ۽ ذات آهر پنهنجو پاڻ ملهايو آهي دادو ضلعي جو ميهڙ تعلقو علم ادب جي حوالي سان ماضي توڙي حال ۾ پنهنجي جدا سڃاڻپ رکيون پيو اچي اسحاق راهي، ناظم منگي ۽ جوهر بروهي جي باريل لاٽ جي تسلسل کي جاري رکندڙ سنڌي ٻولي جو ساڃاهه وند خوبصورت اربيلو شاعر عبدالستار ”عبد“ مگسي به هڪ آهي، جيڪو پاڻ پنهنجي ذات ۾ هڪ اداري جي حيثيت رکي ٿو ميهڙ کان اوڀر طرف نئين ڳوٺ ويندڙ روڊ پرسان ڪڇي جي سرحدي علائقي ويجهو هڪ مثالي ڳوٺ سوڀو خان مگسي ۾ جنم ونندڙ هي اسان جو سيبتو شاعر آهي، جنهن جي شاعري سنڌي ٻولي ۾ نڪرندڙ معياري رسالن مئگزينن ۽ ادبي صفحن ۾ ڇپجي چڪي آهي. سندس جي ڪلامن کي مختلف راڳين پنهنجي پرسوز منڙي آواز ۾ پڻ ڳايو آهي. سنڌ جي قومي جلسن توڙي ادبي پروگرامن ۾ پنهنجي رومانوي توڙي قومي مزاحمتي شاعري پيش ڪري پنهنجو پاڻ مڃايو آهي، استاد جهڙي پيغمبري پيشي سان واسطو رکندڙ جاکوڙي شاعر جي چونڊ شاعري پڙهندڙن آڏو پيش ڪجي ٿي.

تون حسين قدرت جو آهين شاهڪار،
واهه! قدرت جي ڏنم ڪاريگري.

جنهن کي هٿ لاتئي اهو ٿي سون پيو
تنهنجي هٿ ۾ ڪيڏي آ ڪيميا گري

مٿين سِٽن ۾ محبوب جي سونهن جي ثنا ۽ قدرت واري جي ڪاريگري جو هي ڪلاسيڪل خيال آهي، جنهن کي هر دؤر جو شاعر پنهنجي دل جي صدا سمجهي ورنائيندو رهندو. ”عبد“ مگسي جي شاعري ۾ انسان دوستي، پيار، امن ۽ مزاحمت جو گڏيل رنگ ملي ٿو. ”عبد“ مگسي جو سولو سادو لهجو جنهن ۾ اعليٰ فڪر سمايل آهي، جيڪو پڙهندڙ توڙي ٻڌندڙ تي پنهنجو نرالو اثر وجهي ٿو. هتي هوشوءَ واري هڪل ڏيندي سائين ”عبد“ مگسي چوي ٿو تہ:

پل سَوَين سوريون پيون سينگار جن
سچ سوريءَ تي چوڻ ايندو اتم
هٿ ٽنگڻ کي عيب سمجهان ٿو وري
حق ڇني پنهنجو وٺڻ ايندو اتم.

مٿي ڏنل سِٽن ۾ ”عبد“ مگسي منصور جي ان الحق واري رمز بہ آهي تہ وري صوفي شاهہ عنايت شهيد جهوڪ واري جو فلسفو بہ سمايل آهي، ڊاڪٽر تنوير عباسي تصوف تي ليڪچر ڏيندي هڪ خوبصورت ڳالهہ ڪئي هئي تہ سنڌي ماڻهوءَ کي اوهان ڦولهيندا رهو بظاهر هو ڪهڙي بہ فقه، مسلڪ سان هجي پر آخر ۾ هو صوفي ثابت ٿيندو. اهو سنڌ ڌرتيءَ جي مٽيءَ جي خمير جو اثر آهي. سچار باضمير ليکڪ هميشہ سچائي جو پوئلڳ هجي ٿو جيڪي سچائي خاطر پنهنجي جان جي پرواهہ نہ ڪندا آهن، اهڙن ئي سچارن لاءِ سائين ”عبد“ مگسي هيئن چوي ٿو تہ:

دار تي تا چڙهن مُرڪي،
رنگ اهڙو رتو آهي.

ڪنهن تہ سقراط جيان پيتو،
زهر جو پُر وٽو آهي.
”عبد“ سوچين پيو چاچا،
سج ايري لٿو آهي.

شاعر ۾ محبوب سان همڪلام ٿيڻ جو انداز هر شاعر جو پنهنجو پنهنجو ٿيندو آهي، جنهن ۾ هو پنهنجي مزاج ۽ ماحول مطابق پنهنجا احساس اوتيندو آهي.

نظرن جي وڻ ويڙهي ٻڌجي،
دل کي خوب وڪوڙي ويو آن.
”عبد“ جي دل جو ڪلندي ڪلندي،
اوڪو راز پروڙي ويو آن.

مٿين سِٽن ۾ ”عبد“ مگسي جي نظر جي وڻ ويڙهي اواري تشبيهہ ڳوناڻي ماحول جي عڪاسي ڪري ٿي، تمام خوبصورت ۽ نڪور تشبيهہ ڏني آهي، پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ ”عبد“ مگسي جون سولي سادي لهجي ۾ چيل مٿيون سِٽون پيار ڪندڙ دلين تي سنئون سڌو اثر انداز ٿينديون.

مسلمان مُردا جلائيندا ناهن.
مگر تون تہ جيئري جلائڻ ٿو چاهين.
منهنجي ابتدا تون منهنجي انتها تون.
سبب ڪهڙي سهٽا ڀُلائڻ ٿو چاهين.
پري پاڻ کان ڪين ڪر يار پيارا،
اهي فاصلا ڇو وڌائڻ ٿو چاهين.

”عبد“ مگسي جي مٿي ڏنل سِٽن ۾ پنهنجي محبوب سان بيحد پيار ۽ سِڪ جو پيغام سمايل آهي، جنهن ۾ پيار، سِڪ، نماڻائي ۽ عاجزي سان

پنهنجي محبوب کان پري، رهڻ جو سبب پڇي ٿو. "عبد" مگسي جي مسلمان مُردا جلائڻ واري تشبيهه پڻ نکور ۽ اڻ ڇُهيل تشبيهه آهي. جنهن کي شاعر پنهنجي تخليقي آرٽ جي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ ڪلاسيڪل فڪر سمايل آهي، جنهن تہ ڪڏهن بہ زوال نہ اچڻو آهي.

وساري سيئي ويچا گڏجي رهو سپ،
گذاريو ٿا جيون ڇو جهيڙن جهڻن ۾.
خدارا! اکيون کولي سوچيو اي ساٿي،
وهي واپري ڇا رهيو آ وطن ۾.

مٿين پيش ڪيل سِٽن ۾ "عبد" مگسي موجوده قبيلائي برادرين جي تڪرارن ۽ بيگناهہ قتل ٿيندڙ جانين تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي انسانيت جي سجاڳي ۽ امن محبت جو پيغام ڏنو آهي. هڪ ساچاهہ وند شاعر کان موجوده حالتن ۾ سنڌ ۽ سنڌ واسي اهڙي ئي اميد رکي سگهن ٿا.

اونداهيءَ جو اَنتُ اچي ويو
هوڏي ڏِس هو باک ڦٽي ٿي.
سچ جي مچ تي مانجهي مِڙيا،
آزاديءَ جي راند رچي ٿي.

مايوسي ڪفر آهي، سچ ۽ حق لئہ لکندڙ شاعر ڪڏهن بہ مايوسي جو شڪار نہ ٿيندا آهن، هميشہ پنهنجي ماڻهن جا حوصلا بلند رکڻ لاءِ اُتساهيندا رهندا آهن. توڙي جو پنهنجي سنڌ ڏرتي هن وقت اڻ کٽ مسئلن جو شڪار ٿيل آهي، سنڌ جو ماڻهو اڻ اعلانيل طور غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي. اهڙي نازڪ گهڙين ۾ "عبد" مگسي جون مٿيون سِٽون ڪنهن حد تائين حوصلي جي ڍال بڻجي نئين جذبي جوش اُتساهہ سان اڳتي وڌڻ پنهنجي منزل ماڻڻ لاءِ سنڌ جي سرويچ حلالي سپوتن کي همٿائي

رهيون آهن. اسان جو ”عبد“ مگسي سنڌي ٻولي جو سهڻو شاعر آهي، جنهن جي شاعري ۾ علم عروض جي پختگي توڙي فڪري پختگي چٽي نموني سان ڏسي، توڙي پرکي سگهجي ٿي، ”عبد“ مگسي جي پنهنجي ڳوٺ سوبو مگسي ۾ ھاريل علم اَدب جي لاٽ جنهن مان علائقي جي نون لکندڙن کي سائين ”عبد“ مگسي ڀرپور نموني سان سهڪار توڙي اُتساهہ ڏيندو رهي ٿو ”عبد“ مگسي هڪ خودار بيباڪ ليکڪ آهي. جنهن نظم سان گڏ نثر ۾ پڻ سنو ۽ معياري نثر. ڪهاڻيون مضمون ۽ مقالا پڻ لکيا آهن. ”عبد“ مگسي محبت پائي من ۾ جيڪي رندا روڙيا آهن، اميد تہ سنڌي ٻولي جي پڙهندڙن گهڻگهُرن وتن مانائتي موت ماڻيندا ”عبد“ مگسي جهڙي جاکوڙ محبتي انسان تي اسان ميهڙ تعلقي واسين کي ناز آهي، تہ سائين ”عبد“ مگسي جهڙي شاعر اسان جي زرخيز مٽي مان جنم ورتو آهي.

**گوهر ”گل“ ڳورڙ**

○

# یادگار فوٹو

# البم



غلام حسين ڏيپر، اسحاق راهي، عبد مگسي، جبار تاثير، انجنيئر ۽ پيا دوست



زاهد سهارڻ، عبد مگسي، احمد خان مدهوش، قمر يان، نشتر ناٿن شاهي، بخشل
لدّاڻي، پيرل پرديسي، رضوان ۽ احسان عبد مگسي



عبيد لاکير، ڊاڪٽر قادم حسين، عبد مگسي ، ممتاز ۽ امتياز سولنگي



عبد مگسي، بسمل راڏٽائي، ڊاڪٽر قربان جهتيال، نشتر ناٿن شاهي ، صادق لغاري

معصوم بخاري، مانجهي، منظور ديدار دانش، امتياز عادل، شمن لاکير ۽ ٻيا



محمد قاسم، سانول عزيز مگسي، جمال چنه، ذوالفقار، زاهد ناريجو، عبد مگسي
عبيد لاکير، سيف اعوان، محمد قاسم، مشتاق ۽ رفيق ساهڙ



صحافي گل حسن جانوري، دلدار راڏٿائي، عبيد لاکير، عبد مگسي
عبدالوحيد ڪلهوڙو، ۽ ٻيا دوست

صحرا ۾ سج

عبد مگسي

گلشن



پريت جي پيڙَ، جڏهن دل جي دنيا کي ڏوڏي ۽ ڏونڊاڙي ٿي، تڏهن من جو پَنڇي اُڻ تُڻ ۾ آتر ويلا ۾ ڪُوڪي ۽ ڪَرڪِي درديلي دانهن ڪندي، تک ۽ تار توڙي سُرت ۾ سونهن سان جيڪو ڪجهه آلاپي ۽ اظهاري ٿو، تنهن کي درد مندي جي ديس جا مهان سُخنوري ۾ شاعري سڏي، ساهه سان سانڍيندا آهن.

اسان جي دلبر دوست عبد مگسي بہ پريت جي پيڙ ۾ جيڪي درديليون دانهون ڪيون آهن، اُهي گيتن، غزلن توڙي نظمن جي ويس ۾ اوهان تائين پهتيون آهن. منجهن جيتري ڇيي ۽ ڇَرُ هوندي، اوترو ئي رُوح گرمائي، وجود ۾ واسو ڪنديون.

پروفيسر ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو

عبد مگسيءَ جي سڃاڻپ هڪ شاعر ۽ ليکڪ جي حيثيت سان تہ ضرور آهي، پر سنڌي ادبي سنگت جي ڪارڪن طور بہ هو ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. اِئين ڪٿي چئجي تہ سندس ادبي تربيت بہ سنگت جي پليٽ فارم تان ٿي آهي. عبد جي شاعري بہ سندس شخصيت وانگر سادي ۽ نماڻي آهي، سندس ٻوليءَ مروج، عام فهم ۽ وڻندڙ آهي، ۽ لهجي ۾ عواميت جو رنگ نمايان نظر اچي ٿو. عبد نظم، غزل، واين ۽ ڇوسٽن ۾ پنهنجو تخليقي اظهار ڪيو آهي ۽ فني اعتبار کان انهن صنفن سان سهڻو نڀايو آهي. عبد جي شاعري احساساتي لحاظ کان پڙهندڙن تي اثر ڇڏڻ جي خوبي رکي ٿي ۽ سندس هي شعري مجموعو انهن وٽ ضرور قبوليت ماڻيندو.

پروفيسر ڊاڪٽر ادل سومرو

Rs:- 200/-

# پڙهندڙ نسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، کُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪانءُ، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هڪ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آس رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڀِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهه ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٺين، جيڪي بہ ڪٺين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ.

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‎ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چوڻ چالاڪ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)